# مُقَدِّمَةُ الصَّلوٰةِ

عرف

# ابوالحسن جي سنڌي

مقدمو ۽ تحقيقي متن:

## پروفيسر خديجه بلوچ



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

# مُقَدِّمَةُ الصَّلواةِ

## يا

# ابوالحسن جي سنڌي

مقدمو ۽ تحقيقي متن:
**خديجه بلوچ**
پروفيسر، گورنمينٽ گرلز ڪاليج
حيدرآباد، سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد ، سنڌ
١٤١٤ھ/ ١٩٩٣ع

محققہ جا حق ۽ واسطا قائم

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي تحقيقي ۽ اشاعتي پروگرام جي فروغ لاءِ
محققہ طرفان هي پهريون ڇاپو بنا معاوضي اداري جي حوالي ڪيو ويو.

ڇاپو: پهريون

سال: ۱۴۱۴ھ/ ۱۹۹۳ع

تعداد: هڪ هزار

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: ۵۰ روپيا

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ- وي

حيدرآباد

۽

مرڪزي ڪتاب گھر نمبر۹۷۲،

گل شاه محلو، گاڏي کاتو

حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي
سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي فضلي سنز (پرائيويٽ) لميٽڊ ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# عنوانن جي فهرست


مهاڳ — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مقدمو — پروفيسر خديجه بلوچ

ستون نمبر

## ڪتاب جو متن

مصنف طرفان ديباچو

| | |
|---|---|
| نماز جي اهميت ۽ تاڪيد بابت ٻه حديثون | ١ -٢٦ |
| نماز جي سکڻ جو تاڪيد | ٢٧ – ٥٠ |

## باب پهريون: وضوءَ ۽ غسل جو

| | |
|---|---|
| وضوءَ جا فرض ..... ..... | ٥١ –٦٢ |
| وضوءَ جون سنتون ..... ..... | ٦٣ –٧٢ |
| وضوءَ جا مستحب ..... ..... | ٨٣ –٨٨ |
| وضوءَ جون دعائون ..... ..... | ٨٩ –١٧٦ |
| وضوءَ جو ڀڄڻ جا سبب ..... ..... | ١٧٧ –٢٣١ |
| غسل جا فرض ..... ..... | ٢٣٢ –٢٣٨ |
| غسل جون سنتون ..... ..... | ٢٣٩ –٢٤٦ |
| تَيَمَرَ جا فرض ..... ..... | ٢٤٧ –٢٥٧ |
| تيمر جو ڀڄڻ ..... ..... | ٢٥٨ –٢٦٢ |
| ميت جو غسل ..... ..... | ٢٦٣ –٤٦٠ |
| ميت کي ڪفن ڍڪائڻ ..... ..... | ٤٦١ –٥٥٦ |

ميت جي حفاظت، جنازي نماز ۽ فرض ..... ..... ٥٥٧ -٥٨٦

## باب پيو: نماز جو

نماز جا فرض ..... ..... ٥٨٧ -٦٧٤
نماز جا واجب ..... ..... ٦٧١ -٧١٤
سَهو جي سجدي جا سبب ..... ..... ٧١٥ -٧٤٧
نماز جون سنتون ...... ..... ٧٤٨ -٨٣٣
مردن ۽ عورتن جي نماز جا مسئلا ..... ..... ٨٣٤ -٨٧٣
نماز جا مستحب ..... ..... ٨٧٤ -٨٨٢
مُقتدين جي نماز جا مسئلا ..... ..... ٨٨٣ -٩٢٠
نماز پڄڻ واريون حالتون ..... ..... ٩٢١ -١٢١٦
مصنف طرفان كتاب جي پڇاڙي ..... ..... ١٢١٧ - ١٢٥٥

# مهاڳ

سنڌي ٻوليءَ جو فروغ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو هڪ بنيادي مقصد آهي جنهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تحقيقي مطالعي تي خاص توجهه ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ اهي آڳاٽا تحريري ذخيرا جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ دستاويزي حيثيت رکن ٿا تن کي تلاش ڪرڻ ۽ انهن جي متن کي اصلوڪي صورت ۾ شايع ڪرڻ کي ترجيح ڏني وئي آهي. اداري جي هلندڙ رٿا ۾ هيٺين آڳاٽن ۽ اهم تصنيفن جي اشاعت کي شامل ڪيو ويو آهي.

١. سنڌي ٻوليءَ جا اوٺيتاليهه اوائلي منظوميا. اهي منظوميا ١١ صدي هجري ۾ يا ان کان اڳ تصنيف ٿيا، ۽ ١٠٦٧ –١٠٦٩هه وارن سالن ۾ ڪاتب عزت بن سليمان اتاري گڏ ڪيا. لکت ۾ هيءَ سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ذخيرو آهي جيڪو هن وقت تائين دستياب ٿيو آهي.

٢. ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" جيڪو ٺٽي جي وڏي عالم ۽ استاد ميان ابوالحسن ١١ – صدي هجري جي بالڪل آخر يا ١٢ صدي هجري جي شروع ڌاري تصنيف ڪيو.

٣. ڪتاب "مخدوم ضياء الدين جي سنڌي" جيڪو ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم ضياء الدين (١٠٩١ –١١٧١هه)، "ابوالحسن جي سنڌي" جي مقصدن کي وڌائيندي لکيو.

انهن مان آخري ڪتاب شايع ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي هيءُ ٻيو نمبر ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. پهرئين ڪتاب تي ڪم هلندڙ آهي ۽ سگهوئي شايع ٿيندو.

ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" جيتوڻيڪ گذريل صديءَ ۾ بمبئي مان ليٿو تي ڇپيو، ۽ ان کان پوءِ به ڇاپي هيٺ آيو، مگر ان جو صحيح متن موجود نه هو. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پروفيسر خديجه بلوچ جو شڪر گذار آهي جنهن علمي خذمت خاطر، بنا ڪنهن معاوضي جي، هن ڪتاب جو متن، جيڪو پاڻ وڏي محنت ۽ تحقيق سان تيار ڪيو اٿس، اشاعت لاءِ ڏنو آهي ۽ پڻ ان لاءِ هڪ جامع مقدمو لکيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

٢٦ – جولاءِ ١٩٩٣ع
حيدرآباد– سنڌ

# مقدمو

هن ڪتاب جو مصنف ٺٽي جو مشهور عالم ۽ استاد ميون اَبُوالحَسَن پٽ عبدالعزيز هو. هو ١١ صدي هجري ۾ سال ١٠٢٥هه ڪان اڳ ڄائو ۽ ٻارهين صدي هجري جي اوائلي سالن ۾ وفات ڪيائين. ١٠٨٠ - ١١٠٠هه وارن سالن ۾ هو جيئرو هو، ۽ هن هيءُ ڪتاب ١١ صدي هجري جي آخري سالن ۾ لکيو. ڪتاب جو اصل نالو "مُقَدِّمَةَ الصلواة" هو، پر جئن تہ ميين ابوالحسن رحہ هيءِ ڪتاب عربي يا فارسي بدران سنڌيءَ ۾ لکيو انهيءَ ڪري اهو "ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

هيءِ ڪتاب مختصر ديباچي کان پوءِ، ٻن ٻاڱن ۾ ورهايل آهي ۽ هر ٻاڱي کي مصنف باب ڪري ڄاڻايو آهي. پهريون باب جسم جي پاڪائي لاءِ وضو ۽ غسل جي مسئلن بابت آهي، جنهن جي پوپان ميت کي غسل ڏيڻ ۽ ڪفن ڍڪائڻ جو بيان ٻڻ شامل آهي. ٻيو باب صحيح طريقي سان نماز ادا ڪرڻ لاءِ نماز جي مسئلن کي سمجهڻ بابت آهي.

ٻنهي بابن هيٺ جن خاص موضوعن بابت سمجهاڻٽي ڏنل آهي تن جو تفيصل "عنوانن جي فهرست" هيٺ ڏسڻ گهرجي.ڪتاب ۾ جيڪي مسئلا بيان ڪيل آهن تن جي سمجهاڻڻ جو طريقو هڪ وڏي ڄاڻو استاد وارو آهي جيڪو چڻ شاگرد کي مخاطب ٿي ٿو چوي تہ: هي ڳالهيون هن طرح سمجهہ ۽ هي عمل هن طرح ڪر. هن مختصر ڪتاب کي، جنهن ۾ جملي ١٢٥٥ سٽون آهن، پڙهڻ سان وضو، غسل ۽ نماز جا سڀ مسئلا آساني سان سمجهہ ۾ اچي ٿا وڃن. ايتري قدر ديني تعليم لاءِ، هيءُ هڪ بنيادي درسي ڪتاب هو جيڪو اڍائن سَوَن سالن (١٣٥٠ - ١١٠٠هه) تائين ابتدائيءسطح تي سنڌ جي مڪتبن ۾ پڑهايو ويو.

مصنف جو مقصد هو هر مسئلي کي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ. انهيءَ ڪري سڄي ڪتاب ۾ صاف سليس ٻولي ۽ نج سنڌي لفظ، فقرا ۽ جملا آندائين. پر اها نج سنڌي جيڪا مصنف جي وقت ۾ سنہ ١١٠٠ هجري ڌاري عام فهم هئي، تنهن جا ڪي لفظ ۽ فقرا هن وقت انوکا پيا لڳن. انهيءَ ڪري ڪتاب جي متن کان پوءِ، ضميمي طور اهڙن انوکن لفظن جي ٻٽي شامل ڪئي وئي آهي تہ جيئن پڑهندڙ لاءِ رهنمائي ٿي سگهي. ڪي لفظ اهڙا بہ آهن جن جون مُعنائون وڏيڪ غور طلب آهن.

مصنف ميين ابوالحسن رحہ پاڻ پنهنجي قلم سان هن ڪتاب جو جيڪو متن لکيو سو

موجود ناهي. مگر هن ڪتاب جو سنہ ١١١٥ هجري ۾ لکيل قلمي نسخو سلامت رهيو آهي جيڪو مصنف جي دور کي ويجهي ۾ ويجهو آهي. نہ فقط ايترو پر جيڪي بہ اڳاٽا لکيل سنڌي قلمي ڪتاب هن وقت تائين دستياب ٿيا آهن تن مان ١٠٦٧ -١٠٦٩ هجري وارن سالن ۾ اتاريل اٺيتاليهن منظومين کان پوءِ "ابوالحسن جي سنڌي" جو هي ١١١٥هہ ۾ لکيل نسخو ٻئي نمبر ۾ اڳاٽي ۾ اڳاٽو آهي. پر هي قلمي نسخو بہ يقيني طور ميين ابوالحسن رحہ جو پنهنجو هٿ لکيل ناهي، ڇاڪاڻ جو هن جي لکت ۾ ڪافي غلطيون آهن جن مان ظاهر آهي تہ ڪاتب ڪو ٻيو هو جيڪو ايڏو وڏو ڄاڻو نہ هو.

ميين ابوالحسن رحہ جو تصنيف ڪيل هيءُ ڪتاب علمي لحاظ سان ايڏو تہ اهم هو جو ڪانئس پوءِ سنڌ جي وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ هن جو تنقيدي مطالعو ڪيو، ۽ ڪن ڪن جاين تي اصلاح خاطر وڌيڪ وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهائين. ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب فارسيءَ ۾ "اِصلاحُ مُقَدِمَۃ الصلواۃ" جي نالي سان هڪ جدا رسالو (ڪتابڙو) لکيو جيڪو موجود آهي. مخدوم محمد هاشم رحہ پنهنجي ڪيل اصلاح کي پوءِ جدا طور، ساڳئي ميين ابوالحسن جي نظم وانگر، سنڌي ۾ منظوم ڪيو ۽ پنهنجيون اهي منظوم سنڌي سٽون "ابوالحسن جي سنڌي" واري اصل متن ۾ مناسب جاين تي رکيون. مخدوم محمد هاشم رحہ وارين سٽن سميت "ابوالحسن جي سنڌي" جو اهو متن پوءِ وڌيڪ رائج ٿيو، جو ڏسجي ٿو تہ پوءِ جي لکيل قلمي نسخن توڙي بمبئي مان شايع ٿيل اڳاٽن ڇاپن ۾ مخدوم محمد هاشم رحہ واريون اضافو ڪيل سٽون شامل آهن. اهي جملي اوٺانوي سٽون آهن جيڪي هن متن ۾ [ ] اندر رکيون ويون آهن تہ جئن آساني سان سڃاڻي سگهجن. سنہ ١١١٥هہ واري قلمي نسخي ۾ جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي ان ۾ مخدوم محمد هاشم رحہ واريون سٽون موجود نہ آهن جنهن مان تصديق ٿئي ٿي تہ اهو ميين ابوالحسن واري اصل يا ان جي نقل تان اتاريو ويو.

ميين ابوالحسن پنهنجي هٿ لکيل اصل ڪتاب ۾ جيڪا الف- بي ۽ صورتخطي استعمال ڪئي سا جيتوڻيڪ هوبهو اسان جي آڏو موجود ناهي، پر جئن تہ سنہ ١١١٥هہ وارو دستياب ٿيل نسخو يقيني طور مصنف جي اصل هٿ لکيل يا ان جي نقل جو اتارو آهي انهيءَ ڪري ان ۾ استعمال ٿيل الف- بي ۽ صورتخطي گهٽي حد تائين جڻ ساڳي ميين ابوالحسن واري ڪري سمجهجي جنهن بابت هيٺيان نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

**الف- بي جي اکرن جون صورتون** سنہ ١١١٥ھ واري قلمي نسخي ۾ عربي الف- بي وارا ٺيھہ ٺي اکر ھينئين صورتن ۾ (ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ک ل م ن و ھ ء ي) لکيل آھن. کن نج سنڌي اچارن لاء ھينيان ڇھہ حرف، عربي يا فارسي الف- بي وارين ساڳين صورتن ۾ آندل آھن، يعني تہ اھي نئين سر ناھيل ناھن:

| عربي فارسي صورتن وارا حرف | موجوده الف- بي ۾ اچارن وارا سنڌي حرف |
|---|---|
| ب | = ب، ٻ |
| پ | = پ |
| ج | = ڄ |
| ر | = ڙ |
| ک | = ک، گ، ڳ، گ |
| ک | = گ |
| ن | = ڻ |

ھينيان يارھن اکر باقي سنڌي اُچارن لاءِ نئين سر نَيَن صورتن ۾ آندل آھن:

| | |
|---|---|
| ٻ = ٻ | جھ = جھ |
| ٿ = ٿ | ڏ = ڏ |
| ٽ = ٽ، ٺ | ڎ = ڌ |
| ڄ = ڄ، ڃ | ڊ = ڊ، ڍ |
| ڃ = ڃ | کھ = گھ |
| ڇ = ڇ | |

کن جاين تي "ب" ۽ "پ" کي "ٻ" جي موجوده اچار لاءِ، "ٿ" کي موجوده "ٺ" جي اچار لاءِ، ۽ "ت" کي موجوده ٽ، ٺ يا ٿ جي اچارن لاءِ آندو ويو آھي. پر اھي غلطيون سنہ

ڪن لفظن اندر "آ" واري اُچار ڪي "ؤآ" جي صورت ۾ نروار ڪيو ويو آهي، جئن تہ "ڏؤاري" (ڏٿاري).

اهڙيءَ طرح ندا توڙي تاڪيد واري صورت ۾، لفظن جي آخر ۾ "ه" ڪي ٽيڪ ۽ چٽائي طور آندو ويو آهي، جئن تہ موموناهُ (اي مومنا) ساريجاهُ (تون/ اوهان سار ڪجر)، ڪَجاهُ، ياد (ڪجو)،سڪرهُ (اوهين سڪر) وغيره.

لفظن جي آخر ۾ "ن" جي غُنائي واري آواز (هِنْ، هِيْنْ) ڪي ميم ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي، جئن تہ:

| | |
|---|---|
| جڏهم = جڏهين | سيڪهم = سيڪهين |
| تڏهم = تڏهين | تِهم = تِهين، تِهڙي |

يا وري تنوين ذريعي ادا ڪيو ويو آهي، جئن تہ "پنجًا" = پنجئون، پنجون

گهڻا اهڙا لفظ جيڪي هاڻي "ن" غُني جي اضافي سان اُچارجن ٿا، سي ١١١٥هہ واري دستخط جي ڪاتب "ن" کان سواءِ لکيا آهن، جنهن مان گمان ٿئي ٿو تہ ان وقت ڳالهائڻ ۾ "ن" غني جو اچار گهٽ هو. مثلا:

| | |
|---|---|
| مَهد = مَهند | تِتا = تِتان |
| مُهجو = منهنجو | تِها = تِهان |
| تُهجو = تنهنجو | اُتا = اُتان |
| پَهجو = پنهنجو | مَتا = متان |
| پاهِجا = پانهنجا | پارا = پاران |
| جِه = جِنهن | منجها = منجهان |
| تِه = تنهن | متا = متان |
| ڪا = ڪان | |

ڪن لفظن ۾، "گ" ۽ "ج" جي اُچار کي چِٽي ڪرڻ خاطر اَڏو "ن" وڌايو ويو آهي، جئن تہ:

چَنگيت = چَگيِتَ (چگو تہ)

وَنجي = وجي

پَنجي = پجي

## "ابوالحسن جي سنڌي" ۾ ڪم آندل ٻولي

ميين ابوالحسن هيءَ ڪتاب ارادي طور سنڌيءَ ۾ تصنيف ڪيو ته جيئن نماز جي مسئلن کي سڀ سولائيءَ سان سمجهي سگهن. سندس پنهنجن لفظن ۾، هُن

هي مسئلا نماز جا سارئا سنڌي واءِ
ته مانَ مومن تن کي سکي سهج منجهاءِ

هو عربيءَ جو وڏو عالم هو، پر جڏهن سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جو پَهُ ڪيائين ته ان کي نج سنڌيءَ ۾ لکيائين. اهو هڪ وڏو ڪارنامو هو، ۽ پوءِ ٻين عالمن پڻ اهڙيءَ طرح نج سنڌي ۾ ڪتاب تصنيف ڪيا.

ميين ابوالحسن جو "بيان" جو طريقو پڻ گهٽي، ساراه جوڳو آهي. هن فقهي مسئلا عربي ڪتابن مان ڪڍيا ۽ انهن کي ڀهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ سمجهايا. انهن کي سمجهائڻ لاءِ هڪ عام ترجمي ڪندڙ کي ڏکهي بيان جي ضرورت پوي ها. پر ميين ابوالحسن ترجمي طور سوچڻ واري واٽ ئي ڪانه ورتي. هن عربيءَ ۾ بيان ڪيل مسئلن کي جڻ پنهنجي فهم ۽ فڪر ۾ جذب ڪري، پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ اُن زبان جي مزاج مطابق، پنهنجن لفظن ۽ اصطلاحن ۾ بيان ڪيو: نه فقط ايترو پر عوام جي سمجهه مطابق سولن ۽ ٿورڙن لفظن ۾ بيان ڪيو. تصنيف ۽ تاليف واري اوائلي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان کي اهڙيءَ طرح بيهارڻ جو ٿورڙيءَ عبارت مان گهڻو مطلب نڪري، ساڃڻ هڪ وڏي قابليت هئي. هن وقت، ميين ابوالحسن جو اهو "اختصار ۽ تخفيف وارو بيان" ڪٿي ڪٿي اهڙو ڳتيل ۽ ڳوڙهو ٿو لڳي جو جڏهن ان کي ٻيٽو ڏکهو ڪبو تڏهن معنيٰ جي وڌيڪ وضاحت ٿيندي.

ميين ابوالحسن جي اسلوب بيان جي اينتري وضاحت بعد، هيٺ مختصر طور سندس بيان ۾ اختصار ۽ تخفيف جون صورتون ڏجن ٿيون*:

■ ڪن "مخفف" لفظن جو استعمال جيڪي ان وقت جي ٻوليءَ ۾ عام رائج هئا. مثلاً:

| | |
|---|---|
| تي = تنهن ڪري، تنهن لائي | رکهُون = اسان کي رک (ٻري رک، بچاءِ) |
| جيڪي = يا ته | سِين (۹۲۷) = تائين، سوڌو |
| تا = تان جي | لائي (۹۲۷) = ڪان وِني |
| اُٿون= اٿئون، اسان کي آهي | |

■ ضميري پڇاڙين جو استعمال جيڪو ان وقت جي ٻوليءَ ۾ عام هو:

---

نوٽ: مٿين مثالن ۾ ڏنل انگ سٽن جا آهن.

| ضمير متڪلم | ضمير غائب واحد |
| --- | --- |
| مُهومر (١٣٦) = منهنجو منهن | سَجِداسِ (٦٦٦) = هن جا سجدا |
| اُتمر (١٥٥) = مون تي، منهنجي مٿان | وُضوئوسِ (١٩٧) = هن جو وضو |
| ڪَمايامر (١٧٣) = منهنجيون ڪمايون، جيڪي مون ڪمايا | مَٿِسِ (٤٦٧) = هن جي مٿان |
| ڏَٿِيَمِ (١٦٦) = منهنجا ڏٿي | ٿِينِسِ (٩٠٧) = هن کي ٿين |
| | نَمازاسِ (٩٥٢) = هن جي نماز |

| ضمير حاضر | ضمير غائب جمع |
| --- | --- |
| اَنگوءِ= تنهنجو انگ، عضوو | سيٺن = ساٺن |
| سندوءِ = تنهنجو | |
| سيٺاء = توسان | |
| هوئِي (٣١٢) = توکي هجي | |
| ڪِجِهِين = تون تاڪيد سان ڪجانءِ | |

جدا بيٺل "جي" ۽ "جا" حرفن جي استعمال کان سواءِ اضافي ترڪيبون، جهڙوڪ:

ڪَڪَر ڏِينه (٦٤٤) = ڪڪرن جو ڏينهن، جهڙ وارو ڏينهن

صِراطَ سيرَ = صراط واٽ

دِرپ خدا (٣٥٩) = خدا جو دِرپ

پِرِ اسلام (٦٥٧) = اسلام جي پِرِ

جدا بيٺل جري حرفن کان سواءِ جري ترڪيبون، جيئن ته

ڳَربان مٿي (٦٢) = ڳَربن کان مٿي

ناهيان هيٺ (٧٥٥)= نِهائين کان هيٺ

اختصار ۽ تخفيف وارين مٿين صورتن کان سواءِ ميين ابوالحسن جي بيان ۾ ٺٽي جي مقامي ٻوليءَ جي لهجي وارا تورڙي کي ٻيا انوکا الفاظ استعمال ٿيل آهن جو

---

نوٽ: مٿين مثالن ۾ ڏنل انگ سٽن جا آهن.

اها سندس مادري ٻولي هئي مثلاً:

| | |
|---|---|
| انا(٦٩٠) = اِنهان، انهن کان | سيڻ = ساڻ |
| ٻِني (٦٧٨) = ٻنهي | جِهر = جنهن وير، جنهن وقت |
| تاپي (تان پي) = تہ پڻ | تِهر = تنهن وير، تنهن وقت |
| مِهسِ = منجهس | ٿوڪ = شيءِ |
| پَنرَه = پندرهن | پِرکا = پيرا |
| توءِ = تہ بہ | اُکَڻ = لنگهي وڃڻ |

ان وقت ٺٽي شهر جي لهجي مطابق ڪن لفظن جي پڇاڙي وارا حرف ساڪن (جزم سان) هئا جيئن تہ "مَرْ" (پل تہ)، وَرْ (چڱو تہ)، ڪَرْ (جڻ تہ)، پَرْ، دلْ وغيره.

آخر ۾ اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ ميين ابوالحسن هيءَ ڪتاب منظوم صورت ۾ تصنيف ڪيو تہ جئن پڙهندڙ ان کي ذوق سان پڙهي. هي منظوم تصنيف بيتن جي صورت ۾ آهي، ۽ ان ۾ بيتن جي سٽاءَ واريون اهي سيئي صورتون گهٽو ڪري موجود آهن جيڪي ١٠٦٧ - ١٠٦٩ هجري ۾ اتاريل منظومين جي مجموعي ۾ آهن جن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ صاحب "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ" ۾ ڪيو آهي.

حيدرآباد- سنڌ

**خديجہ بلوچ**

# كِتَابُ مُقَدِّمَةُ الصَّلوٰةِ *

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلمَ: خَمْسُ صَلوٰةٍ اِفْتَرَضَهُنَّ اللهُ تَعَالیٰ عَلَي الْعِبَادِ فَمَنْ صَلّٰهُنَّ لِوَقْتِهِن كَانَ لَهٗ عَلَي اللهِ عَهْدٌ اَنْ يَّغْفِرَلَهٗ وَهُنَّ كَفَّارَاتٌ لِّمَا بَيْنَهُنَّ وَلَوْ اَنَّ نَهْرًا بِبَابِ اَحَدِكُمْ يَغْتَسِلُ فِيْهِ كُلَّ يَوْمٍ خَمْسَ مَرَّاةٍ هَلْ يَبْقيٰ مِنْ دَرِنِهٖ** شَيْءٌ- قَالُوا- "لَاَ" قَالَ فَكَذَالِکَ الصَّلوٰةُ الْخَمْسُ يَمْحُوا اللهُ بِهِنَّ الْخطَايَا وَ اِنَّ خَيْرَ اَعْمَالِكُمُ الصَّلوٰةُ.

تَرجُمو اِنَ حَديثَ جو مَنجهہ زبانَ سِنڌِيَ

[١] چَيئو عَالَمَ كَارَڻِي آڳَـــهَ اُمَّتَ جي

[٢] تہ پَنجَ نَمَازُونْ فَرْضُ ڪِيُون مَولِي مُومِنَنِ تِي

---

* كتاب هتان شروع ٿئي ٿو، قلمي نسخن ۾ هي عنوان ڏنل ناهي. البت ڇاپن ۾ اهڙو عنوان صفحي ٣٠ تي بي ڏنل حديث بعد ڏنل آهي.

** ق - من بكنه.

[٣] جيڪو پڙهندو اُنِ کي وَقْتَ مَنجهہ ساري

[٤] آهي تنه جو بولُ رَبَّ تي تہ مَرهي تهِينْ کي

[٥] پُڻ آهِنِ نمازُون ڪَفّارَتُون ڪارَڻِ گُناهَنِ

[٦] جيڪي گُناهَ ہِنِ نَمازُنِ وِچَ ۾ سي اُنِ سبِنْ ٿا ڇِڻَنِ

[٧] جي هوءِ ڪَهِينْ شَخْصَ کي آن مُؤمِنَن مَنْجهَا

[٨] گَٽِ وَهندڙَ پاڻِيَ جِي دائِمُ دَرَمَهْندا

[٩] جِنْهِ ۾ ڏِيهاڻِي وِهنْجي وَرِئو پَنجَ پيرا

[١٠] تہ ڪَا هُندَ رَهي ميرائِي تنه کي اَنگَڙَنِ مَٿَا.

[١١] تانْ چَيئو صَحابَنِ نَبِيَّ کي يارَسُولَ الله

[١٢] ڪانہ رَهَندِي اُنَ کي ميرائِي اَصْلا

[١٣] تانْ چي اِهڙَوئِيْ حالُ نَمازِيَ جو جو پڙهي پَنجَنِ کا

[١٤] سَبَّ چَٽَنْدِيُونْ اُنِ اُنا مَنَايُون مُورَا

[١٥] پُڻْ جيڪي آهِنِ عَمَلَ خَيْرَ جا صَحِيُ سُونهارا

١۴. ن. سَبَ، ق. سَبِ.

[١٦] نـوُڙي حَـجُّ، ڪِ صدَقوُ، ڪ زَڪَواتُـونْ روزَا

[١٧] ڪِ جِهَادُ ڪَافِرَن سين، ڪِ اُضْحِيُون فِطْرَا

[١٨] ڪِ ڏِئَڻُ بُکئَن اُڃئَن جو، ڪِ ڏِکَڻُ اُگهاڙَا

[١٩] ڪِ تلاوَتَ قُرآنَ جي، ڪِ تَسْـبِيحُونْ ذِڪْـرَا

[٢٠] ڪِ کُوهَ کَٽَاڻُ، مِهْتيبُونْ اَذَاڻُ، ڪ ڪي عَمَلَ بِئَا

[٢١] تہ گهٽُو پِلِي تـَنِ سَـيِّنِ ڪَنَا آهي نَـمَازا

صَدَقَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمْ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قَالَ عَلَيْهِ الصَّلواةُ وَالسَّلاَمُ: اَلصَّلوٰاةُ شَجَرَةٌ ثَمَرُهَا ثَلاَثَةٌ اَوَّلُهَا عِتْقٌ مِنَ النِّيرانِ وَالثَّانِيْ دُخُوْلُ الجِنَانِ وَالثَّالِثُ رُوِيَةُ الرَّحْمٰنِ.*

[هِي تَرجُمُو هِن مَٿِين‌ءَ حَدِيثَ جو.]

---

١٨. ن= ڏِئَڻُ، ق= ڏِرَئَڻُ. ٢١. ن ق. سَيَنِ * ن ۾ متن جو هيءُ حصو پنن ڦاٽڻ سببان پوءِ لکي شامل ڪيل آهي. ان ۾ پوئين ڪاتب، هن بعد هي الفاظ فارسي ۾ لکيا آهن: ”ترجمه اين حديث بزبان سندي.“ تي سگهي ٿو تہ اهي لفظ اصل متن ۾ بہ هجن.

[٢٢] چَيو عَالَمَ ڪَارَڻِيَ آڳَهَ اُمّتَ جي

[٢٣] نَہ نَمَازَ آهِي وَڻَ جِيئڻءَ ڦَرَ تَنھ جَا ٽِري

[٢٤] ڀِھرو چُٽَڻُ ڇِيڙِي ڪَنَا ٻِئو ڀِھَڻُ جَنّتَ ۾ِي

[٢٥] ٽِرئو ڀِسَڻُ لِقَاءُ رَبَّ جو جِنھ کِي جَڳُ سِڪِي

[٢٦] جَا سَڳورِي اهَڙِي سَا ڪوهُ نہ ڪوڙ ڪِجِي.

صَدَقَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ

[٢٧] سَارَاهِجِي سو ڏَٽِي سَندو جِنھ فَرْمَانُ

[٢٨] مَجِئو مِڙَنِي مؤمِنِين آنْدائُونْ اِيمَانُ

[٢٩] تنھ سَارَاهِي سَيَڪو مَنْجھ پَٽَاندَر پَاڻَ

[٣٠] مَاڙهُو، مِرُوْ، پَکَڻُ، پِرِيْ، مَلَڪَ مَت سُجَاڻَ

[٣١] جِيڪِينْ آهِي جِتِ ڪِينْ ڳُجھو ۽ پَڌَرو

[٣٢] سو سَڀُ سَارَاهِي رَبَّ کِي پَاڻَ پَٽَاندرِ ٿو

---

٢٢. ٻمبئي ڇاپي سنہ ١٣٠٢ هہ ۾ ۽ پوءِ ٻين ڇاپن ۾: "آڳَهَ اُمّتَ جي اَجھي."

٢٣. ن. جِيىءَ، ق. جِيءَ. ٣٢. ن. سَڀُ، ق. سَڀِ.

[٣٣] رَحْمَتَ تنْهِ رَحْمٰنَ جي مَٿي مُحَمَّدَ هوءِ

[٣٤] ٻَانهُو ٻِنهِينْ عَالَمِينْ ڄهوْ جنْهِ نہ ڪوْ

[٣٥] ۽ پُڻْ اُتي آلَ تنْهِ اَصْحَابَ اَجْمَعِينَ

[٣٦] سَعِي جِنِ شِيرَنِ جي پِير پُڄِنوْ ڏِينُ

[٣٧] هَاٺِي سُڻُ سُڄَاڻَ تُون هِيئِينْ جي ڪَنَنِ

[٣٨] نہ صَحِيُ پُڇِبوْ سَيُڪوْ ڪَارَڻِ پَاڻَ ڪَمَنِ

[٣٩] پَرَ ٻُڄُ ڀِهْرِينْ قِيامَ ڏِينْه وَحْدَتَ ڏَٺِيَا پوءِ

[٤٠] پُڻْ ڪوْنهِي اِخْتَلاَفُ اِنَ ۾ عَالِمَنِ سَندوْ

[٤١] نَہ ٿِينِدي صَحِيُ صَلواةَ جِي، شَڪُ مَ ڀَائِي ڪوءِ

[٤٢] تَان تہ تَرسِي تنْهِ جا شَرَطَ سَيئِي سڪُ

[٤٣] ڪَنَا ڄِيرِي ڄِيِيينْ پَاڻُ پَراهُون رَکُّ

---

٣٤. اصل= ٻانُو ٻِني. ٣٦. ق. سَعْيُ. دِينَ (نون جي زبر سان) اصل ائين. ٣٧. ن ۾ ڻ ۽ سڄاڻ جي "ڻ" تي جزم ڏنل. ٣٧ –٣٨. "ن" ۾ "ڪنن" ۽ "ڪَمَن" جي نُون تي شد ڪانهي. ٣٨: ق. پُڇِبو. ٣٩. ن. ٻُڄَ، ق. ٻُڄُ. ن ق. ڀِهرِي، ن ق. ڏِيهِ. ٤١. ن. جِي، ق. جِيْ.

[۴۴] شَرْطَ سُجَاڻِي يَادِ ڪَرِ جي نَمَازُنِ جَا

[۴۵] جِنِ رِي سِڪِيِي شَرَطِينْ نَمَازَ نَہ رِهَاءِ ڪَا

[۴۶] جيڪَا نَمَازَ اَگَ ٿِي سِڪِيِي شَرطَنِ رِي

[۴۷] سَا سَيِيئِي بِهَارَ ڪَرِ، ڏَٽِي جَوْ دِرْپُ ڪَرِي

[۴۷/۱] [آهِي اِحْتِيَاطُ اِنَ ۾ مَنجهہ ڪتَابَ لِکِيِ

[۴۷/۲] پُڻْ بِي رِوَايَتَ ۾ ڪِتَابَنِ لِکِئَوْ

[۴۷/۳] نَہ سِڪَڻَ ڏَارَا شَرطَنِ جي نَمَازَ دُرُسْتُ هُوَءِ

[۴۷/۴] مَگَرَ نَہ سِڪَڻَ ۾ اُنَ جي آهِي گُنَاهُہ وَڏو.]

[۴۸] پَرَ ڪَوْنہ اختلافُ اِنَ ۾ عَالِمَن سَنڌَوْ

[۴۹] جيڪِين فَرْضُ نَمَازَ ۾ سِکَڻُ پُڻَ فَرضُ سَوْ

[۵۰] وَاجِبُ سِکَڻُ واجِبِنْ سُنَّتَ سُنَّتُنِ جَوْ

[بَيَانُ وُضُوءَ جي فَرضَنِ جو*]

---

۴۷/۱ کان ۴۷/۴ تائين مخدوم محمّد هاشم رحہ جون اصلاح طور وڌايل سٽون. * هيءَ عنوان قلمي نسخن (ن ق) ۾ ڪونهي، پر بمبئي ڇاپي (۱۳۲۷هہ) ۾ ڏنل آهي ۽ هت پڻ سهوليت خاطر رکيو ويو آهي. اهڙي طرح اڳتي بيا عنوان پڻ ڏنا ويا آهن.

[٥١] هَاڻِي پَڙَهُ وُضُوءَ جا فَـرضَ چوڪَائِي چَارِ
[٥٢] پَڙهِي پَرُوڙِي پَارِ تــون سَبِ سُونهَارِيَ ڪَارِ
[٥٣] تَہ طَاعَتَ تـوَ قَبـُولُ ٿِئِي خَالـِقَ جِيءَ دَربَارِ
[٥٤] "اَلوُضُوءُ مِفتَاحُ الصَّلواةِ" سَارِي ڪَرِ سَنـيَارَ
[٥٥] وُضُو ڪُنجِي نَمازَ جِي، ۽ نَمَازَ بِهشتَ هـوءِ
[٥٦] سَيِّدَ سَرْوَرَ اَنبِيَاءَ نَبِيَّ فَـرمَـايـوَ
[٥٧] مُنهُ، بانهُون، سرَ- مَسَحوَ، ڌُوئَڻُ پيَر ٻَئِي
[٥٨] چِنَڙِي ڏاڙهِي سَبَ پُسَائِڻُ، گهاٽِيَ مَٿان ئِي
[٥٩] تـاٿـپي حَدُون تَنِ جيُون سـڪـِي سِي سُجَاڻُ
[٦٠] مُنـهُ مِڙُوئِي ڌُوءُ تـُون بـانـهُـون اِرڪـنِ سَاڻُ
[٦١] مَـٿي مَـنجهَا چوَٿُـون پَاڱُـو مَڪَڻُ فَـرضُ ڳَڻِجِ
[٦٢] پيـرَ ٻَئِي ڳِرِيَان مَـٿي ڌوَئِي پَاڪُ ڪَرِيـجِ

٥٢. ن. سوهارِيَ. ٥٣. ن. جِيءَ (اٿين). ٥٤. عربي عبارت جي معنيٰ: وضوءَ ڪُنجي نماز جي آهي.٥٩. اصل. تاپي= تہ پڻ. ٦٢. اصل. ڳريا.

[بيان وضوء جي سُنّتن جو]

[٦٣] وَاجِبُ ناهہ وُضُوءَ ۾، پَرَ سُڻُ جي سُنَّتُون

[٦٤] جَنِي پَــڙهِي پَارِبُــون تَــنِي جَنَّتُون

[٦٥] پِهــرَا ڌُوئَڻُ هَٿَ ٻَئِي ڪَرَ ڪَرَائِڻُ بَندَ

[٦٦] ٻِئُوْ نَالو وَنَڻُ ڏَٽِيَ جو، ٽِرئُوْ ڏَندَڻُ ڏِيَڻُ ڏَندَ

[٦٧] چؤٿــؤن چؤرَڻُ وَاتَ کي پَرَ پَاڻِيَ پِرِئــوْ

[٦٨] پَنجُون پَاڻِي نَکَ ڏِي، ڇَهُون ڌَوْ تِــڪُوْ

[٦٩] سَتُون سَيَکَهِڻُ اَنگُڙِي ڌُوْئَڻُ ٽِرِي پِــيرا

[٧٠] اَٺُون آڱُرِيَــنِ کي سَارِي ســوْءِ وِچَا

[٧١] نائــؤن مَکَڻُ ڪَنَ ٻَئِي، ڌَهِڻُ ڏَاڙهِيَ سَارَ

[٧٢] ســو سَيِوْئِي مُسْتَحَبُ جيڪين اِنهَان ڌَارَ

[بيان وضوء جي مستحبن جو]

[٧٣] نــاٺــپي پَڙهُ وُضُــوءَ جَامُؤمِنَ مُسْتَحَبّ

---

٦٨. ن. پَنجا. ٧١. ق. نوءُ. ن ق. ڪَنَ. ٧٢. ن. مُستحَبُ. ٧٣. ن ق. مُستحبَ.

[۷۴] تہ اُتي تنؤ اؤتَ ٿيي رَحمَتَ سَندي رَبّ

[۷۵] مُستَحَبَ جي وُضُوءَ جَا، سڀي پُڻ سَتَ ٿئَا

[۷٦] هيڪُ نِيَتَ ڪَرَڻُ وُضُوءَ جِي، ٻئو جوُتَڻُ جيٽيئَا

[۷۷] ٽرئ تَرتيبَ وُضُوءَ جِي، چوٿُون هَرِئَا پؤءِ هَرِئو

[۷۸] ڏُوئَڻُ سَيَڪَهِين اَنگڙي جيڪو وُضُوءَ جو

[۷۹] پَنجَئُون مَٿوٗ مَڪِ تُون سَرِسِينْ سَيؤئِي

[۸۰] ڇَهُون ڪَدِجِ ڪَنڌَ کي هَٿَ هَرِئَا اوٗهِي

[۸۱] سَرِ اوبَارِي آبَ سِينْ ڪِجي مَڪ ڪَنَنِ

[۸۲] اؤهِي هَرِبُون آڱُرِبُون ڦيري ڪَنڌَ ڏجَنِ

[۸۳] سَتُون سَارِ وُضُوءَ جِيُون دلِ سِينْ دُعَائُون

[۸۴] تہ مَوْلوٗ مَرِهي مُون ڏَٽي خَالِقُ خَطَائُون

---

۷۵. ن ق. مُستَحَبَ. ۷۹. ن ق. سَرِسِين، ب–۲ سَرِسِين. ۸۰. ن. اوهي، ق. اوئِي. ۸۱. ن ب–۲. سَرِ، ق. سَرْ، ن ق. پنهي ۾ ڪَنِ جي آخري نُون تي شد. ۸۲. ن. ڪنڌِ. ۸۳. ن ق. دِل.

[٨٥] پَرَ چَيئُ اَصَحُ عَالِمِين تہ مُستَحَبَ بہ هِي

[٨٦] هيڪُ جوَنَڻُ ڪَنَا جِيَٽِي، بِئُو مَسْحُ ڪَنڌَ ڪِجِي

[٨٧] ٽِرئُون پَڙَهڻُ دُعائُنِ جو پُڻُ مُستَحَبُ لِکِي

[٨٨] بِئَا چَارِ تَوَلَ سُنَّتَ چَئِبَا صَحِيُ قَولَ ڪَرِي.

[بيان وضوءَ جي دُعائن جو]

[٨٩] تَاٿِي دُعائُون وُضُوءَ جِيُون پَڙُهُ پَروُڙِي سِي

[٩٠] جَنِي پَڙِهي پَارِبُون تَنِي رَبُ تُسِي

[٩١] پِهرائِينْ شَهَادَتَ ڪَلِمُو، تِهَان پوءِ پَڙُهہ دُعَا

[٩٢] تَہ سَندَا سِينِي اَنگَڙِينْ مَرِهِي ڌوُهہَ خُدَا

[٩٣] دُعَائُون وُضُوءَ جِيُون مِڙئِي مَعنيٰ سَاڻُ

[٩٤] اُتي سِيَکهِيڻْ اَنگَڙِي پَڙهہ پَروُڙِي پَاڻُ

---

٨٥. "بہ هي" ، يعني مکيہ بہ آهن جيڪي بيءَ سٽ ۾ ڄاڻايل. ان کان پوءِ، "پڻ" جو لفظ آڻي ٽرئو اضافي مستحب ڪري ڄاڻايو اٿس. ٨٨. صَحِيُ قولُ ڪري= صحيح قول جي سببان. ٩١. ق. پِهرِ ڪَلِمُون. ٩٣. ق. ساڻُ، ن. ساڻِ. ٩٤. ن. پاڻَ. ق. پــاڻِ.

[٩٥] پَڙهُ پِهرِينْ پَرُوجَهہ سِينْ اُتِيْ هِيَ دُعَا

[٩٦] جَڏِنه جَاڳَائِي ڏَٽِي سُتوُ نندَرَ مَنجهَا

"اَلْحَمْدُ لِلهِ الَّذِيْ اَحْيَانَا بَعْدَ
مَا اَمَاتِنَا وَاِلَيهِ النُّشُوْرُ"

[٩٧] سَارَاهِيَان سَؤ ڏَٽِي جِنه مُون کِي جِيَارِئُو

[٩٨] پُڄاڻَا وَقتَ تَنه جِنه ۾ مُون کِي اُنَ مَارِئُو

[٩٩] آهِي مُؤتَڻُ مُنهجو آخِرِ اُنَهِينْ ڏَانه

[١٠٠] اُوْ مِهرِبَانُ مڙَنَا گَهڻُوُ عَالِمَن اللهُ

[١٠١] تَاڻِپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٠٢] جَڏِنه وِهينْ وَتَ اُتِي اڳِي اُگَهَاڙَا

"اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الرِّجْسِ النَّجْسِ

---

٩٦. ن ق. ننڊر. ٩٨. ن. جِهمي، ق. جهم. ٩٧ -٩٩. اهي ٽيئي سٽون مٿين دعا جون سنڌيءَ ۾ معنائون آهن. ١٠٠. ن ق. ٻنهي ۾ "عالمن" جي نون مٿان شد. ق. اللهُ. ١٠١. ن. وضوءَ جي.١٠٢. ق. اگهاڙاءُ. اڳي اگهاڙا=اگهاڙان اڳي، اوگهڙ واري حالت کان اڳ.

اَلخَبِيْثِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ"

[١٠٣] رَکَ گُهران رَحمٰنُ جِيِ، پَليتَ تنه کَنَا

[١٠٤] جوُ پَليتُ پَليِنيَ گهٽوُ مَنَوُ مَتَنئَا

[١٠٥] کَرِي اَهتُرو آدَمِيِ،وِجهِيِ وَهْمَ مَنَا

[١٠٦] کَنَا شَيطَانَ شُومَتِيءَ نَتَرِئُوُ جوُ تَوُڙَا

[١٠٧] تَاٺِيِ پَڙهُ وُضُوءَ جِيِ دِلِ سِبِن هِيَ دُعَا

[١٠٨] جَڏِنه وَتَا وِبروُ تِيِن، ڍارِيِ لَڳُ ڍَکِياءِ

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْ اَخْرَجَ عَنِّيْ

مَا يُؤْذِيْنِيْ وَاَمْسَكَ فِيْمَا يَنْفَعُنِيْ

[١٠٩] حَمْدُ تنه حَکِيمُ کِيِ، جنه مُون کان کَڍِئُوُ سَوُ

[١١٠] جِنهِ مُنهِجِيِ جِيَ کِيِ اَنـدَرِ اَهُکُ کِئُوُ

---

١٠٣ – ١٠٦. اهي چارئي سٽون مٿين دعا جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ جون آهن.
١٠٥. ق. أهتّرو. ١٠٩ –١١٢. اهي چارئي سٽون مٿين دعا جي معنيٰ جون آهن. ١١٠. ن. اَهْکُ، ق. اُهْکُ.

[١١١] ۽ جَهلَ ڪيائين تنه ڪِي مُون ۾ جنه مَنجهَا
[١١٢] آهِي نَفعؤ مُنهجو ڇُٽُس اَهُڪَا يَا
[١١٣] تَاٿِيِي پَڙهُ وُضُوءِ جِي نيَّتَ آ ڳَاٽري اِنَا
"بِسْمِ اللهِ الْعَظِيْمِ وَالْحَمْدُ لِلهِ عَلىٰ
دِيْنِ الْاِسْلاَمِ اَلْاِسْلاَمُ حَقٌّ وَالْكُفْرُ
بَاطِلٌ اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْنَا عَلىٰ الْاِسْلاَمِ."
[١١٤] اِسْمَ سِين عَظِيمَ جِي كَرِيَان وُضُوءَ ڪَارِ
[١١٥] ۽ آهِي حَمْدُ اللهُ ڪِي اُتِي دِينَ اِسْلامُ دَارَ
[١١٦] آهِي اِسلاَمُ حَقَّ ئِي، ۽ ڪُفِرُ ڪَافِرُ ڪُوڙُ
[١١٧] سَائِين ثابتُ رَکُهُون اِسَلامَ اُتِي، مَجِيئوسُون رَسُولُ
[١١٨] تَاٿِيِي پَڙُهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١١٩] جَڏِنه ڌُندَڻُ ڌِيِن ڌُندَنِ ڪي جو سُنَّتَ مُصطَفيٰ

---

١١٣. اَڳَاٽري انا= اَڳَاٽري انها= ان كان اڳ جي. ١١٤ - ١١٧. اهي چارئي ستون مٿين دعا جي معنيٰ جون آهن. ١١٦. ن. حَقُّ ئِيُ. ١١٧. ق. رکَهُم.

"اَللّٰهُمَّ اَجْعَلْ تَشْوِيْكِي هٰذا تَمْحِيْصًا
لِذُنُوْبِيْ وَابْتِغَاءَ لِمَرَضَاتٍ لَکَ يَاسَيِّدِي
وَمَوْلاَئِي وَبَيِّضْ وَجْهِيْ
كَمَاتُبَيِّضُ بِهٖ اَسْنَانِي."
[١٢٠] ڏاتَارَ ڏَنْـدَڻُ مُنهجو قَادِرَ ڪَرِ تهؤ
[١٢١] جو طَلَبَ رَضَا تُنهجيءَ ڪِجي، وَجَنِ ڏوُهَ لَهيؤ
[١٢٢] ۽ مُنْهَ مُنهجو مُون ڏَٽي اَڇوئي اُجَارِ
[١٢٣] جِيئَن اَڇا ڪِيئي ڏَندَ مُنهجَا ڏَندَڻَ سين ڏاتارَ
[١٢٤] تاٿيي پَڙهُ وُضُوءَ جي دِلِ سين هيَ دُعَا
[١٢٥] جَڏَهه نون وَاتُ ڌُوئين ڪَارَڻ رَبَّ رَضَا
"اَللّٰهُمَّ اَعِنِّي عَلىٰ تِلاَوَةِ الْقُرآنِ وَكَثْرَةِ
ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِکَ."
[١٢٦] يَارَبّ يَارِي ڏي مُون اُنـي تِلاَوَت قُرآنَ

١٢٣. ن. ڏَندُڻَ.

[١٢٧] ذِڪرُ زِيَادَه پَانهجِي ۽ عِبَادَتَ شُڪُرانَ

[١٢٨] تَانِپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٢٩] جَذِنه تُون نَڪُ ڌُوئِين ڪَارَڻ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اَرِحْنِيْ مِنْ رَائِحَةِ الْجَنَّةِ

وَارْزُقْنِيْ نَعِيْمَ اَهْلِ الْجَنَّةِ."

[١٣٠] مَولِيٰ مُون سِنْگهَائِيِن ڪَنَا بِهِشتَ بُوءِ

[١٣١] ۽ نَصِيبُ ڪَرهِيمِ نِعمَتُون سَنديُون جَنَّتَ جُوءِ

[١٣٢] تَانِپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٣٣] جَذِنه تُون مُنهُ ڌُوئِين، جو پِهرِئُين فَرضَنِئَا

"اَللّٰهُمَّ بَيِّضْ وَجْهِيْ بِنُوْرِ مَعْرِفَتِكَ

يَومَ تُبَيِّضُ وُجُوهَ اَولِيَائِكَ وَاَنبِيَائِكَ

وَلَاتُسَوِّد وَجْهِيْ يَوْمَ تُسَوِّدُ وُجُوْهَ اَعدَائِكَ."

[١٣٤] يَا رَبَّ رؤشَنُ مُون ڪَرِيِن مُنهُ مَعرِفَتَ نُورَ

---

١٣١. ن. ڪَرِهِيمِ= ڪَرِهِين. ق. ڪَرِهِم ١٣٤. ق. معرفهِ نورُ. ١٣٤ = ١٣٧. چار سٿون متين دعا جي معنيٰ جون.

[١٣٥] جَڏنه اَچَا تيــنداَ اوليَا ۽ مُرْسلاَن مُنــهُ مُـورَ
[١٣٦] ڪَرِيمَ ڪَارۏ مَ ڪَرِين مَوليٰ تــت مُهـۏمِ
[١٣٧] جت ڪَارَا تيـنداَ ڪَافِريـــن مَحشَرَ ڏِينه مَجئـۏمِ
[١٣٨] تَاٿيِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سين هِيَ دُعَا
[١٣٩] جَڏنه ڏَاڙهِي سـۏئيبين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا

"سُبْحَانَ الَّذِي زَيَّنَ الرِّجَالَ بِاللِّحيٰ
وَالنِّسَاءِ بِالزَّوَائِبِ اَللّٰهُمَّ هَوِّنْ
عَلَيْنَا سَــكْرَاتِ الْـمَوْتِ."

[١٤٠] پاڪِي ڪَرِيَان پَاتشَاهَ سَبَاجهِي سَتَّارَ
[١٤١] جنه مُڙسَ سنگارِئَا ڏَاڙهِيڻ، ۽ جوئين مِينڍيا موچَارَ
[١٤٢] اِلاَهِي آسَانُ ڪَرِ اَسَان اُنِي مَوليٰ مَوتَ وِيرَ

١٣٥. ن. مُرسلان مُنه مُورَ، ق. مُرسَلَ مُنه مُورَ. ١٤٠. پاڪي ڪرڻ= پاڪائي واري تعريف ڪرڻ، پاڪائي سان نالو وٺڻ، ثنا ڪرڻ، حمد ڪرڻ. ١٤١. ق. جو ۽ مِنڍيا موچار. (ن. لفظ ميسارجي وبل آهن.) ١٤٢. ن. آسان ڪَرِ، ق. آسان ڪر= آسان ڪرين. ١٤٠ –١٤٣. چار سٽون مٿين دعا جي معنيٰ جون.

[۱۴۳] جئَن دَر- مانڊي دلِ ٿِئِي ۽ اکيِن اُبـنَا ڦِيرَ
[۱۴۴] تَانپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دلِ سين هيَ دُعَا
[۱۴۵] جَڏِنه جِيَٽِي بَانهَ ڌوٴئِين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا
"اَللّٰهُمَّ اَعْـطِنِي ڪِتَابِي بِيَمِيْنِيْ
وَحَاسِـــبنِيْ حِسَابًا يَّسِيْرًا."
[۱۴٦] ڪَرِيمَ ڪَاغَذُ ڏِيجُ مُون جِيَٽِي هَٿِ جَبَّارَ
[۱۴۷] ۽ حسابُ ڪَجهيِن سَهْلَوْ سَبَاجَها سَتَّارَ
[۱۴۸] تَانپِي پَڙهه وُضُوءَ جِي دلِ سين هيَ دُعَا
[۱۴۹] جَڏنـه ڏَائِي بَانهَ ڌوٴئــين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا
"اَللّٰهُمَّ لاَ تُعْطِنِيْ ڪِتَابِيْ بِشِمَالِيْ
وَلاَ مِنْ وَّرَآءَ ظَهْرِيْ وَلاَ تُحَاسِبْنِيْ
حِسَابًا شَدِيْدًا وَلاَتُعَذِّبنِيْ عذَابًا اَلِيْمًا."

---

۱۴۳. جئن= جنهن وقت، جڏهن. ۱۴٦ -۱۴۷. ٻه سٽون مٿين دعا جي معنيٰ جون.
۱۴٦. ڪاغذ= اعمال نامي وارو ڪاغذ. ۱۴۷. ن. ب- ا. سَهلو، ق. ب-۲. سُهلو. ۱۴۸.
تَانپي= تان پي، ته ٻه، ته پُڻ، تهان پوءِ. ۱۵۰ - ۱۵۳. ٽي سٽون مٿين دعا جي معنيٰ جون.

[۱۵۰] نَـ ڏِيِن ڏَائِـي هَـتَ ۾ مَولِيٰ مُون ڪِتَابُ

[۱۵۱] ۽ مَ مُـون پُنِيَ پُهرِئَا، يَارَبَّ هَـرَڙو ڪـِجِ حِسَابُ

[۱۵۲] تَانِيِي پَڙُهـ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[۱۵۳] جَذِنـهِ تُـون سِرُ ڪَـڍِين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ غَشِنِيْ رَاْسِيْ بِرَحْمَتِکَ وَنَجِّنِيْ
مِنْ عَذَابِکَ وَاَنْزِلْ عَلَيَّ مِـنْ بَرَكَاتِکَ."

[۱۵۴] مَـولِيٰ مَتِنوُ منُهجو رَحْـمَـتَ سِين اوُچَاءِ

[۱۵۵] ۽ اُتِـمِ اوُت بَـرَڪَـتُون عَـذَابَان اوُيَاءِ

[۱۵۶] تَانِيِي پَڙُهـ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[۱۵۷] جَذِنه مَکِيِنْ ڪَنَ ٻِئِي ڪَارَڻَ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اجْعَلَنِيْ مِنَ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ
الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ."

---

۱۵۱. ن. پُهرِآ، ق پُهـرِا، ب. پُهرِائِي. صحيح: پُهرِئَا= پويان. ۱۵۳. سر ڪڍين= مٿي جو مَسحو ڪرين. ۱۵۵. ن. عَذابًا، ق. عَذابا. ۱۵۷. اصل ۾ "ڪَنَ".

[١٥٨] كَرِيمَ كَرِهيمِ تـَنِ كَان جي سُٽِينِ سَبَ پچَارَ
[١٥٩] چَڱِيُون لاَئِين چِتَ سِين پُونِ نہ مـٺِي پَارِ
[١٦٠] تَاٺِپِي پَڙُهہ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١٦١] جَڏِنه مَکِيئِ کَنڌَ کِي کَارَڻِ رَبَّ رَضَا
"اَللّٰهُمَّ اعْتَقْ رَقَبَتِيْ مِنَ النَّارِ وَاَحْفِظْنِيْ
مِنَ السَّلاَسِلِ وَالْاَغْلاَلِ وَالْاَنْکَالِ."
[١٦٢] الاَهِي آجو کَرِيئِ کَرِيمَ تُـون کَـنْڌَوْمِ
[١٦٣] کَنَا جِيرِي ڳَنيِين سَنگهَرَنِئَا سَنـدومِ
[١٦٤] تَاٺِپِي پَڙُهہ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١٦٥] جَڏِنهِ جِيَٽُو پِيرُ ڌوئِين کَـارَڻِ رَبَّ رَضَا
"اَللّٰهُـمَّ ثـَبِّتْ قَدَمَيَّ وَقَدَمَيْ وَالِدَيَّ عَـلَي
الصِّرَاطِ يَوْمَ تـَزِلُّ اَقْدَامَ الْمُنَافِقِيْنَ وَالْکَافِـرِيْنَ."
[١٦٦] ڌَٽِيَمِ دُرُستُ اُپِيَارِيِن مِيان مُنهجَا پِيرَ

١٦٣. ب-٢ سَنگهرُنِئَا.

[١٦٧] ۽ پيرَ مُنهجي مَائترِينْ مَٿي صِرَاطَ سِيرَ
[١٦٨] جِهَرَ كِرَنـدَا كُـنَ ۾ تِچِجي تِكَايَا
[١٦٩] پِـيرَ مُنَافقِيـن كَافِرِينْ دوْزَخَ جِي دَهْلاَ
[١٧٠] ناٿِيي پِڙهـ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١٧١] جَڏنه ڏَائو پِيرُ ڌوئِيـن كَارَڻِ رَبَّ رَضَـا
"اَللّٰـهُـمَّ اجْعَلْ سَـعْـيِـيْ مَشْـكُـورًا
وَذَنْـبِـيْ مَـغْـفُـوْرًا وَعَـمَـلِـيْ مَقْـبـُـوْلاً
وَتِجَارَتِي لَـنْ تَـبُـوْرَبِفَضْلِكَ وَكَرْمِلِكَ
يَاغَفُوْرُ بِرَحْمَتِكَ يَاأَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ."
[١٧٢] سائِين سَعيُ مُنهُجو مِيَان كَرِ مـوْچارُ
[١٧٣] ۽ كَمَايَامِ قَـبُولُ كَـرِ مَــنَايَامِ وارِ
[١٧٤] سَـودو كَرِهِيمِ سَڦَرَوْ جِنهِ ۾ نـاهِ چِيـوْ

١٦٨. ن. تِجِجي تِكـايـا، ق. تِچِجي تِكـايـا. ١٦٩. ن. دوزخَ جِيـئـي دَهـلا، ق. دوزَخِيَ دَهلا.

[١٧٥] اَي مَرَهيندڙَ مرَهِ مُون ٻَاجهاءِ ٻاجهه ڪئؤ

[١٧٦] دُعَائُون پڻ دُرُستُ ٿِيُون هَاڻي سڻُ نَہ سؤئِي

[١٧٧] پَڇي جو وُضُوءَ ڪي سو سِڪُ سَيؤئِي

[١٧٨] سڪَڻَ ۾ شَرِيعَتَ جي لَجَ نہ ڪجي ڪَا

[١٧٩] تہ مَهَنْدِ اوْ ٻَالِئَا اُبهؤ، مَرَڪِي مُصطَفيٰ

[١٨٠] جيڪِين مَهَندَا نِڪَرِي ڪِ پُهِرئَا پيدَا هؤءِ

[١٨١] پَڇي سؤ وُضُوءَ ڪي سِڪِي سَيؤ ڪؤءِ

[١٨٢] مَگر مَهَندِيِن پَارِ ڪَان ڇي واءُ وِڇِنئؤڪِينَ

[١٨٣] تہ نَاهِ نُقصَانُ وُضُوءَ ۾ مُڙُسَنِ ۽ جوئَنِ

[١٨٤] پَرَجِنہ جؤءِ ٻَہ واتُون هيڪَتِيُونَ جي تِنہِ اِيَ نِگَنِؤ

---

١٧٥. **ن**. ”مرهيندڙ“ جي ”ر“ تي زبر آهي پر ”مَرِهہ“ جي ”ر“ جي هيٺان زبر آهي. اها غلطي ڪاتب جي ڇٽبي. ١٧٩. **ن**. مَهَدِ اوٻالا. **ق**، مَهَدِ اوٻاليا، **ب-١** **ب-٢**. مَهَند اوٻالِئَا. ١٧٧. **ن**. سِڪُ، **ب-ا**. سڪہَ (جڻ ڪ (ڪاف) ڪان پوءِ ننڍي ”ه“ آڻي سنڌي ”ک“ جو اُچار ادا ڪيل). ١٨٠. **ن**. پَهُرا، **ق**. پُهرِيا. ١٨٢. **ق**. وِڇِنو. ١٨۴. ”اِيَ“ پڙهڻي مان ٻہ معنائون نڪرن ٿيون. ١: هِي، اِهو٢: اِيئن.

[١٨٥] وُضُوءَ ۾ تنه جؤءِ جي اختلافُ پئؤ

[١٨٦] چَنگِيتَ وُضُوءَ سَا ڪَرِي مَتَان پؤبُون واءُ

[١٨٧] اَچِي مَهَندَا نِڳئؤ لَهِي واٿَ اِياءِ

[١٨٨] بِي مُبَاشِرَةَ فَاحِشَةَ پُڄِي پَرُوڙِئؤ

[١٨٩] جِئَن رِي اِنزَالَ اِدْخَالَ رِي مَتَا مَسُ ٿئؤ

[١٩٠] ۽ پُڻ پَڄِي نِنڊرَ سَاجَا پَرِ هيڪُ ڏُڏِي

[١٩١] ڪِ تَڪِيِي تنه تؤڪَ جِي ڪِرجِي جنه ڪَڍِيِي

[١٩٢] مَڪَرَ مَقْعَدَ مَاڳَ ۾ جِي مَحْڪُمُ هؤءِ مَڙِي

[١٩٣] تہ وِڃِي وُضُوءَ نہ پَڄِي تَوڙِي نِندرَ ڪَٽِي

[١٩٤] ڪِ ڪَنَا غَلَبِي نِندرَ جِي ڪِري ڪؤ پِئؤ

[١٩٥] جِي پُئَٽا اڳِي سَارَ نِيَسِ ڪِ پُندَهِنْ اُٿِئؤ

---

١٨٧. ن. ۽ يـاء، اتَا، بَ-ا. اِيهَاءَ. اِياءِ= اِيانءِ= اَتانءِ. ١٨٨. ن. پَرُوربوهُ، ق. پَرُورِئو، ب-ا. پَرُورِهو. ١٨٩. ن ق. مَسّ (شد سان). ١٩٠. ن ق. پَنجِي. پَرَهيڪَ ڏَڏي، ب-ا. ١٩٢. ن. مَحڪَمَ، ن ق. هوءِ مَرِي. ب-ا. هوءِ مَزي. ١٩٣. ن. توري، ق. تورِ. ١٩٥. ن. پُئَنا= پُئِٽا= پُنئَٽا، پُونئَٽان= پوٿان. ن. پُندِهِر ق. پُندَهِرْ= پُندِهين، پُندَهِين= پوندي هِين.

[١٩٦] نَہ آهِي وُضُوءُ اُنَ کِي، مَگَر لَمحوٗ جِي

[١٩٧] پَئِي رَهِي نِندَرَ ۾ وُضُوئُوس وَڃِي

[١٩٨] ۽ جِي رِڙهِي رَتُ کِيِنْ، کِہ پُوءِ پَلِتِي هوٗءِ

[١٩٩] کِہ پِرِي وَاتُ پِرِ کَرِي اَچِي اوٗکارُوءِ

[٢٠٠] توٗڙِي طَعَامُ کِہ پِتَ هوٗءِ، توٗڙِي رَتُ بَذوٗ

[٢٠١] پِرَ جِي پِرِي نَہ وَاتَ کِي تَہ وُضُوءَ پِوٗ نَہ کوٗ

[٢٠٢] جِنهِ سِيِنْ سَگهِي تَہ پَڙهِي، کِہ سَگهِي ڳَالَهايوٗ

[٢٠٣] کِہ مَرِي،کِہ مَسْتِي، کِہ مَتِي مِيخَالوٗ

[٢٠٤] اَچِي نَکانْ نِکرِي، کِہ ذَکانْ وَهِي تُرشوٗ

[٢٠٥] کِہ اُتِيِي اَکِيَان آبُ پِئوٗ سُورَنِ سِين سِمِي

[٢٠٦] کِہ کِرِئوٗ پَاٹِي کَنَ کان، کِيڙوٗ جِيِنءَ کِرِي

---

١٩٩. **ن**. اوکاروءِ، **ق**. اوکارو. ٢٠٠. **ن**. توري= توڙي، **ق**. توني= توٽي، **ن**. پِت،**ق**. پِتَّ. ٢٠١. **ن ق**. پوءُ "پوٗءُ" نہ پر "پوءُ" (=پَئُہ). ٢٠٣. **ن ق**. ميجالو، **ب-ا**. ميخالو (=مَالِيخولِيا) ٢٠٦. **ن**. جِيءَ کِري، **ق**. جِيَ کِري.

[٢٠٧] ڪِ پَردؤ ڪِري پِئؤ ڪِ پَنْبؤ ڪـنهْ ڪَنَا

[٢٠٨] ڪِ ڏَڪَاڪِيُونْ نگَئؤ، ڪِ وارِي تَندُ وِچَا

[٢٠٩] ڪِ ڪِرِي پِئؤ مَاهُ ڪِيِنْ سڙِي ڏَڪَ مَنجهَا

[٢١٠] پَرَ پَنجَئِي هُونِ هَرِئَا، جي سُڪِي باڪَ نہ ڪا

[٢١١] تـؤڙِي هَرِبَائِـي ڪَابِـي، تـؤڙِي رَتَ پِـرِئَـا

[٢١١/١] [پَرَ هَرِيَائِي پَنْـبي ۽ پـرَدِي جِي پِـجِي وُضُوءَ ڪا

[٢١١/٢] تؤڙِي گَهٽِي ڪِ ٿؤرڙِي، سُٽِي يادِ ڪـجاه

[٢١١/٣] ۽ ڪـيئِينْ ۽ مَاهَ ۽ تَندُ سيـن وُضُو تـهرَ پـجِي

[٢١١/٤] جِهَرَ هَرِبَائِـي اُنَ جِي وَهِيـئو ٿِي ٿِـرمِـي

[٢١١/٥] نَـاتَ پِـجَڻُ نَاهِ ڪؤ، سـُٽِي سؤ سـِڪِجي]

---

٢٠٩. **ن**. ماهُ ڪِ (=ماهُ ڪِين) . ٢١٠. **ن ق**. پَنجَئِي (ائين). ٢١١. **ن**. بِي، **ق**. بِئي. **ن ق**. رَتَّ (شد سان) **ن**. هَرِيَائِي. **ق**. هَرِئَائي. ٢١١/١ کان ٢١١/٥ ۽ ٢١٣/١ کان ٢١٣/٣ اهي اٺ ئي سٽون **ق** ۽ **ب-١** ۾ موجود آهن پر "**ن**" ۾ موجود ناهن، البت بئي ڪنهن ڪاتب ن جي حاشيي ۾ اهي سٽون لکيون آهن. انهن سٽن بابت ب-٢ ۾ وضاحت طور ڄاڻايل آهي تہ اهي مخدوم محمّد هاشم رحہ طرفان آهن.

[٢١٢] پَر صَحْيُ قَولُ ڪتَابَ ۾ هنَ پَرِ لکيؤُ آهِ

[٢١٣] ته ڪِيئِنْ ماهَ مُبَاشِرَتَ سين وُضُوءَ ڀَڄِڻُ نَاهِ

[٢١٣/١] [پِڻُ ڪَنِي چيئُ عَالِمِينِ مَنجهه ڪتَابَ لِکِيِي

[٢١٣/٢] ته مُبَاشـرت فَاحِشَةَ سين وُضُو ڪِينَ ڀَڄِي

[٢١٣/٣] پَرَ صَحِيُ قَولُ ڀڄَڻُ جؤ فَتويٰ جَهِـين تي]

[٢١٤] ڪِ وَنِي جَرَ، ڪِ ڪِيلَ وَڍِي، جؤنِي سبَا ڍِرئِي

[٢١٥] جِينْ لَٿِي پُڄَاڻَا رَتُ ڪِينْ وَاتَا تَنِ وَهِي

[٢١٦] مَهؤ، مَکِ، ڪِ ڪِيلَ نَنڍِي تؤڙي پُرُ پِيَنِ

---

معنيٰ جي سلسلي جي لحاظ سان ٢١٣/١ ۽ ٢١٣/٢ بهتر ٿيندو ته ٢١٢ ۽ ٢١٣ کان پوءِ رکجن جتي ب-ا ۾ هڪ سٽ مخدوم محمد هاشم رح جي ٢١٣/٣ اڳ ٿي بيٺل آهي جنهن جو قافيو هنن ٻن سٽن سان ملي ٿو. ٢١٢-٢١٣. هي ٻه سٽون ن ۾ آهن، پر **ق ب** ۾ ڪين آهن. "**ن**" ۾ مخدوم ابوالحسن وارو اصل متن ڏنل آهي. مخدوم محمد هاشم رح پڻ پنهنجي رسالي "اصلاح مقدمة الصلواة" ۾ مخدوم ابوالحسن جون اهي سٽون آنديون آهن ۽ پوءِ انهن تي پنهنجي اصلاحي راءِ ڏني آهي. ٢١٦. **ن ق.** پُر پِيَنِ.

[٢١٧] تہ وُضُو پَجي نہ تَنَ سِين، مگر گھٽا ٽِيَنِ

[٢١٨] ڪِہ اَچي ٽُڪَ، ڪِہ سنگهہَ ڪَا، جَا رَتَ گَڏِي هُوءِ

[٢١٩] جَوْ رَتُ بَرابَرِ، ڪِ وِنَرُوْ، تہ وُضُو پَجي سوءِ

[٢٢٠] پَرَ جي اِنهان تَنُورَڙُوْ، تَہ وُضُوءَ پِوُ مَرَ پِاءِ

[٢٢١] جيڪَا طَاعَتَ تِنه سِين ڪِجي سَا رِهَاءِ

[٢٢٢] ڪِہ ڪَوْ ڏَنگِي ڏَندَ سِين، گَجَرَ ڪِ مُورِيءَ ڦَالَ

[٢٢٣] ڪِہ سِرِيَ سِين صَافُ ڪَرِي، ڏَندَ ڪِي ڏِيِئِي خِلالَ

[٢٢٤] ڪِہ ڪَنڌَوْ، ڪِہ سوُئِي لِڳَّ ۾ لَڳِي ڪَهِين ڪِي

[٢٢٥] جَوْ رَتَ ذَرَوْ اِنِ اُتِي ڏِيڪَائُون ڪَرِي

[٢٢٦] وُضُو پَجي نَہ تَنِ سِين مگر ڪِينٌ سَرِي

٢١٧. ن. مَگر گهٽا ٽِيَنِ. ق. توڻي گهٽا ٽِيَنِ، ب جي حاشيي ۾ ڄاڻايل آهي تہ: مخدوم محمد هاشم رحہ لفظ استثناء (مگر) کي (توڻي) لفظ سان بدل ڪيو.

٢٢٠. "ن" ۾ سڀني سٽ ائين ۽ "انهان" جي صورتخطي "اِنَا". ق: تہ "وضوءَ پوءُ نہ ڪوءِ"، جيڪو قافيي جي لحاظ سان صحيح ناهي. ٢٢٢. ن ق. ڀَالَ. ٢٢٣. ن ق. سِرِيَ سين صاف ڪري ڏَندَ ڪي ڏيئي خِلالَ. ب-١، ب-٢: سِرِيَ سين صاف ڪري ڏَندَنِ ڏي خِلالُ. ٢٢٥. ن. ڏيڪاءُ. ٢٢٦. ن. سِريہ، ق. سِري، ب-١، سَري.

[٢٢٧] ڪِ ٺَهڪُ، ڪِ ڪلِ نَمَازَ ۾ وَڃي ساٿگهَ سارَ
[٢٢٨] ڪِ ڇَرِيَائِيءَ جَا ڇِتَ ۾ اَڇِي ٿِيَنِ آثَارَ
[٢٢٩] پَرَ جَا مَشْتِي وُضُوءَ پِڃِي، اُنَ اِهڙَا پَارَ
[٢٣٠] جِئَنْ گهُٽُنِ گهُمِي آدمِي ڪَرِي ڪَا نَ نِهارَ
[٢٣١] اِنَ مِڙَنَا هِيڪَڙِي وُضُو ڪَرِي بِهَارَ

[غُسلُ جا فَرض]

[٢٣٢] تَاٿِي پِڙهُ غُسْلَ جَا فَرْضَ ٽَرِسِي ٽِرِي
[٢٣٣] تَہ ظَاهِرُ بَاطِنُ ٽُنهجَوْ ڪَرِيمُ پَاڪُ ڪَرِي
[٢٣٤] پَاٽِي ڏَيَڻُ وَاتَ، نَڪَ ۾ لِڳَ سَيَڪَنه ڪِي
[٢٣٥] جِئَنْ مَٿَان مِڙَنِ اَڱَڙِيَنْ وَهِي سَؤ وَڃِي
[٢٣٦] پَاڙَ نَہ سَندِي هيڪَڙِي ڪَا سُڪِي وَارَ رَهِي
[٢٣٧] ”تَحْتَ كُلِّ شَعْرَةٍ جَنَابَةٌ“ نَبِي فَرمائِي

---

٢٢٧. **ن.** ساڪہ سار، **ق.** سانگه سار، **ب-١.** سانڳه سار، **ب-٢** سَڱِہ سار.
٢٢٩. **ن.** اِهْڙا، **ق.** اِهڙَا. ٢٣١. ب-١. مڙنئا.

[٢٣٨] تَاڻِپِي تِنهِ جِيُون سُنَّتُون سِڪُ سَمجهِي سِپِي

[غُسلُ جُون سُنتُون]

[٢٣٩] سُنَّتُون جي غُسْلَ جِيُون سِپِي پَرُوڙِج پَنجَ

[٢٤٠] تَہ مَهَندِ مَاٽِيڻْ جَنَّتُون هُوُيِڻْ حُورنِ هَنجَ

[٢٤١] هِيڪَڙَا ڌُوَئَڻُ هَٿَ ٻَئِي، ٻِئُو پَلِيتِيءَ مَاڳُ

[٢٤٢] ٽِرئُو لَڳِي پَلِيتِي لِڳَّ کان ڌُوئِي ڪَرِج پَاڪُ

[٢٤٣] چَوُٿُون وُضُو ڪَرَڻُ نَمَازَ جِيئَن، پَنجُون تَنُ تَمَامُ

[٢٤٤] ٽِرِي پِيِيرَا ڌُوءِ تُون سَارِي سَپِ اَنـدَامُ

[٢٤٥] تِهَان پِـوءِ تَيَمَ جَا فَرَضَ فَهْمِي ڄَاڻُ

[٢٤٦] تہ ٻَاجَهائِي ٻَاجهَہ پِرَئُو رَحمَتَ ڪَرِي رَحمَانُ

[تيمم جا فرض]

[٢٤٧] تَيَمُ پُڻْ فَرضِيڻْ ٽِيتَرِين جيڪي غُسْلَ جا

---

٢٤٣. ن. پَنجًا، ق. پَنجَيءُ. ٢٤٧ -٢٤٨. تَيَمَ جا (ائين)، ق. تَيّمَ، تَيَمَ.

[۲۴۸] تَيَمُ ڪِجي مَسْحُ خَاصيءَ خاڪَ مَنجهَا
[۲۴۹] جَا پَاڪِيزِي پَاڪَ گهٽو ڪِنهَ سَيَڪَنهِ ڪا
[۲۵۰] نيَّتَ سَنديَسِ فَرضُ ٿِئي، هَٿَڻُ هَٿَ ٻہ وَارَ
[۲۵۱] ڦِهرو ڦِيرِؤ مُنهُ مَڪِجي ٻانهُون ٻَئِي ٻِهارَ
[۲۵۲] تاڻِپي تِنهِ جِيُون سُنَّتُون سِڪُ سَمجهي چَارَ
[۲۵۳] نہ شَفَاعَتَ سين سَرْوَرَ جِيءَ لَنگهي پوئين پَارِ
[۲۵۴] هيڪُ هَٿُ هَلائڻُ مَهَندُ مَٿي، ٻِئُو ڦِڻ ڪَڍَڻُ ڦوءِ
[۲۵۵] ٽِرئؤ اُپٽَڻُ آگُرِيُون ، چؤٿَان چَندِيَا اوءِ
[۲۵۶] جي هَٿَنِ ۾ آڱِڙِي ڪَا ڪِهَ لَڳِي هوءِ
[۲۵۷] نَا تہ چَندڻُ جو هَٿَنِ جي، احتيَاجُ نہ ڪوءِ
[۲۵۸] نِهَان ڦوءِ تَيَمَ جو ڦِڃَڻُ ڦڻُ سُٺو

۲۴۹. ن. که، ق. کَہ (۱. کهہ، کيهہ= مٿي. ۲. کہ= ننڍڙو ذرو، ٿورڙي (غلاظت). ۲۵۰. ن. سَنديَسِ... هَٿُ ٻہ وار، ق. سنديَسِ فرض ٿئي ۽ هٿڻ هَٿَ ٻہ وار. ۲۵۱. ق. پيهار. ۲۵۸. ن سُنيو، ق. سُنهو.

[٢٥٩] ٿِيئُ دَانَاءَ دِيــنَ جَا سُٽِي جِي سِـکـُوهُ
[٢٦٠] تَـيَمُ پَڇِي تِنهِ سِين جو پِـڇَڻُ وُضُـوءَ جو
[٢٦١] بِـئُ پُڻ پَاٽِيءَ پَاکَ کِي قَادِرُ کِئُ ٿِـيئُ
[٢٦٢] تہ تِـنـهِ سَنَدئُ مَاڳهِـيـن تَـيَمُ تِت وِئُ
[٢٦٣] هَاٽِي سُٽِيوه سئُ، جو ڏِجِي غُسْلُ مَيِّتَ کِي

[بَيانُ غُسلَ مَيّتَ جو]

[٢٦٤] غُسْلَ جو مَيِّتَ جو کَرهُونْ تِنهِ بَيَانُ
[٢٦٥] تہ مَٿِي مؤمِنَ سَپِکهِين سِکَڻُ ٿِئِي آسَانُ
[٢٦٦] پِهرِيائِين غَاسِلُ پَاڻُ کَرِي وُضُو سَجِئُـي
[٢٦٧] نِهَان پـؤءِ کَرِي ڦُٽُرُو تَخنئُ ڌُوئِـي
[٢٦٨] تَاٿِپِي وَاسِي تَخْتَ کِي پِيرَا پَنجَ کہ ٽِرِي
[٢٦٩] آٽِي تِـنهِ تَخْتَ اُتِي کَٽِي مَيِّتَ کِي
[٢٧٠] سَئُن سُمَهارِي تِنهِ کِي کَارِي قِبلِي پِيرَ

٢٧٠. ن. سائ، ق. سؤء.

[٢٧١] نہ تئيسِ مُهاڙِ قبلي پئو ءِ وِهارَڻَ وِير
[٢٧٢] وِهارِيسِ وِيرَ تهين جِهُرَ پيٽُ آڊِيسِ
[٢٧٣] ڏِيئي تکيئو پاڻَ اُتي هَري هَري مَهڻِيسِ
[٢٧٤] جيڪي پِرِ مُونَنِ جي، جيڪي مٿي زوُرِ
[٢٧٥] اِنَ پرِ وِجهي پاڻَ اُتي ، تِهاڻ پئو ءِ پيٽُسِ چوُرِ
[٢٧٦] بِئي سيَکنهِ حالَ ۾ وَڙ سُتي ڏُٺاري
[٢٧٧] ناهِ اِحتياجُ اِنَ ۾ تہ واري وِهاري
[٢٧٨] تَخْتُ پُڻُ رَکي قِبلي جي هَنڌُ فَراغَتَ هوءِ
[٢٧٩] پرَ جي تنگي ماڳَ ۾ تہ رَکي قُطبَ رُوءِ
[٢٨٠] کجي خالي هَنڌُ سو جِتي مَيِّتُ وِهنجارِينِ
[٢٨١] ري ضَرُورَتَ وِترا ماڻهو مَ ميڙِينِ
[٢٨٢] ماڻهو گهرجَنِ بہ جَڻا چَنگِيتَ ترِئو نہ هوءِ

٢٨٢. جَنکيتَ تِرؤُ، ق. چَنکيتَ ترءُو.

[٢٨٣] جي ڪَمُ ٿِئي سيِڻ ٻِنِ جَٽِنِ تہ ٽرئو مَ ڪوٺي ڪو

[٢٨٤] مَنَان مُنْهُ مَيِّتَ جو ڪو تَغَيُّرُ تن ڪَري

[٢٨٥] تہ مَولي ري مَٿي تَهِين واقِفُ ڪو مَ ٿِئي

[٢٨٦] جَانْ بَشَاشَتَ ڪِ رَوشَنِي مَيِّتَ مُنّهَ ڪئي

[٢٨٧] تَانْ سُڻَائِجي سَڀِنِ کي اِي بَشَارَتَ پَلِي

[٢٨٨] ۽ جَانْ صُورَتَ ڪَا ٻِي پَيدَا تِن ٿِئي

[٢٨٩] تَانْ ڪَجي حَوَالو ڪَرِيمَ جو مَنَ مَولو بَاجهائي

[٢٩٠] لاهي لِبَاسُ تِنْهِ اُنَا وِجهي سَتْرُ پوشُ

[٢٩١] ڪَري خِطَابُ تِنْهِ سين هيِن ڏِيئي هوشُ

[٢٩٢] نَالي سين اَللهَ جي جو رَحْمٰنُ ۽ رَحِيمُ

[٢٩٣] سَڀَاجهو سَڀِنِ پَرِينْ قَادِرُ رَبَّ ڪَرِيمُ

[٢٩٤] جيِرَنِ کي جَانِ ڏِي، مُئَنِ کي مَرَهي

---

٢٨٣. ن ق. ٻِڻ.

[٢٩٥] اِيــڏَا اِحْـسَانَ رَبَّ رِي پِـيوُ کــيــرُ ڪَرِي

[٢٩٦] مُطابِقُ شَرْعَ مُصْطَفيٰ جوُ اُمَّتَ جو آذارُ

[٢٩٧] شَفَاعَتَ تِنْهِ شَفِيعَ جِي سَڀِ پَسَنداَ پَارُ

[٢٩٨] غُسْلُ ڏِيئِي پَاڪَ ڪَرِهُون تـوکي اَسِـين هَاڻِ

[٢٩٩] شَالَ سَچِ مِڙِينْ صَاحَبَ سِين ڪَاءِ مَ پَوُئِي ڪَاڻِ

[٣٠٠] جوُ تـُون تِئِوُ هِيـڪَلـوُ پَرڏِيـهِي غَرِيــبُ

[٣٠١] رَحْـمَتَ لُطْفُ رَبَّ جوُ تـوُسِين هـوُءِ قَرِيبُ

[٣٠٢] چِڏِي مـائِـتِرَ مَنزِلُون هَلـيُون رَبَّ حُضُورِ

[٣٠٣] مَهَندِ ڏِيَارِي پَاتَشَاهُ بِهِشتَ حُورُ قُصُورِ

[٣٠٤] اُتِي دِيـنَ اِســلاَمَ جِي تـوُکِي چِڏِئـوُسِيـن

[٣٠٥] جو صَاحِبُ سَڀَ جَهَانَ جو تِـنه کِي پَرَنـئـوُسِين

[٣٠٦] تـُون پَرَنـئِوُ تِنـِه کِي جوُ اِهـو سَـبَاجهـوُ

[٣٠٧] عَفْـوُ ڪَرِي عَـاصِيَنِ کِي ڏِتَـا ڏوُهَـ ڪَـيوُ

٣٠٢. ن. هَلِهُ، ق. هَلِهْ (هليون).

[٣٠٨] مَتَان ڪَاهِلُ ڪِينْ ٿِئِينْ، دِلِ ۾ هــوءِ دِلــبرُ

[٣٠٩] اَٿُــونْ آڳَهُ مُصْطَفيٰ سَچوُ سـرورَ شـبيرُ

[٣١٠] تنوَڪِي آنـڌوُ تَــخْتَ اُنِي جوَ ڏوتــوَ ڏوَپـيوَ پَاڪُ

[٣١١] ٿَالَ قَرَارُ هوئِي قَبرَ ۾، بِهِشتُ ٿِيَئِي ٿَاڪُ

[٣١٢] تَنُ تنُهِجوَ تَنْهَا ڪِئوَسِين لاَهِي دُنِيَ لِبَاسُ

[٣١٣] مَهَـنـدِ پَرَاهِي پَاتِـشَاهُ حُلا نُورَ قُــمَاشُ

[٣١٤] نِهَان پوءِ تِري پِيرا اَنْگَڙوُ سَيُـڪـوُ سَارِي ڏوءِ

[٣١٥] اُنِي سَـيَـڪَهِن اَنْگَڙِي هِــنَ پَرِ ذِڪرُ چوءِ

[٣١٦] جِنْـهِ تَـرتـيِبْبَ ذِڪــرُ ٿِئوُ نِنـهِ تَـرتـيِبـا

[٣١٧] ڏُئَـارِي پـَاڪَ ڪَرِي سَـيـيـئِي اَنْـگَـڙا

[٣١٨] ڪَارِبوُ وُضُو نِـنـهِ ڪِي سَـيوُئِي سُونْهَارُو

[٣١٩] ڪَرِي ذِڪــرُ نِنْـهِ ۾ مِـڙوُئِي مــوُچَارُو

---

٣٠٨. ن. هو، ق. هوءِ ٣٠٩. ن ق. اَٿُن (= اَٿُون). ٣١٨. ن. ڪاربو، ق. ڪاري.

[٣٢٠] پَرَ مَ پڙهي قُرآنُ ڪِينَ، پڙهي دُعَائُون

[٣٢١] چَنگِيتَ آوازُ اُنِ ۾ ڪَرِي هيٺاهُون

[٣٢٢] اِيُ پڙهَڻُ دُعَائُنِ جو "مَسعُودِي" ۾ آهي

[٣٢٣] پَرَ اُت نَہ آهِينِ لِکِيُون تَہ ڪو پڙهي سي

[٣٢٤] تَذنهِ مُوافِقِ حَالَ مَيِّتَ جي آسَانَ هي ڪِيُون

[٣٢٥] پَنهِجي وَائِيَ پَڌرِيُون آهِينِ جي ٽِيُون

[٣٢٦] ڪَرِيمُ قَبُولُ تِنِ کي مَولو مَانَ ڪَرِي

[٣٢٧] بَاجهه جِنهِ جيءَ سَڀُڪو آهي آسَري

[٣٢٨] جيڪي حَدُون حَيَّ جي وُضُوءَ جِيُون آهِينِ

[٣٢٩] اُهي حَدُون مَيِّتَ جِيُون وِٽرِ ۾ پَائِينِ

[٣٣٠] غُسُلُ پُڻُ آهي اِهڙو جهڙو جُنُبي جو

[٣٣١] مَگَر نَڪَ ۾ وَاتَ کي پَاڻِي ڪِينَ ڏِبو

[٣٣٢] پَائي پَنَا ٻِيرِ جا پَاڻِي تَائِجي

[٣٣٣] جي پَنَا پَيدَا نہ ٿِيَنِ تہ وَڙ كَارُ وِجهي

[٣٣٤] پَرَ پَنَا وِجهَنِ جَكَڙِي جيكينٽ مُوڙِيءَ مِي

[٣٣٥] تہ بَندَ نہَ كَرِي تُنِ كِي پَاٽِي چُڙِئَوْ وَهِي

[٣٣٦] پَاٽِيءَ ۾ مَيِّتَ جِي پَنَا ٿِي پَائِيبنِ

[٣٣٧] تہ پَاٽِي سِيٽَنِ صَافُ ٿِيِي مَرُ كِي اُكُوڙِبنِ

[٣٣٨] كِجِي اوْتَ نہَ آبَ جِي كَرِي وَاتَ كَنَا

[٣٣٩] مَتَان وَهِي وِترَوْ اِسْرَافُ هُوْءِ اِتَا

[٣٤٠] "شِرَارُ اُمَّتِي الَّذِينَ يُسْرِفُوْنَ فِيْ صَبِّ الْمَاءِ" چَيو مُصطفيٰ

[٣٤١] ۽ جي اِهڙوْ پَاٽِي نَہ لَڀِي تَہ سَادِي پَاٽِي سَاڻِ

[٣٤٢] ڏِيئي غُسْلُ مَيِّتَ كِي اُنِي كَفَنَ آڻِ

٣٣٤. ن. جيكيتَ، ق. چنكِيت (=چَگِّيتَ) جيكينت= جيكيڻ تہ، جيكوسو، جيكي سي، جيكي سي سي. ٣٣٥. گرم كيل پاڻيءَ مان، پاڻي كڍي كونڙي ۾ وجهبو. پن موڙيءَ ۾ ٻڌل هوندا تہ كونڙي ۾ كي بہ پن كين ايندا جيكي تُن مان كُليي پاڻي وهڻ كي بند كن. ٣٣٧. ن. پَانِي سِيٽَنِ، ق. پاني سِيٽَنِ، ن. مَركي، ق. مَركي. ٣٤١. ن. اِهڙو، ق. اِهَڙو، ن. سانِ، ق. سان.

[٣٤٣] پَرَ جي پاڻِي مُورهِينْ نَہ مڙِي تَنْڌنْہِ تَيَمُ ڏِي

[٣٤٤] آهِي حَقُ اِسلاَمَ جوُ مُومِنَن مَٿِي

[٣٤٥] نوڙِي پَاڻِيءَ ۾ بُڌِي مُسْلِمُ مَرِي كوُءِ

[٣٤٦] تَہ پُڻْ نِيَّتَ غُسْلَ جِي چوُرِي كَڍِبوُ سوُءِ

[٣٤٧] پَرَ جي چوُرِبنِ ٽِرِي پِرِكَا مَيّتُ پَاڻِيءَ مِي

[٣٤٨] تَہ سُنَّتَ طَرِيقَ غُسْلُ سوُ اُتَان اَدَا ٿِيِي

[٣٤٩] كِ مَرِي جَائوُ ٻُگِيرُو كِيَائِين كَاءِ نہَ دانْہَ

[٣٥٠] ڏِجِي غُسْلَ تِنْہِ كِي نَمَازَ كَرَڻُ نَاهِ

[٣٥١] ۽ جِي مَيِّتُ گِيرُو جوُ وُضُو نَہ جَاڻِي

[٣٥٢] تَہ تِنْہِ كِي وَقتِ غُسْلَ جِي وُضُو مَ كَارِي

[٣٥٣] مُڙْسُ وِهِنْجَارِي مُڙْسُ كِي، جوُءِ وِهِنْجَارِي جوُءِ

[٣٥٤] ۽ جي مَيِّتُ ٻُگِيرُو تَہ جيكوُ ڏوُئِيِسِ سوُءِ

---

٣٤٣. ن. پَر، ق. پَرَ، ن ق. مُورِهِم، ن ق. تَيَمُ. ٣٤٦. ن ق. تَپُن. ٣٤٧.ن. پَر، ق. پَرَ. ٣٥٢. ن. وَقتَ، ق. وَقتِ. ٣٥٤. ن. ٻُگِيرُو، ق. ٻُگِيَرُو.

[۳۵۵] ڪِ حَائِضَ ڪِ جُنَبِئُوْ جي مَيّتُ وِهَنْجَارِبنِ
[۳۵٦] نَہ رِهَاءِ غُسْلَ تَنِ جوْ پرَ چَنْگِيتَ ٺَارِبنِ
[۳۵۷] غَاسِلُ گُهرجي اوْڏَڙوْ عَزِبزَنِ مَنْجهَا
[۳۵۸] جيڪو مُومِنُ مُتَّقِي جوْ ڊِرجي ڊَرپِ خُدَا
[۳۵۹] ڪَري احتيَاطُ انَ ۾ جئن غُسْلُ مَيّتَ جوْ
[۳٦۰] آهي غُسْلُ آخَربنْ مؤتِي ڪوْنَ ڪبوْ
[۳٦۱] جيڪوْ وِهنْجَاري ڏَٽِيءَ لَگِ، ڪَري طَمْعَ نَہ ڪَا
[۳٦۲] ڪَري پَاڪُ تنهِ ڪي ڏَاتَارُ ڏوهَنِ ڪَا
[۳٦۳] مَگَرْ رَضَا پَاهِنْجِيءَ جيڪو آٽي ڏِي
[۳٦۴] نَہ ڪَري قُبُولُ تنْهِ ڪِي ڦِيري سوْ مَ ڏِي
[۳٦۵] پَاٽِي نَائِجي تَهڙوْ جوْ گَهٽوْ نَہ ڪوْسوْ هوْءِ
[۳٦٦] نَہ ٺَڏَائِي ٺَڏوْ گَهٽُو، سَهِي هَٿُ سَندوْءِ

---

۳۵۵. ن. حائضَ، ق. حائضُ. ۳۵٦. ن. پَر، ق. پَرَ، ن. تاربنِ، ق. ٺاربنِ. ۳۵۹. ن ق. جنِ (=جئن). ۳٦۰. ن. ڪونَ ڪبو، ق. ڪونَ ڏبو. ۳٦۲. ن ق. ڪا (=ڪان).

[٣٦٧] خَيْرُوْ ڪِ خَطْمِي اِيْ گُلَ جي لِيَنِ

[٣٦٨] تَہ ميتُ ماڳھنْ مَيّتَ کي مَرْ مَٽي ۾ وِجھنِ

[٣٦٩] جِيڪِيتَ صَابُڻُ سَقَرُوْ جوْ مَرْ اُکوْڙِي

[٣٧٠] جي نَہ لِيَنِ ٽُوْڪَ اِي، تہ مَرْ ميتُ وِجھي

[٣٧١] نَہ لاَهجيسِ وَارُ ڪوْ نَہ نَہَ لاَهجَنِ

[٣٧٢] نَہ ڦَٽِي نَہ نيلُ ڪينْ نَہ سُرمُو اَکينِ

[٣٧٣] مُئي پُڄَاٽَا ٽُوْڪَ اِي مِڙئِي مَنَعَ ٿيَنِ

[٣٧٤] پَرَ چَنْگيتَ جِيَرِي وَارَ نَہَ سَارِي شَرعِي کَنِ

[٣٧٥] مَگَر ڳُجهَا وَارَ جي سي مَ لاَهي ڪوْءِ

[٣٧٦] جِيڪِيتَ گوْلِي مِلْڪِي جيڪي سَنديَسِ جوْءِ

---

٣٦٩. ن. جيڪيتَ، ق. جيڪيتِ. ٣٧٠. ن. اي، ق. اِي. ٣٧١. ن. نَه لاَهِجَنّ، ق. نُه لاَهِجَنِ. هتان کان وني ايندڙ ٽن سٽن تائين، پڇاڙي وارن لفظن جي "ن" تي ن ق بنهي ۾ شد ڏنل. ٣٧٣. ن ق. پڄاٽا (پرڪاتبن "ڄ" کي ٻہ "ڄ" جي صورت ۾ لکيو آهي). ٣٧٥. ن. مگر ڳجها وار سي مَ لاهي ڪوءِ. ٣٧٦. ن. جيڪيتَ، ق. جيڪيتِ، ن. جيڪي، ق جيڪِي.

[٣٧٧] پَرَ اھڙؤ اَمُرُ عَورَتَ کي تَانْ جي اَچي پيش

[٣٧٨] نَہ پَاٽَا ڏَارَ ڪا ٻِئي مَدَتَ مَ ڪَارِ ٻِس

[٣٧٩] نَہ مُڙس مَحرَمُ مُڙسَ ٿِيي،نَہ جؤءِ مَحرَمَ جؤءِ

[٣٨٠] تؤٽي مَاءَ ڪِ ڀيڻَ سَگِي، تؤٽي گولِيَس تؤءِ

[٣٨١] ھَاٽِي ھِنَا پؤءِ، سڪُ صُورَتَ نَہَ لَھرَانَ جي

[٣٨٢] نَہ لاھجَنِ پَرِجَھِينْ سَا پُڻْ سَڪِي جَانُ

[٣٨٣] نَہ عَمَلُ اُتِي ڪِتَابَ تِيي سَبُوجُھ ھؤئِينْ سُجَانُ

[٣٨٤] سَچي ھَٿَ جِي شَھدَ ڪَنَا شُروعُ نَہَ ڪجَنِ

[٣٨٥] اِنَھِينْ ھَٿَ جِي آڱُوٺِي اُتِي نِيئِي پُجَائِجَنِ

[٣٨٦] ڏَائي ھَٿَ جِيءَ چِيٽَ ڪَنَا شُروعُ نَہَ ڪَري

---

٣٧٧. ن. پَر اھڙُو، ق. پَرَ اھڙُو. ٣٧٨. ن ق. مَدَتَ (ائين). ٣٨٢. ن. نَہْ، ق. نُہْ، جَھِمْ (=جَھين). ٣٨٣. ن. سَبُوجُ ھُو ءِ سُجَانُ، ق. سَبُوج ھُوءِ سُجانُ. ٣٨٤ – ٣٨٥. متئين پڙھٽي "ق" مطابق. "ن" ۾ ڪاتب ڪان پُل ٿي آھي جو اھي سٽون ھن طرح لکيائين:

شَھدَ ڪَنَا شُروعُ نَہ ڪجَنِ اِنَھمِ ھَتَجِي
سَچِي ھَتَجيءَ اڱوتي اُتِي نيئي پُجائجَنِ

٣٨٦. ن. ھَٿَ جيءَ، ق. ھَٿَ جِيءَ.

[۳۸۷] پُڻ ڏائِي هَٿَ جِي آڱُوٺِي اُتِي نِيئِي رَساٽِي

[۳۸۸] ۽ پِيرَ جِيٺِي جِيءَ چِيٺَ ڪَنَا نَهنِ ڪِي لاهِي

[۳۸۹] ڏائِي پِيرَ جِيءَ چِيٺَ اُتِي نِيئِي پُڄَاٽِي

[۳۹۰] ”شَرْحَ ۾ مِشْڪَواةَ“ جِي اِيهِين فَرمَائِي

[۳۹۱] مُبَارَڪَ مُتَبَرَّڪَ ڳَهٽُوْ صُورَتَ اِيَ آهِي

[۳۹۲] هَاٿِي هِيِن لائِي، پَڙهُ مُوْتِي مَسَائِلَ غُسْلَ جَا

[۳۹۳] پَائِي هَتُوْ هَٿَ ۾ حَرْفَ هِي پَڙهِي

[۳۹۴] تِهَانْ پِوءِ مَاڳِ اَدَبَ جِي غَاسِلُ هَٿُ ڏَرِي

[۳۹۵] پِهرائِينْ پَاڪِيءَ ڪِي ڪَارِبَئِنْ طَهَارَتَ

[۳۹۶] شَالَ هِئَان هَلِينْ پَاڪُ تِي رَسِينْ رَسُولَ سَٿَ

---

۳۸۸. ن. جِيٺِيءَ چِيٺَ ڪنا، ق. نُهَ ڪي. ۳۸۹. ن. ڏائي پيرَ جينئَي چِيٺَ. ۳۹۱. ن ق. ئِيَ (=اِيَ، اِيءَ). ۳۹۲. ن. پَرُ، ق. پَر (=پڙهہ)، ن. مسائِيَلَ، ق. مَسَائِلَ. ۳۹۳. ن. هتو هتمي، ق. هتو هَتَم، ب-ا. هَتو هَتَمِ. ۳۹۴. ن ق. ماڳِ، ن. هٿُ، ق. هٿ. ۳۹۵. ن ق. پاڪِيئَي ڪي، ن. ڪارِي، ق. ڪارِي. ۳۹۶. ن ق. هِئَا، ن. پاڪُ تِيُ، ق. پاڪُ تِي. ن ق. هَلِي، رَسِي.

[٣٩٧] لاَهِي پَلِيتِي لِگَنِ كَان تَنَ پَاكِي كَرِيَانءِ

[٣٩٨] كَنڌُئِي پَاڪُ پَاڪُ ڏٽِي مُنهجِي مَجَالَ نَہ ڪَاءِ

[٣٩٩] لَبَ تُنهِجَا اُگهَان، اُمِيدَ ايءَ كَرِي

[٤٠٠] نَہ ڏِينْ جَوَابُ صَوَابَ سِين مَهَندَا مَلَكَنِ كهِي

[٤٠١] ڏَندَ تُنهِجَا اُگهِي سِي پُڻْ كَرِيَان صَافُ

[٤٠٢] سَائِينْ كَرِي سَيَ تُنهِجَا ڏَاتَارُ ڏوْهَہ مَعَافُ

[٤٠٣] ۽ پُڻْ وَاتُ مَيِّتَ جوْ هوءِ اُپَتِئوْ جِي

[٤٠٤] پُجِي كَپَڙَ پُرزوْ تَارُو تَنْهِ سوُئِي

[٤٠٥] تَارُو تُنهِجو پَاڪُ كَرِيَان وِجهِي آنْگرَ وَاتِ

---

٣٩٧. **ن.** لِنگَگَا، **ق.** لنک کا، **ب-ا**= لِنگَنِ کان. **ن.** تَنَ پاکِيي کرِيانءِ، **ق.** تَنُ پاکِي کرِباءِ، **ب-ا**= پاکِئي کَرِيان. ٣٩٨. **ن.** کَندِي پپاکُ، **ق.** کَندِي پاکُ،ب-ا کَندوءِ. ٣٩٩. ن. اُکَهَان. ٤٠٠. **ن.** تَڏِي، **ق.** تَڏِي، **ب-ا**= تَڏِي. ٤٠١. **ن.** اُکَهِي، **ن.** صافَ، **ق.** صافُ. ٤٠٢. **ن.** سَيَ (=سَيَ، سَي) **ن.** معافَ، **ق.** معافُ. ٤٠٣. ن **ق.** اُپَتِئُو. ٤٠٤. پُجِي= كٽي، کَپِڙ پُرزو= کپڙي ٽکر، کپڙي جو ٽکر. ٤٠٥. **ن.** اَنکُرِ.

[۴۰۶] جي اَگهيا دَرِ اللهَ جي شَالَ سِرِينْ تَني سَاتِ

[۴۰۷] نَڪُ اُگهَئِينْ نِيَّتَ ڪِئُو، آءٌ اِهَائِي

[۴۰۸] تَہ مَاٺِيِنْ بُوءِ بِهشتَ جِي، جوُ سُرَهوُ سَدائِي

[۴۰۹] اَکِيُون مُنْهُ ڏِئَارِيِنْ آءٌ اِنَ اُمِيدَ

[۴۱۰] تہ پَسِينْ لِقَاءُ رَبَّ جوُ مُنْهُ نُوْرانِي سُفِيدَ

[۴۱۱] ڏِيئِي خِلاَلُ ڏَاڙهِي ڪِي سَا پُڻ سِينْگَارِباءِ

[۴۱۲] شَالَ ڪَرِي قَبُولُ پَاتَشَاهُ عَمَلَ سَڀْ سَنداءِ

[۴۱۳] بَانَهَ جِيَٽِي ڏِئَارِيَئِينْ اِنَهِيءَ اميداَ

[۴۱۴] تہ چِنِي چَنْگَايَنِ جِي جَهلِيِنْ جِيَٽيَا

[۴۱۵] ڏَائِي بَانَهَ ڏِئَارِيَئِينْ تہ رکِي رَبُّ تَنئَا

[۴۱۶] ڏوُهَنْ جَا ڏَائِي ۾ ڪَاغَذَ جَنِ ڏِبَا

[۴۱۷] هَاٿِي ڪَارِيَئِينْ سَرْ مَسْحوُ سُونْهَارُو سَهجَاءُ

۴۰۶. ن. جي اَڪِئا، ق جي اڪِيا. ۴۰۷. ن. نَڪُ اُڪَهِرُ، ق. نَڪُ اُڪَهِرْ. ۴۱۳. ن. اميداءُ، ق. اميدا. ۴۱۴. ن. جيٽياءُ، ق. جِيَٽِيا.

[۴۱۸] تَہ اُتي تـوَ اوُتَ ٿيـي رَحْـمَتَ رَبَّ مـُلاَءُ

[۴۱۹] ڪوُڏاَنْ مَڪيَئِينْ ڪَنَ ٻَئي تَہ توَکي سَائِينْ شَالَ

[۴۲۰] سـُٺاَئي سَچوَ ڏَٽي سَندِي بَانـگَ بِلاَلَ

[۴۲۱] ڪَارِبَئِينْ مَسْحُ ڪَنڏَ ڪي تَہ اَللهُ اوُيَائي

[۴۲۲] ڪَنَا ڇيري ۽ ڳَنيـينْ سَائِـينْ ڇوَٽائي

[۴۲۳] پيرُ جِيَٽُو ڏُئَارِبَئِينْ تَہ صِرَاطَ اُتَا شَـالَ

[۴۲۴] وَهِي وَجِينْ وِجَ جِيْنءَ، پِلـوَ ڪَري پِـالُ

[۴۲۵] ڏَائـوَ پـيرُ ڏُئَارِبَئِيـنْ تَہ سَائِينْ سَبَاجهـوَ

[۴۲۶] جي سِـرَنْدَا صِـرَاطَ ڪَان تَنئَـا رَکي تـوَ

[۴۲۷] جَهِـلِ پَانـهجو پَانـهِجي مَٿي اُتي آبُ

[۴۲۸] توَکي ڪَرِي پَاڪُ ڏَٽي،اَسَان ٿِيِي ثـوَابُ

[۴۲۹] رُڳي مِيتِ مَٿوَ ڏوُبِينْ نيلُ نَہ ڪِينْ پَائي

---

۴۲۲. ن. ڪَتِي، ق. ڪَٽي. ۴۲۸. ن. توکي ڪري، ق. تـو ڪـري. ۴۲۹. ن. رڳي ميتُ، ق. رکي ميتِ.

[۴۳۰] چُئا چَندَنَ ڪَـيـوڙَا مَولـوُ مَاٺَائـِي

[۴۳۱] پَاسوُ تـُنهِجو پَاڪُ ڪَرِبان جيَـٽُو ڏُئَارِي

[۴۳۲] پَلَنْگَ پَاڪَ بِهِشْتَ جَا ڏَاتَارُ ڏِئَارِي

[۴۳۳] ڏَائوُ پَاسوُ پُٺِ تُنهِجِي ڏوُئِي ڪَرِبَان پَاڪُ

[۴۳۴] مَهِندِ ڏِئَارِي مُلْڪَ ڏَٽِي بِهِشتُ حُورَ بُرَاقُ

[۴۳۵] آدِي پِيتُ پَاڪُ ڪَرِيَئِيِنْ سَندِيءَ سَگهَ سَتَّارَ

[۴۳۶] شَالَ اَچِيئِي نُورُ اَندَرَ ۾ چِٽگَ تہ پـوُءِ بَهَارِ

[۴۳۷] جوُ آدِي پِيتُ پَاڪُ ڪِئوُ توُءِ اُوهِي مَاگَ ڏوُءِ

[۴۳۸] نہ نُقُصَانُ وُضُوءَ ۾ نَڪوُ غُسْلَ هـوُءِ

[۴۳۹] تِهَان پُوءِ پَاسوُ جِيَـٽُو پُڻْ مـوُتِي ڏُئَارِي

[۴۴۰] ڏُئَـارِي دُرُسْتُ ڪَـرِي غُسْـلُ پُڄَائـِي

[۴۴۱] هَاٽِي پُڻْ پَاسـوُ جِيَـٽُو مـوُتِي ڏُئَارِبَاءِ

---

۴۳۳. ن. پاڪِ، ق. پاڪُ. ۴۳۴. ن. بُراقِ، ق. بُراقُ. ۴۳۶. ن ق. شال اچي. ن ق. چِرْڪَنَتَ پُوءِ. پوءِ= پوي. بهار= باهر. ۴۳۷. تُو اُوهِي ماگُ، ق. تُوء هِي ماگُ.

[۴۴۲] شَالَ بَاجهَ ڪَرِي بَاجهَ پَرِئَوُ سَبَاجهَوُ سِيٺاءِ

[۴۴۳] ڇَڏِي دَارُ ڏُنِيءَ جوُ هَلِيڻُ تُون هِتَا

[۴۴۴] شَالَ سَڀِ چَنْگَايُون مَهَنْدَ جِيُون مَولوُ ڪَرِي عَطَا

[۴۴۵] اِنَ پوُيِيڻُ پِيرِي پَاڻِيءَ ۾ ڪِي ڪافُورُ وِجهِي

[۴۴۶] ’فَتْحُ الْقَدِيْرَ‘ ۽ ’بَحْرَ‘ ۾ اِنَهِين پَرِ لِکِي

[۴۴۷] غاسِلُ پَاڻِي غُسْلَ ۾ وِجهِي نَوْ پِيرَا

[۴۴۸] تِرِي جِيَتِي، ڏَائِيَ تِرِي، تِرِي پُڻْ جِيَتِيَ ڏَاهَ

[۴۴۹] جِي گُهرجِي ڪِيڻْ ٻِئُو، تَہ پُڻْ وَرْ وِجهِي

[۴۵۰] غُسْلَ ۾ مَيِّتَ جِي احتيَاطُ ڪجِي

[۴۵۱] پَرْ پُجَائِجِي طَاقَ اُنِي جُفْتُ تَانَہ جُڳَاءِ

[۴۵۲] ”اِنَّ اللهَ وِتْرٌ وَّ يُحِبُّ الوِتَرَ“ اِيَ هِيِين سِيڻْ لاءِ

[۴۵۳] پَرِ اِهڙِيءَ پَاڪُ ڪجِي ظَاهِرُ تِنْه سَندوُ

---

۴۴۶. ن. اِنَهِم پَر، ق. اِنهِم پَر. ۴۵۲. ن ق. ئِيَ (=اِيَ).

[۴۵۴] بَاطِنُ سَنڌُسِ سؤئِي ڪَنڌُو جؤ مَولؤ مُلڪَنِ جؤ

[۴۵۵] تَاڻِيِي مَنڍِيِ چَادَرَ مَيِّتَ اُتَا، سَترُ پؤش ڪِجِي

[۴۵٦] مـتَان اُگـهَاڙَ اُنَ جِي ڪـنْـهِ نَظَرَ مَـنجهِ اَچِي

[۴۵۷] "لاَتَنْظُرِ اِلِيٰ فَخْذِ حَيٍّ وَلاَمَيِّتٍ" چَيؤ رَسُولَ سَچِي

[۴۵۸] چؤئِي تنِهِ چَادَرَ پَاڪَ سِين ڪَٽِي مَيِّتَ ڪِي

[۴۵۹] آٽِي اُنِي چَادَرِين ڪَفَنَ سَـنـدِيُـون جِي

[ميت جو ڪفن]

[۴٦٠] ڪِجِي ڪَفَنُ مُرْسَ جؤ اَچؤ سُونْـهَارؤ

[۴٦١] جِهڙؤ ڏِڪِي عِيدَ جُمعِي وِتِرِي سَاهَ وَارؤ

[۴٦٢] ۽ عَورَتَ ڪَارَڻِ اِهڙؤ ڪَفَنُ ڪَارِجِي

[۴٦٣] جِهـڙؤ پِرَهِي پِئَڪِينْ مِـهـمَانِيءَ وَجِي

---

۴۵۴. ن. مُلڪَ جو، ق. مُلڪَ مُلڪَنِ جو (ايئن). ۴۵۵. ن ق. اُتا. ۴۵٦. ن ق. مَتا. ۴۵۸. ن. چادَرَ، ق. چادَرِ. ۴۵۹. ن ق. چادرِي. ۴٦٠. ن ق. سُوهارو. ۴٦۳. ن ق. پِئَڪِ.

[۴٦۴] ڪَفَنُ ڪَارَڻِ عَورَتڀنِ رَنـوَ پُـڻ رِهَاءِ

[۴٦۵] پَرَ اَڇوَ آهي اَفضَلُ گهڻوَ مـتَا پُـڻ اُوجُڳَاءِ

[۴٦٦] اَڇوَ آهي نُورَ جيئَن نَازِلُ مَـتِسِ نـُورُ

[۴٦٧] اَڇي ڏَارَا رَنـگُ بِئوَ چَنگيتَ ڪجي ڏُورِ

[۴٦٨] ڪَفَنُ آهي تِريـنِ پَرِڀنِ اَندرِ شَرِيعَتَ

[۴٦٩] هِيڪُ سُنَّتَ، ڪِفَايَـتَ بِئوَ، ترِئوَ ڪَفَنُ ضَرُورَتَ

[۴٧٠] ڪَفَنُ سُنَّتَ مُڙسَ جوَ گَنڍِيُون آهينِ ترِي

[۴٧١] هِيڪُ اِزارَ، بِئوَ لِفَافو،پَيرَهَڻُ ڪجي

[۴٧٢] اِزَارَ نَالوَ اَنـدَرِيـنِ ۽ لِفَافـوَ ٻهـرِيُون

[۴٧٣] ٻَئي چَادَرِيُون مَتَان مَـتي پيرانِ هيٺِ ڪبيُون

[۴٧۴] ٻَہ گِرَانـنِيُون ٻِنهِيـنِ پـارِيـنِ مُنِيَا تَنِ ڪجَنِ

۴٦۵. ن ق. پَرَ، ن ق. ڪَنُو (=گهـڻـو). ۴٦٦. ن. مـتـسُ، ق. مـتـسِ. ۴٦٧. ن. جَنڪِيتَ، ق. چَنڪِيتَ. ۴٦٨. ن ق. ترِ پَرِ. ۴٧١. ن. پَيرَهَنُ، ق. پَيرَاهَڻُ. ۴٧٣. ن. ڪِبي (=ڪبيُون)، ق. ڪجي. ن ق. متا متي پيراهيٺ= متان متي پيران هيٺ= متي ڪان متي ۽ پيرن ڪان هيٺ تائين. ۴٧۴. ن. ٻن پَارِ، ق. ٻنِ پارِ، ن ق. مُنِيَا (=منيا).

[٤٧٥] ۽ مُوڪَرَائِيءَ ۾ مَيِّتَ ڪِي وِڙهِي جِيئَن وَجَنِ

[٤٧٦/١] [پَرَ مُنِيَا ڀَهرِيڻءَ چَادَرِ ۾ ڇِپَائُون گُهرجَنِ

[٤٧٦/٢] مَنْجِهِينءَ ۾ نَاهِ اِحْتِيَاجُ سَنَدَوْ تَنِ

[٤٧٦/٣] 'اِمْدَادُ الْفَتَاحَ' ۽ 'مَتَانَةَ' ۾ اِنَ پَرِ تَا لِکَنِ

[٤٧٦/٤] ۽ قَدرُ گَرَانٺِ جو مُنِيَوْ تَڏِهِن ڇُونِ ڪَبوَ

[٤٧٦/٥] جَڏِهِن وَڏِي مَيِّتَ جَوْ ڪَفَنُ سَوْ هُونْدَوْ

[٤٧٦/٦] ۽ جَانْ مَيِّتُ گَيِرَوْ آگُرَ چَارِ ڪِجِي

[٤٧٦/٧] ڪَنَا قَدَرَ حَاجَتَ جِي زَائِدُ نَہ گُهُرجِي]

[٤٧٧] پَيْرَهَڻُ پُورَوْ ٻِنهِين پَاسِنْ ڳَچِيَان لائِي ڳَرِبنِ

[٤٧٨] نَہ ڪَا تَرِيزَ تَنِہِ ۾ نَہ ٻَانْهُونْ ڪَجَنِ

[٤٧٩] نَہ وَٺِ وَارِجِي تِنهجِي نَہ ڪَوْ سِبِيوْ آهِ

---

٤٧٥. ن ق. موڪرائِيَ. ٤٧٦/١ کان ٤٧٦/٧ تائين، اهي ست سٽون ن جي اصل متن ۾ موجود ناهن، پر پوءِ ڪنهن ٻئي لکندڙ صفحي جي حاشيي تي چوڌاري لکيون. ق نسخو پوءِ جو آهي انهيءَ ڪري ان جي ڪاتب لکيون، ۽ پڻ ب-١ ۽ ب-٢ جي ڇاپن ۾ آيون.

[۴۸۰] چَاڪُ تِنْهِجوَ آڏوَ ڪِجِي اُيوَ ڪَرَڻُ ناهِ

[۴۸۱] اُيوَ سِيني سَامَهوَن آڏوَ ڏانْهَ ڪُلَهَنِ

[۴۸۲] ڪِجِي ڪَارَڻِ عورَتِنْ اُيوَ پُڻْ ڪي چَوَنِ

[۴۸۳] چوَتوَنْ دَسْتَارُ تَنِ ڪي جِي پَلا بُزْرِگوَارَ

[۴۸۴] سَگوَرَا سَيِنْ پَرِيَنْ آهِينِ عِزَّتَ دَارَ

[۴۸۵] طُولُ تِنهِجوَ سَتَ گزَ شَرَعِي، جيڪي پَنجَ ڪِ تِري

[۴۸۶] سَندوَ تَهِينْ شَمْلوَ مَتِي مُنْهَ ڏَرِي

[۴۸۷/۱] [پَرَ صَحْيُ قَوْلَ ڪِتَابَ جِي دَسْتَارَ ڪَرَاهَتَ هوَءِ

[۴۸۷/۲] نوَٽِي مَيِّتَ پَلَنِ مَنجَها توَٽِي ڪوَ بِئوَ

[۴۸۷/۳] ڪَفَنَ ۾ رَسُولَ ڪَرِيمَ جي دَستَارُ ڪونَ هوَ]

[۴۸۸] گَزُ شَرَعِي چوَئِيهَ آڱُرَ، آڱُرَ چَهَ جَوْ

---

۴۸۳. ن ق. چُوتُو، ن. بزرگوار. ۴۸۷/۱ کان ۴۸۷/۳ اهي ٽي سٽون ن جي اصل متن ۾ موجود ناهن، پر پوءِ ٻئي ڪنهن لکندڙ حاشيي ۾ لکيون آهن. ق ب-۱۽ ب-۲ انهن ٽنهي جي متن ۾ لکيل آهن.

[۴۸۹] جَوْ سَيُڪوْ چِهَ وَارَ اَسُتَرِ، اِيُ تنِنْهِ اَندَازوْ

[۴۹۰] بِئَا بَہ ڪَارَڻِ عَورَتـيـنْ اڳَرَا آهِـيـنِ

[۴۹۱] هِيڪُ سِينَابَندُ بِي دَامَنِي جَا نِقَابَ جِيئَ وَارِبنِ

[۴۹۱/۱] [پَرَ طَرِيقَ ڏِڪَاڻَ دَامَنِيَ جِي هِنَ پَرِ ٿَا لِکَنِ

[۴۹۱/۲] جِئَنْ چِيرِي وَارَ بَہ چَڳُون ڪَرِي ڪُلهَنِ وَٽَا ڪَڍِجَنِ

[۴۹۱/۳] سِي بَئِي آٽِي عَورَتَ کي بِنْ ٻُبَنِ وِچ رَکِجَنِ

[۴۹۱/۴] تنِنْـهِ پُڄَاڻَا وِچَ دَامَنِيءَ جوْ مَٿِي اُتَا رَکَنِ

[۴۹۱/۵] وَارَ مَٿِي جَا عَورَتَ جِي تنِنْهِ تَهِين سين ڍِڪِجَنِ

---

۴۸۹. ن. اَسُتَر، ق. اَسـتَرِ . ن. ئِيَ، ق. ئِيُ (=اِيُ). ۴۹۱. ن. جِيءَ واربـن. ق، ب-۱ ب-۲: "هيڪ سينابند بي دامني جنه سين متو ڍڪين." ۴۹۱/۱ کان ۴۹۱/۱۲. اهي جملي سٽون نسخي **ن** جي متن ۾ موجود ناهن ۽ نہ وري پوءِ ڪنهن ٻئي ڪاتب ئي حاشيي ۾ لکيون آهن. **ق، ب-۱** ۽ **ب-۲** جي متن ۾ شامل آهن، جيتوڻيڪ جاٽايل ڪونهي تہ مخدوم محمد هاشم رح جون چيل آهن. مخدوم صاحب جي رسالي "اصلاح مقدمة الصلواة" ۾ البت هن مسئلي بابت وضاحت موجود آهي جنهن مان سمجهجي ٿو تہ اهي سٽون پوءِ مخدوم محمد هاشم رح پاڻ منظوم ڪري ڏنيون نہ جيئن "مقدمةالصلواة" جو متن درست ٿي بيهي.

[۴۹۱/۶] آٽي طَرْفَ تنْهِ جا ڪَاڏِيَ هيٺ بَجَهنِ
[۴۹۱/۷] ٿَانْڪوُ ڏِيئِي پَاڻَ ۾ سوُڙَهَا سِي ڪَجَنِ
[۴۹۱/۸] تِنْهِ پُڄَاڻا پَلءَ دَامَنِيَ جَا آٽي ڊِڙگهَاڙجَنِ
[۴۹۱/۹] مَتَا چَڳُنِ وارَنِ جي وِچَا بِنِ بُبَنِ
[۴۹۱/۱۰] جِنءَ وَچِي پيرَاهَنَ ۽ دَامَنِيَ وِچَ ۾ چَڳُونْ سِي تِبنِ
[۴۹۱/۱۱] پَرَ پَلءَ دَامَنِيَ جَا ڪَاڏِيَ وَتا مَتي ڏُونْهُ نَہ نِجَنِ
[۴۹۱/۱۲] جِنءَ تِيِي صُورَتَ نِقَابَ جي جِنهِ جي مَنْعَ چَوَنِ]
[۴۹۲] سَندِي سِينَابَندَ تِري گَزَ آهي ڊِڙگهَائِي
[۴۹۳] ڪَچانْ لائِي مُونَنِ سِين تِنهجي پَهنَائِي
[۴۹۴] مَتَا ڪَفَنَ مِڙهِينْ ڊِڪائِبوُ سوُ
[۴۹۵] مَيّتَ ڊِارِي چَرْخَ جِينءَ وَنِي وِڙهِبوُ
[۴۹۶] جِنِي پُڄَنِ پيچَ تِنْهِ تنَ تِرِي تَانڪَا ڏِي

---

۴۹۱/۱۰،۱۲ ق. جن (=جِنءَ). ۴۹۵. ن. مَيّتَ ڏاري، ق. مَيتَ ڊاري، ب-۱، ب-۲. ميت ڏاري،ونِي ويڙهيو. ۴۹۶. ن ق. ٿَانڪا.

[۴۹۷] مَنَان پَنهِجِي مَاکَ کَان، کَٽَڻَ وِبرَ کِهِي

[۴۹۸] ڍِريگهُہ دَامَنِيَ بہ گزَ شَرَعِي پَهْنُو هِيڪَ گرَاڻِ

[۴۹۹] حَدُونْ شَرَعِي سَپِ سِکِجَنِ مُورِ نہ ڪَجِي مَاڻِ

[۵۰۰] ڪَنِي گرَانُونْ بہ چَپُون پَهنُو دَامَنِيءَ

[۵۰۱] تَہ مَتَنْوُ مِڙوُئِي ڍَڪِي تَا ڪِيَاڙِيَ سِينءَ

[۵۰۲] سَتْرُ پوُشُ مَيِّتَ کِي جوُ غُسْلَ وِبرَ وِجَهنِ

[۵۰۳] وِبلُ تِنْه جوُ پُڻْ بہ گزَ شَرَعِي،ڍِرِيگهُسِ ڏِيدُ چَوَنِ

[۵۰۴] اِنَهانْ اُوٽُوُ اَگِروُ جِي ڪَنَا ڪِنْه ٿِئوُ

[۵۰۵] تہ ڪَر تِنْهِ مَيِّتَ سِين تَعْدِي ظُلْمُ ڪِئوُ

[۵۰۶] اِي اَنْدَازَ ڪَفَنَ جَا جِيکوُ شُمَارِي

[۵۰۷] تَہ کَدِي "کِنَابُ چَلَپِي" تِنْهِ مِ نِهَارِي

---

۴۹۷. ن ق. کِهي= کِسي، کِسکي. ۴۹۸. ن ق. ڍريگهُہ (گهہ جي پيش سان).

۵۰۱. ن. کياڙِي، ق. کِياڙِيَ. ۵۰۲. ن ق. وِجَهنَ. ۵۰۵. ن. ظُلْمْ، ق. ظُلْمُ.

۵۰۶. ن ق. اِي.

[٥٠٨] ڪَفَنُ گِپُوْرَنِ جُو بہ پُوتَارَا ڪجَنِ

[٥٠٩] جي ڪَارَڻِ پُنَڙِي هيڪُ ڪِجي تہ پُڻْ رِهاءِ تَنِ

[٥١٠] پَرَ چَنْگِيتَ مِثَلِ بَالغِين ڪَفَنُ تَنِ ڪِجي

[٥١١] آهِي اَفْضَلُ اُو گَهٽُوْ مَرْ سُوْئِي ڍِڪَائِجي

[٥١٢] ڪَفَنُ ڪِفَايَتَ بہ گَنديُون مُڙْسَ ڪَارَڻِ چاڻُ

[٥١٣] هيڪُ لِفَافُوْ بِئُو ڪجي ڪَارَڻِ تِنْهِ پهرانُ

[٥١٤] ۽ عَوْرَتَ ڪَارَڻِ اَگُرِي تِرِيْ دامَنِي آهِ

[٥١٥] ڪَفَنُ ضَرُوْرَتَ جيڪِينْ لِيِي اُتِي تِنْهِ پُجَاءِ

[٥١٦] هَاٿِي سَا هِيِنْ لاءِ، ڪَفَنُ پَرَاهجِي پَرِجَهِيْنْ

[٥١٧] پَرَاهجِي پَرِ جَهِينْ ڪَفَنُ مَيِّتَ کِي

[٥١٨] سَا پَرْ سُونْهارِي سَپُڪُوْ مُوْمِنُ مَرْ سَکِي

[٥١٩] پِهرائِينْ واسِي ڪَفَنَ کِي ذَارُوْ ذَارَ ڪَرِي

---

٥٠٨. ن ق. ڪِجَنِّ. ٥١٦. ن ق. پَرَجَهِرِ. ٥١٨. ن. پَرْ، ق. پَرِ، ن ق. مَرْ.

[٥٢٧] تَاڻي چوٖري چَاڪَ ڪي ڪَري ڪُشَادوٖ

[٥٢٨] رَکي تنهِ چَاڪَ اُتي مَٿوٖ مَيّتَ جوٖ

[٥٢٩] رَکي مَٿوٖ چَاڪ مَٿي پيْرَهَڻُ پَائيسِ

[٥٣٠] ڪُلهَانْ لائي پيرَنِ سِبِنءَ نيئي رَساٽيسِ

[٥٣١] ڪَارَڻِ ڪَفَنَ مَيّتَ ڪي اِيَهِين سُمَهَاري

[٥٣٢] جِيَهِين غَاسِلُ تَخْتَ اُتي وِجهي وِهْنجَاري

[٥٣٣] مَٿوٖ مَشْرِقَ سَامَهوٖن پيرَ مَغْرِبَ پَارِ

[٥٣٤] مَٿي ڪَفَنَ مَيّتَ ڪي سَئوٖن وِجهي سِينگَارِ

[٥٣٥] چِيري وَارَ ٻَه چَڳُون ڪَري ڪَڍي ڪُلهَنِ کَا

[٥٣٦] رکي اُرَهِ عَوْرَتَ جي پَيْرَهَڻُ مَٿَا

[٥٣٧] ٻَانْهوُن ٻَئِي ݙِرْگَهِيُون ڪَري پَاسَنِ ۾ ݙَجَنِ

---

٥٢٧. ن ق. تاپي چُوري. ٥٣٠. ن ق. کُلا لائي، ن. پيرُ، ق. پيرن. ٥٣١. اِيَهِم (=اِيَهِين). ٥٣٢. جِيَهِم (=جِيَهِين). ٥٣٣. سَامُهُم (=سامُهُون).

[٥٣٨] نـہ رَکِـجَنِ اُرَہَ اُتِـي، کَـافِـرَ جِينءَ رَکَـنِ
[٥٣٩] وِجِهِي سُرَاهِي سِرَ اُتِي ۽ پُڻْ ڏاڙِهِيءَ مِي
[٥٤٠] مَٿئَوْ ڏاڙِهِي مَيِّتَ جِي مُعَـطَّرَ کَرِي
[٥٤١] کِجِي سَجَدَوْ جَن سِـين رَبَّ پَهنـجِي کِي
[٥٤٢] کَرِي کَافُـوْرُ سَنَهـڙَوْ اوْهِـي مَاکَبِ مَکِي
[٥٤٣] تَاڻْـپِي لِکِيسِ رِي مَسُ شَـهِدَ آڱُرِ سَاڻِ
[٥٤٤] "بِـسْمِ اللّٰهِ" نِراڙَ اُتِي ۽ کَـلِـمُـو اُرَہَ تَـرَاڻِ
[٥٤٥] تَـہ عِـزَّتَ کَلِمِي عَزِيْزُ ڏَٿِي عَفْـوُ اُنِ کَـرِي
[٥٤٦] بَرَکَتَ "بِـسْمِ اللّٰهِ" جِيءَ ڏاتَارُ ڏوْهـہُ مَـرَهِي
[٥٤٧] بِـئَا پُڻْ کَڙِي پَاکَ سِـينْ حَرْفَ هِي لِکِي
[٥٤٨] مَـٿِي پَـيْـرَهَـڻَ مُرْتَـضـيٰ عَـلِـيَّ چِـيَا جِـي
وَفَـدْتُ اِلَـي الْـکَرِيْمِ بِـغَيْرِ زَادٍ

٥٣٨. ن ق. کافِرَ. ٥٤٢. ن. اوهي مَاکَبَ. ق. اُوهِي مَاکَبُ. ٥٤٤. ن ق. ارَہ تَرانِ.
٥٤٨. ن. علي، ق. عَلِيَّ.

مِنَ الْحَسَنَات وَالْقَلْبِ السَّلِيْمِ
وَحَمْلُ الزَّاد اَقْبَحُ كُلِّ شَيءٍ
اِذَا كَانَ الْوُفُوْدُ اِلِيَ الْكَرِيْمِ

[٥٤٩] آهِي اُميِدَ اِنَ ۾ گَهٽُو مونِچارِي
[٥٥٠] مَانَ مَولوٗ ٻاجَھہ ڪَري ڇُٽي ڏوٗهَارِي
[٥٥١] تِهَا پوءِ مَنْجهِينءَ چَادَرِ سِين مَيِّتَ کي ڍَڪي
[٥٥٢] ڏَائوٗ پَارُ هيِتِ ڪَري، جيَٽوٗ مَٿا ڏِي
[٥٥٣] تِهَا پوءِ چَادَرِ ڀَهرِين، تَهِا پوءِ سِينَابَندُ
[٥٥٤] مَٿَا ڪَفَنَ مِڙَهِينْ سَندوٗ جَهِينْ هَنڌُ
[٥٥٥] اِنَ پرِ پيچِي ڪَفَنَ ۾ پَٽيُون ٽِرِي ٻَڌِيسِ
[٥٥٦] پِرَنِي پهَنجِي رَبَّ کِي قَبرَ ڏَانْهَ ڪَڍِيسِ
[٥٥٧] مَيِّتَ کِي مَنْزِلَ ۾ نَانْ جِي رَاتِ پوءِ
[٥٥٨] نَہ لَوَهُ رڪِجِيسِ پيتَ اُتِي مَتَانْ سُجِي سوءِ

٥٥١. ن ق. مَنجِيئَي. ٥٥٣. ن ق. ڀَهر (=ڀَهرِين). ٥٥٤. ن ق. مرَهِمْ..... جَهِمْ.

[٥٥٩] وِٻهِي رَهِجِي وَٽِ تَهِين ڪِجِي نَہ هيڪَلوَ

[٥٦٠] مَنَانْ نُقْصَانُ تِنْهِ ڪَرِي ٻِلِيْ ڪِ نُورُ ڪُئوَ

[٥٦١] جِي مَيِّتَ مَنْجَها نِڪَرِي ڪِينْ غُسَلَ جِي پُجَاڻِ

[٥٦٢] جَانْ آهِي مَيِّتُ تَخْتَ اُتِي تَانْ ڏوَئِيسِ پاٽِيءَ سَاڻِ

[٥٦٣] ۽ جِي وَقْتِ ڪَفَنَ جِي تَہ اُڳهِي سِينْ ڪَڙِي

[٥٦٤] پَرَ جِي نِڱِيوَ وَاٽَ ۾ تَہ پِيوءُ مَ ڪوَ ڪَرِي

[٥٦٥] ڪِجِي نَمَازَ تِنْهِ سِين ڏوَئَڻُ حَرَجُ هوَءِ

[٥٦٦] سَڀَاجهِي سَڀِنْ پَرِينْ اَهْڪُ عَفْوُ ڪِيوَءِ

[٥٦٧] ڪَرِي نَمَازَ جَنَازِي جِي قَبَرَ ۾ آٽِين

[٥٦٨] ٽِرِيئِي پَٽِيُون گوَرَ ۾ مَرْ اُڪُولِي لاَهِين

[٥٦٩] ڪَڍِيُون جَنِ ٻَهِرِ سِي پُونْ ۾ مَ سَاڙِينِ

---

٥٥٩. ن ق. تَهِمْ (=تَهِين). ٥٦١. ن. پجاڻ، ق. پُجانا. ٥٦٢. ن. ڏوئِسَ، ق. ڏوئِسِ، ن. سانِ، ق. سانُ (ساڻ). ٥٦٩. ن ق. ڪَڍِيو (=ڪڍيون).

[٥٧٠] اَچَنِ مَانَ كَمِ كَهِينْ نَفْعُ رَسَاٽِينِ

[٥٧١] اُت اِحتِيَاجُ پَئِي جوْ كوْنهِي كَهِين کي

[٥٧٢] سَپَاجهوْ سَپِيڻْ پَرِيڻْ مَرَهِي مِڙَنِي کي

[٥٧٣] غَاسِلُ پُڻْ غُسْلُ كَرِي كِ توْڙِي وُضُوْ

[٥٧٤] پَرَ غُسُلَ پُڄَاڻَا جي كَرِي تَہ اَفْضَلُ آهِي اُوْ

[٥٧٥] مَتَان چَنْدُون غُسْلَ جيُون پِيُون کي هُوَنِ

[٥٧٦] كَنَا تَنِي پَاكُ تِبِي ڏوْبِي سي لَهَنِ

[٥٧٧] اِيْ اَحْكَامَ غُسْلَ جَا جي پَڙهِي پَرُوڙِينِ

[٥٧٨] شَالَ شَفَاعَتَا سَرْوَرَ جِيءَ خَالِي سي نہ ٿِينِ

[٥٧٩] اَبُوالحَسَنَ اُمِيدَ اِنَ حَرْفَ لِكِئَا هِي

[٥٨٠] تہ غَاسِلَ ۽ مَغْسُوْلَ کي مولوْ شَالَ مَرِهِي

---

٧١ - ٥٧٠. **ن ق.** كَهِمْ (=كَهِين). ٥٧٣. **ن.** كِ تُورِي وضُو، **ق.** كِ تُونهي وُضو، **ب-١** كِ توڻي سو وضو. ٥٧٤. **ن.** غُسُلُ، **ق.** غُسُلَ. غسل پڄاڻا= ميت جي غسل كان پوءِ. ٥٧٥. **ن ق.** غسلجِيُ (= غسل جيون)

[٥٨١] پَاڻِ پُڻْ پُنِيءَ تَنِ جِيءَ آهِي اُمِيدوَارُ
[٥٨٢] نہ مَانَ مَرهِيسِ مُلْڪَ ڌَڻِي سَڀاجهُؤ سَتَّارُ
[٥٨٣] مُنَاجَاتَ سَندِي مُومِنِين قَادِرُ ڪَرِي قَبُولُ
[٥٨٤] حُرْمَتَ حبِيْبَ مُصْطَفيٰ جؤ سَندؤ رَبّ رَسُولُ
[٥٨٥] ڪَرِي اُمِيْدَ عَفْوَ جِي ڪَلِمُو جِي چَوَنِ
[٥٨٦] سَائِينْ سَڀَاجهؤ ڌَڻِي مَولِؤ مَرِهِي تَنِ
لَآ اِلٰـهَ اِلَّآ اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

## [باب ٻئو نَمَازَ جو*]

[٥٨٧] پُنؤ پِهرؤ بَابُ اِيءُ جؤ وُضُوءَ غُسْلَ جؤ
[٥٨٨] هَاڻِي پِڙهہ نَمَازَ جؤ ڀَهِڱُڻَ بَابُ ٻِئؤ

٥٨١. ن. پُنّيءَ (=پُنيءَ)، ق. پُنِيءَ (= پُنِيءَ)، ن. اميدوارُ، ق. اميدَوارُ. ٥٨٣. ن ق. مُؤمِنٍ. ٥٨٥. ن. ڪَلِمُو، ق. ڪَلِمُون. * ن ق ب-١ ۾ باب ٻئي جو عنوان ڏنل ڪونهي. ب-٢ جي حاشيي ۾ عنوان ڏنل آهي. ن ق ب-١ ۾ هن سٽ بعد ڪلمو وچ تي ٻن سٽن ۾ چٽو ڪري لکيل. ٥٨٧. ن. ئِيءُ، ق. ئِيُ (=اِيءُ)، ن. غُسلجو.

[٥٨٩] تہ ٿيئي نُورِ نَمازَ جي اَندرِ سَهائو

[٥٩٠] تنہ سَهائي راهہ لَهين پسين پريانْ لؤءُ

[٥٩١] جَنين نيہُ نَمازَ سين هيانْ هيجُ ٿئو

[٥٩٢] مُنہُ تَنِ جو مَولو کَندو چوڏهينءَ چَنڊرَ جهو

[٥٩٣] ڪَريو نيہُ نَمازَ سين ڪاهلَ ڪيمَ ٿيو

[٥٩٤] طَلَبَ مِ توفيقَ سين اُپائي آهيو

[٥٩٥] پُوري ڪَندو پاتشاهَ آسُون مَ لاَهيو

[٥٩٦] شالَ چُتَنڊا مؤمنَ مِڙئي ڪَلمُو جَنِ چيو

[٥٩٧] بِئو بَابُ نَمازَ جو جا چوٿڪي راهہ

[٥٩٨] فَرضُ مَٿي مؤمنين فَرمائي اللہَ

٥٨٩. **ن.** "تَٿِيَي نُورِ نَمَازَ جي اَندرِ سَهائو"، **ق.** تَٿيي نُورُ نمازَ جو جي اَندرِ سَهَائو" "**ن**" جي پڙهڻي صحيح آهي. معنيٰ تہ: "نماز جي نور (سان) اندر سهائو ٿِئيئي." ٥٩٢. **ن.** چوڏهيَ چنڊرُ، **ق.** چوڏّهيَ چنڊُر. ٥٩٦. **ن ق.** مُؤمنَ. ٥٩٨. **ن.** فَرمائِي اَللهُ تَعَہَجَلَّ جلاله، **ق.** فرمائي اللهُ تعاليٰ جَلّ جلاله.

[٥٩٩] فَرْضَ تنِنهِ جَا ڪيترا ۽ واجبَ ڄاڻبيج

[٦٠٠] سُنَّتُون ۽ مُسْتَحَبَ پڙهِي سَڀُ پارِبج

[٦٠١] پـرَ پَارِ پرُوڙي پهرا فَرْضَ فَهِمي سِي

[٦٠٢] رَوَا ناهِ نَمَازَ ڪَا سِگهِي جَنِي ري

[٦٠٣] اَوَلِ اوْقَاتَ نَمَازَ جَا سِڪِئَا سِي گهُرِجَنِ

[٦٠٤] مَدَارُ مِڙَهِينْ نَمَازَ جوَ اُتِي آهِي جَنِ

[٦٠٥] تَان جي ڪِجي ڪَڏهِينْ آڳَاتِري وَقْتَا

[٦٠٦] نَہ اَدا اُوْ نَمَازَ ٿيِي نَہ ٿيِي سَا قَضَا

[٦٠٧] جِينءَ روْزا رَمْضَانَ جا رَکِي ڪوُ شَعْبَانَ

[٦٠٨] نہ اَدَا ٿيَنِ نَہ اُنَ جا مَگَر ۾ رَمضَانَ

[٦٠٩] توْڙي بَانگوْ بَانگَ کي پڙهِي آڳَاتِرِي

---

٦٠٠. **ن** ۾ هيءُ سٽ حاشيي ۾ لکيل. ٦٠١. **ن**. پڙ، **ق**. پَرَ. ٦٠٢. **ن ق**. سِکي جَنِ ري. ٦٠٣. **ن ق**. اَوَلِ. ٦٠٥. **ن ق**. ڪَڏهِڻ، **ن**. اڪاتري، **ق**. اڪاتِري. ٦٠٩. **ن**. پَري آڪَاتري، **ق** پَري اڪاتِري.

[٦١٠] تَہ پَرِي نَہ سَندِيَسِ بَانگَ سَا پَڙهِي مَر بِئِي

[٦١١] ڪَرِي اوُسِيڙوُ اَگَ ۾ هِي جِي سِڪِئا سِي

[٦١٢] سَائِيِنْ سَبَاجهوُ ڏَٽِي تُسِي تَنِي ڪِي

[٦١٣] وَقْتُ صُبْحَ نَمَازَ جوُ پِرهَہ ڦُٽِيَان پوُءِ

[٦١٤] جِيسِيِنءَ سِجُ نَہ اُڀَرِي تِيسِيِنءَ رِهَاءِ ٿوُ

[٦١٥] جُہْ سِجُ مَٿَان موُٽِئوُ توُ آئِي اَگِيِنءَ وِيرَ

[٦١٦] ڪِجِي تَحقِيقُ تِنْہ ڪِي پَاڇوُ ڳَٽِي پِيرَ

[٦١٧] سَندوُ پَاڇوُ سَيَڪَهِيِنْ جِيسِيِنءَ ڪَمِي ڪَرِي

[٦١٨] تِيسِيِنءَ وَقْتُ نَہ آئِيوُ، جُہْ پُٽْ سوُ وَرِي

[٦١٩] نَہ آيوُ وَقْتُ اَگِيِنءَ جوُ، سوُ تَانْ تِيسِيِن هوُءِ

[٦٢٠] جِئنْ اَصلِيءَ اُتِي مِثلَيِن ٿِئِي پَرمِثْلُ مُعْتَبَرُ چوُءِ

[٦٢١] اَصلِي ڇِئِجِي اُن ڪِي جِئَان ئِي سِجُ وَرِي

---

٦١١. ن. اَنگمي هيجي، ق. اَنگم هيجي. ٦١٧. ن ق. سَيَڪَهُرُ (=سيڪهين)
١٩ -٦١٨. ن. جيِيئي- تِييي.

[٦٢٢] أُونِهَارِي اوُڏوُ هوُءِ سِيَارِي پَرِي

[٦٢٣] "مِثلُ" پَاڇوُ هيڪَڙوُ، مِثلَين قَدُ ٻہ تَامَ

[٦٢٤] مِثلُ قَولُ صَاحِبَيْه، مِثلَين چَيوُ اِمَامَ

[٦٢٥] اَچِي وَقْتُ وِچِينءَ جوُ اِنَ اِختِلاَفَ أُتَا

[٦٢٦] جيسِينءَ سِجُ نَہ اُلَهِي تيسِينءَ رِهَاءِ سَا

[٦٢٧] سِجُ اُلَٿوُ سَانْجهِي ٿِي، جيسِينءَ سَا ڳَاڙاهِي

[٦٢٨] ڪِ ڪَا اَچَائِي اَپَ ۾ جُه پُنْ سَا وِٻِئِي

[٦٢٩] تَہ سوُمَهٽِي صَحِيحُ ٿِي سَا سَيَ رَاتِ رِهَاءِ

[٦٣٠] جيسِينءَ پِرِهَ پيدا نہ ٿِيي وَچِي رَاتِ وِهَاءِ

[٦٣١] آهِينِ اَوقَاتَنِ ۾ ٻِئَا پُڻ مُسْتَحَبَ

[٦٣٢] چَنْگِيتَ طَاعَتَ تَنِ ۾ ڪِجِي ڪَارَڻِ رَبَّ

[٦٣٣] صُبْحَ جِي سَاهِي ڪِجِي ۽ اَڳِي اُونهَارِي

٦٢٥. ن ق. اخْتلافَا أتا. ٦٢٨. ن ق. جُپُنْ= جُه پُنْ. ٦٢٩. ن. سَپِّ، ق. سَپِ. ٦٣٠. ن ق. وَجِن راتِ وِهاءِ. ٦٣١. ن. اوقاتن مي. ٦٣٣. ن. ۽ اڪِي أوناري، ق. اڪِي أُوناري.

[٦٣٤] ڪِجي ٿَـڌي ڏِيـنـهَ ۾ سِگهي سياري

[٦٣٥] وِچِينَ وَڏي وَقتَ ۾ جِئَن سَائِوَ سِج نہ هوءِ

[٦٣٦] سَانجِهي سَوَاري گهَڙُو، جِئَن تَارِوَ ٿورو ڪوءِ

[٦٣٧] سُومَهَٽِي سَا پُـڻ ڪِجي اَڳِي اَڌَ راتَا

[٦٣٨] جِيـنءَ ٽِرِي پاڳِي رات ٿِيِي تہ اَفضَلُ آهي سَا

[٦٣٩] وِٽـرُ آخِرِ راتِ ۾ چَنگِيتَ ڪَرِي سـوَ

[٦٤٠] جِنـهِ پِرِؤسـوَ جَاڳَڻَ اُتـِي بِـئَنِ سـوَارِوَ

[٦٤١] وَقْتَ سَـيِـيـئِي سَفَرَ ۾ سَوَارَا ڪِجَنِ

[٦٤٢] آهِي مَاڪُ مُشَقَّتَ جوَ سَفَرُ ڪِي سَـيَنِ

[٦٤٣] عَصْرِ عِشَا وَقْتَ بَئِي ڪِجَنِ ڪَڪَرَ ڏِيـنْـهَ

[٦٤٤] سِگهَا سَوَارَا گهَـڻُـو مُـنْـدَ وَسَـنْدِي مِـيـنْـهَ

[٦٤٥] اَڳِينَ سانجِهي صُبْحَ سَنْدِي تَاخِيرُ تَنِ رَوَا

٦٣٥. ن. سَاوُ سُجِ، ق. سَاوُ سِجُ (=سجُ). ٦٤٢. ن ق. سَيَنِ (ايئن).

[٦٤٦] پَرَ اَوِيرَ ڪَجِي نَہ اهڙِي جنءَ وَجِي ٿِيَنِ قَضَا

[٦٤٧] هَاڻِي هِنَ اُتَا ، پڙهُہ فَرَائِضَ نَمَازَ جَا

[٦٤٨] پَنْجَ وَقْتَ نَمَازَ جَا ثَابِتُ صَحِيُ ٿِئَا

[٦٤٩] حُڪْمِ حَدِيْثَ نَصَّ قُرْآنَ ۽ اُمَّتَ جِي اِجمَاعَ

[٦٥٠] تَاڻِپِي تِنْهِ جَا عَالِمِيِنْ پَنَرَه فَرضَ چَيَا

[٦٥١] ناهِ نَمَازُون تَنِ جِيُون جيڪِي سِي نَہ سَڪئَا

[٦٥٢] ۽ جَنِي پڙهِي پَارِئَا چُنَا سِي سُورَا

[٦٥٣] ڏِينڊوَ وَڏَائِي تَنِ ڪِي سَائِيَنْ ٻَاجهہَ مَنجهَا

[٦٥٤] اَتَ اُنِي ڪَان ٻَهرِيَان ۽ اَندَرِ سَتَ ٿِئَا

[٦٥٥] اَتَ فَرْضَ جِي ٻَهرِيَان اُنِ نَالؤ اَحْڪَامَ

[٦٥٦] پَڙهِي سَپِيئِي پَارِ سِي پُورَا پَرِ اِسْلاَمَ

---

٦٤٦. ن. اهڙي، ق. اِهَڙِي، ن ق. تِيَنِ (ايئن). ٦٤٧. ن ق. پَڙ (=پڙهہ). ٦٤٨. ن ق. صَحِيُ (ائين). ٦٥٠. ن ق. تَاپِي، ن ق. پَنَرَه (=پندرهن). ٦٥١. ن ق. ناهِ (ائين) ٦٥٣. ن= ڏيندو وڏائي، ق. ڏيندو ڏاتيون. ٥٥ -٦٥٤. ن ق= اَتَّ- سَتَّ.

[٦٥٧] پِھرؤ پَرُوڙِ وَقْتَ کِي پِئؤ تَنُ کَرِج پَاکُ

[٦٥٨] ٽِرِي پُڻْ پَاکِي ڪَپڙِي، چؤٿؤن طَاعَتَ مَاڳُ

[٦٥٩] پَنْجَئِينْ عَوْرَتَ ڍَکِ تُون سَارِي سِکُ سُڃَاڻُ

[٦٦٠] ڇَهِينْ مُهَاڙِ قِبْلِي، سَتَئِينْ نِيَّتَ جَاڻُ

[٦٦١] اَٺَئِينْ اَوَّلِ تَکْبِيرَ چؤءُ، جَا آهِي اُٺَائِنِ

[٦٦٢] لِکِي اَحْکَامَنِ ۾ اِمَامَ اَعْظَمَ کَنِ

[٦٦٣] سَتَ فَرْضَ جِي مَنْجِهِيَا آهِينِ اُوءِ اَرْڪَانَ

[٦٦٤] سِي پُڻْ سِکِي يَادِ کَرِ مُؤمِنَ مُسلمَانَ

[٦٦٥] قِيَامَ، قِرائَتَ، رُکُوعُ ٽِرِئؤ، چؤٿَا سَجدَاسِ

[٦٦٦] پَنجُون پِؤيُون قَعدؤ، ڇَهِينْ تَرتِيبَاسِ

[٦٦٧] سَنُّون نِکَرُ نَمَازَ کَنَا کَرِي فِعْلُ کؤءِ

٦٥٧. ن ق. کَرِجْ. ٦٥٨. ن ق. چُوٿُو. ٦٥٩. ن. پَنجَّئِي، ق پَنجَئِي، ن ق. تُنْ (=تون)، ن. سُڃَانَ، ق. سَڃَانَ. ٦٦٠. ن. مَنِيءِ نِيَّت جَانُ، ق. مَتَئِّي نِيَّت جَانُ. ٦٦١. اُٺائن= انهن جي اٺان، انهن کان مٿاهين ٦٦٢. ن ق. لِيکِي (=لِکِي؟)، ن ق. کَنِّ. ٦٦٤. ن ق. کَرْ. ٦٦٦. ن ق. پَنجَا، ن ق. ڇَهِمْ. ٦٦٧. ن ق سَنَّا، ن. نِکَرْ، ق. نِکَرُ.

[٦٦٨] توڻي سَلاَمُ ڪِ ڪَلاَمُ ڪوُ توُڙِي ڪِيڻ ٻِئوُ

[٦٦٩] اِي پَنَرَهِي فَرْضَ ٿِئَا ، هَاڻِي وَاجِبَ جَاڻُ

[٦٧٠] تَہ تُسِي ڏِيهہَ ڏَڻِي سَبَاجهوُ سُلْطَانُ

[٦٧١] وَاجِبَ جِي نمَازَ جَا آهِينِ اُوءِ ايڪِيهہَ

[٦٧٢] پُڇُ تَہ پوُئِينُ پِيچَرِي وَجَاءِ مَ وِسَرِ ڏِينهَ

[٦٧٣] سَتَ تَنِي ڪَان سِيَڪَهِيڻ نمَازَ ۾ نمَازِي لاءِ

[٦٧٤] ۾ ڪَارَڻِ ڪَنِ نمَازِيِين چوُڏَهَن چُونِ ٻِئَا

[٦٧٥] ڪَنَا سَنِين پِهرِيِڻ جِي سَتَ آهِينِ عَامَ

[٦٧٦] اَڪْبَرُ اَوَّلِ تَڪْبِيرَ ۾ پَڙُهہ سِين سَائِينءَ نَامَ

[٦٧٧] ٻِئوُ وِهَڻُ پِهرِيَنِ ٻِن رَڪَعتِنِ، جِي ٽِرِي هُونِ ڪِيڻ چَارِ

[٦٧٨] ٽِرِئوُ تَحِيَّاتُ تَمَامُ پَڙُهہ قَعْدَنِ ٻِنِي وَارِ

---

٦٦٨. ن. ڪلامُ ڪَرِ توري، ق ب-١ = ڪلام ڪو توري ٦٧٠. ن. سلطانَ جو سلطانُ، ق ب-١ سپاجهو سلطانُ. ٦٧١. ن. ايئن، ق. سپاجهو سلطان. ٦٧٢. ن ق. وجَائِمَ. ٦٧٣ ن ق. سَتَّ. ٦٧٦. ن. اَوَل، ق. اولَ. ٦٧٧. ن. رَڪعَةٍ، ق رَڪعَتِ. ٦٧٨. ن ق. ٻِنِ.

[٦٧٩] چوٿون رُڪُوعَ سُجُودَ ۾ ڪَرَڻُ وِبرَمَ ڪَا

[٦٨٠] قَدرُ تَسْبِيحَ هيڪَڙِيءَ توَڙِي ٽِري پيرا

[٦٨١] پَنْجُون فَرْضُ فَرضَ هَنڌِ چَهُون واجِبُ واجبَ جاءِ

[٦٨٢] سَنُون لَفْظَ سَلاَمَ سِينْ نِڪرَڻُ نَمَازَاءِ

[٦٨٣] هَاٿِي هيِن لاَءِ سِي جي چوڏهَن خَواصَ چيَا

[٦٨٤] ڪَارَڻِ ڪَنِ نَمَازِيِين نمَازَ ۾ ٽِئَا

[٦٨٥] تِئَان ڪَرَڻُ قِرائَتَ ڪِي مَنجهِ پِهرِنِ بِنِ تَعينُ

[٦٨٦] ۽ پُڻْ پِهرِنِ بِنِ رَڪعَتُنِ ۾ فَاتحَه ڪَرِ يَقِينِ

[٦٨٧] ٽِرئوَ فاتِحَه پَڙُهه مَ فَرْضَ ۾ پيرا هيڪُ بِئوَ

[٦٨٨] چوٿون فاتِحَه سِين سُورَتَ ڪِي جوڙِجِ ضَمُّ ڪئوَ

---

٦٨٠. **ن ق.** توري (=توڙي). ٦٨١. **ن** ، پنجا، **ق.** پَنجَا. **ن ق.** چَهُمْ، **ن.** فرضَ فرضَ... واجبُ واجبُ، **ق.** فرضُ فرضَ... واجبُ واجبَ. ٦٨٢. **ن ق.** سَنَا. **ن.** نِڪَرْ، **ق.** نِڪرَن. ٦٨٥. **ن ق.** جي اصل پڙهٽي: "تئا تَعينُ ڪَرَڻُ قِرائَتَ ڪي مَنجهِ پِهرِنِ بِنِ" (ائين). ٦٨٦. ن. ڪَر يَقِينُ، ق. ڪَر تَعِينُ. ٦٨٧. **ن.** هيڪَ. ٦٨٨. **ن ق.** جُورِجَ.

[٦٨٩] جيڪي وَڏِي آيتَ هيڪَڙِي نَاتَ نَنديُون ٽِرِي

[٦٩٠] ۽ جي اِنَا اُوٺو ٿيئو تہ سَجدَا سَهْوَ ڏِي

[٦٩١] پَنْجُون پِهِرَائِين قِرَائَتَ کَان پَڙهَڻُ فَاتِحَا

[٦٩٢] ڇَهُون وِتْرَ ٽِرِيءَ رَڪْعَتَ ۾ سُورا پوءِ دُعَا

[٦٩٣] سَنتؤن پَڙهَڻُ پَڌَرو جِتِ پَڌِرِي جاءِ

[٦٩٤] اَنٿون ڳُجهو ڳُجهہ کِي پَڙهہ مَ پَڌَرِيءَ واءِ

[٦٩٥] اِي بَئِي حَقِّ اِمَامَ جِي، مُنْفَرِدَ حَقِّ مَ پَاءِ

[٦٩٦] مُنْفَرِدَ کِي مُسْتَحَبُ سَارِي ٿُون سَمُجَهاءِ

[٦٩٧] پرَاصَحُّ قَوْلُ کِتَابَ ۾ آهِي هِيءُ لِکِئو

[٦٩٨] تہ ڳُجهِي مَاڪَ ڳُجهو پَڙهَڻُ وَاجِبُ سَيَنِ ٿِئو

[٦٩٩] پُونِ سَجِدَا سَهْوَ جا جِي پَڌَرو ڪَهِڻ پَڙهِيو

٦٩٠. ن ق. اِنَا (=اِنهَان). ٦٩١. ن ق. پَنجا. ٦٩٢. ن. جَهْ، ق. ڇَهُمَ. معنيٰ: ڇهون تہ ٽِريءَ رڪعت ۾ سورت کان پوءِ ("سورا پوءِ") وتر دُعا (پڙهڻ). ٦٩٣. ن. سَنتا، ق. سنّا. ن. جاءَ. ٦٩٤. ن. انا، ق. اَنّا، ن ق. واءَ. ٦٩٥. ن. حَقِ، ق. حَقِّ. ٦٩٩. ن ق. ڪَهِمَ پَڙهيو.

[٧٠٠] نوئُونْ مَاتِ مُقْتَدِيِين اِمَامَ پڙهَندي پاڻَ

[٧٠١] ڏهُون ڏِبَڻُ سَجِدوُ تِلاَوَتَ قُرآنُ

[٧٠٢] اِكَارَهُون اِمَامَ سِين رَسَڻُ سَيَكَهِنْ حَالِ

[٧٠٣] وَاجِبُ مَٿِي مُقْتَدِيِينْ تَحرِيمَا پُڄَاڻِ

[٧٠٤] ۽ جَاڙَ پَنهِجيءَ جي كَهِينْ جوٿِي اَڳي تَكْبِيْرَا

[٧٠٥] تِنهْ وَڄَايوُ وِيسَرِي مُسْتَحَبُ هَٿَا

[٧٠٦] ٻَارَهُون ٻُجُهه نَمَازَ ۾ عِيدَ تَكبِيرُونْ اُوءِ

[٧٠٧] هَٽِجَنِ جي هَٿَ كَٽِي پِهرِيءَ كَنَا پوءِ

[٧٠٨] ٽِيرَهُون تَكبِيرُون عِيدُنِ جي رُكُوعَ جيُون لِكَنِ

[٧٠٩] جوُ رُكُوعُ رَكْعَتَ ٻِيءَ جوُ پِهرِوُ مَ پَڙهِيوُ جَنِ

---

٧٠٠. ن. نُوءُ، ق. نَوءُ (=نوئُون). ٧٠١. ن ق. ڏهُمْ (=ڏهون)، ن. سَبَكَه، ق. سَيَكَهِمْ. ٧٠٢. ن ق. اِكَارَهُمْ (=اِكَارَهُون). ٧٠٤. ن. جارَ، ق. جَاڙَ، ن. جِيكَهِ جَتَرِءُو، ق. جِيكَهِ جَتَرِءُو، ب-اجاڙَ... جَترؤُ. ٧٠٥. ن. وَڄَايو، ق. وَنْڄايو. ٧٠٦. ن ق. ٻَارَهُم. ٧٠٧. ن ق. هَجَنِ (=هٽجن). ٧٠٨. ن ق. تيرَهُم (=تيرهون)، ركوع جِيَ= ركوع جيون. ٧٠٩. ن ق. پِهْرُو.

[۷۱۰] اُوءَ لَڳِي تَڪبِيرَ تَنِ سِين جِي وَاجِبُ ڪِئُو پَڙهجَنِ

[۷۱۱] چَوڏُهُون چَوڏَهِينْ وَاجِبِينْ وَئِي، سَجدَا سَهْوَ ڏِجَنِ

[۷۱۲] اُوءِ اَٿَ پَوَيَنئَوَن پِهْرِيَان ۽ پِهرا سَيِيئِي

[۷۱۳] مَگَر رُڪُوعَ سُجُودَ جِي وِيرَمَ جِي وِيئِي

[۷۱۴] نَہَ سَجدِي سَهْوَ شَخْصَ ڪِي چُونِ نَہَ پِيئِي

[۷۱۴/۱] [پَرَ صَحْيُ رِوَايَتَ ڪِتَابَ ۾ چَيَائُون اِيَهِي

[۷۱۴/۲] تِنهْ سَجدَه سَهْوَ وَاجِبُ ٿِي وَرْچُنِي سَا ڏِيئِي]

[۷۱۵] هَاڻِي سِڪُ سِيئِي، جِي سَبَبَ سَجدِي سَهْوَ جَا

[۷۱۶] سَبَبَ سَجدِي سَهْوَ جَا سِي ڪَرِ سِڪِي يَادِ

---

۷۱۰. هيءِ سٽ فقط ن ۾ آهي، **ق** ۾ ڪانهي. ۷۱۱. **ن ق**. چوڏُهُمْ چوڏِهِ واجِبِ وِي. ۷۱۲. **ن**. اُوءِ اَٿَ پُويَنُو پِهرِنانْ ۽ پِهرَا سَيِيئِي، **ق**. اُوءِ اَٿَ پُويَنُوْ پِهرِيَا نہ پِهرَا سَيِيئِي. ۷۱۴. هي سٽ **ق** ۾ آهي پر **ن** جي ڪاتب ڪان لکڻ ۾ رهجي وئي آهي. هي اصل متن جي سٽ سمجهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ان ڪان پهرين (۷۱۳) توڙي پوئين (۷۱۵) سٽ جي معنيٰ ان سٽ سان ڳنڍيل آهي. ۷۱۴/۱ - ۷۱۴/۲ هي سٽون **ن** جي متن ۾ ناهن، ۽ نہ وري ڪنهن ٻئي ڪاتب حاشيي ۾ لکيون آهن. اهي ٻئي سٽون مخدوم محمد هاشم رح طرفان ڪيل تصحيح واريون آهن.

[٧١٧] تَہ پُورِي ٿِيِي نَمَازَ تہٓ وَجِيِي نہ وِٽوانْدِ

[٧١٨] تَانْپِي لَنْگھِي لَڪِيُونْ لَڳِيْنْ رَسُولَ پَانْدِ

[٧١٩] سَجدِي سَهْوَ نَمَازَ ۾ پَنْجِيْن ٿئوڪِيْن پئهٓ

[٧٢٠] جِنءَ وَاجِبُ تَرَڪُ ٿِيِي ڪَ تَاخِيرُ تِنهْ جئهٓ هُئهٓ

[٧٢١] تِرئهٓ تَقدِيْمُ رُڪْنُ جئهٓ چئهٓتئون تَڪَرارُ نَهِيْنْ

[٧٢٢] پَنْجون تَاخِيرُ فَرْضُ جئهٓ تَان جي ڪِئهٓ ڪَهِيْنْ

[٧٢٣] سَجِداَ سَهْوَ نَمَازَ جَا جَذِنْہِ ڏِنَا تئهٓ

[٧٢٤] تَذْنَہِ نِگئهٓ نُقصَانُ نَمَازَ كانْ جيڪئهٓ مِهْسِ هئهٓ

[٧٢٥] سَجِدِي سَهْوَ سَهْوَ پُٺِ جَاٽَنْدِي سَهْوَ نَاهِہ

[٧٢٦] جَاٽِي نُقْصَانُ جئهٓ ڪَرِي ڏئهُ تِنْہِ کِي آهِہ

---

٧١٧. **ن.** وَجِيِنَ وِنَوانْدِ، **ق.** وَنجِيِنَ وِنِ وانْدِ. ٧١٨. **ن.** تَاپِي لَنْكِي لَكِيّ لَكِي، **ق.** تاپِي لَنَكِي لَكِيْ. ٧١٩. **ن ق.** پنج ٿوڪ ٧٢٠. **ن ق.** "جِنِ.... تِهجُو". ٧٢١. **ن ق.** تَهِمَ (=تَهِين). ٧٢٢. **ن ق.** پَنْجَا (=پنجون)... ڪَهِمَ (=ڪَهِين). ٧٢٣. **ن ق.** جَذِہْ ٧٢٤. **ن ق.** تَذِہْ، **ن ق.** مِهْسِ (=منجهس)

[۷۲۷] مَگَرَ بہَ ترُڪَ آهين اهڙَا نوُٽي جَاٽي ڪَرِي ڪوءِ

[۷۲۸] نہَ پُڻ سَجِدَا سَهْوَ جَا سَارِي ڏينڊوُ سوءِ

[۷۲۹] هيڪُ ترَڪُ قَعْدوُ پِهرُو، بِئوُ سَجِدوُ جِي

[۷۳۰] ڪَرِي تَاخِيرُ تنَهِ جوُ نہَ سَجِدَا سَهْوَ ڏِي

[۷۳۱] ترِئوُ وَقتين سَاقِطُ ٿِيي سَجِدي سَهْوَ سُجَاڻُ

[۷۳۲] پوءِ سَلاَمَا سِڄُ اُبِرَندِي، ڪِ سِڄُ اُلَٽوُ جَاڻُ

[۷۳۳] ترِئوُ ڳَاڙهوُ جِئن ٿِيي سِڄُ اُلَهَڻَ وِيرَ

[۷۳۴] تن ترنهِينْ ٽرَاڻينْ سَهوَ نہَ ڏِجي مَگر هوءِ سَوِيرَ

[۷۳۵] صُورَتَ سَجِدي سَهْوَ جِي هِنَ پرِ پرُوڙيجِ

[۷۳۶] جِنْءَ سَلاَمُ سَجِي پَارَ ڏَانهَ ڏِيئِي سَجِدَا ڏِيجِ

[۷۳۷] تِهَانْ پوءِ تَحِيَّاتَ سين دُعا دُرُودُ پڙهِيجِ

[۷۳۸] تانْپي بِنهِي پَارَ ڏَانْهَ سَلاَمُ سَئوُن وَارِيجِ

---

۷۳۱. ن ق. وقتِ (=وقتين). ۷۳۲. ن ق. سلاما. ۷۳۴. ن. ترنِ ترانِ، ق. ترنِ تَرَانَ. ۷۳۶. ن. ڏيئِيءَ سَجِدا، ق. ڏيئي بہَ سَجِدا. ۷۳۸. ن ق. بنِ (=بِني، بنهي).

[۷۳۹] حُڪمُ سَجدي سَهوَ جوَ، هيڪَ برابَرِ هوۡءِ

[۷۴۰] فَرضَ واجِبَ سُنَّتينۡ، تـوۡڙي نَفلُ تـوۡءِ

[۷۴۱] سَجدي سَهوَ هيڪَڙي، توۡڙي واجِبَ گهـٽا وَجَنِ

[۷۴۱] [پَرَ جي نہ ڏنائينۡ تنهه نَمازَ ۾ سَجدا سَندا سَهۡوَنِ

[۷۴۱] تہ واري پڙهـڻُ نَمـازَ جوَ واجِبُ ٿـا لِڪَنِ]

[۷۴۲] پَرَ جي وارِجي نَمازَ سَا تہ چَڱينۡ اِي چوَنِ

[۷۴۳] سَجدي سَهۡوَ اِمَامَ ڪي جَڏهـه ڪَا پيئي

[۷۴۴] تَڏهـه ڏيـندا مُقۡتَدي سيٽَسِ سَيـئي

[۷۴۵] ۽ سَهۡـوَ سَـندي مُقۡـتَدِيِن اُتـي نَـاه اِمَامَ

[۷۴۶] اُوءَ سَهۡوَ ئي اِمَامَ پُٺِ عَفۡوَ ڪي عَلاّمَ

[۷۴۷] هَاڻي سِڪُ سيئي وَريَامَ، جي سُنَّتُون نَمازَ جيُون

[۷۴۸] سُنَّتُون جي نَمَازَ جِيُون بُجهجِ سي بَتِريہَ

---

۷۴۷. ن ق. وريام، ب–۱. خوشنام.

[٧٤٩] تَني تُننوَ مُصْطَفيٰ جن سارِيُون سَپِ صَحيحَ

[٧٥٠] اَٿَ اُنيءَ کان هيڪَڙيُون منْجهہ قِيامَ ڪجَن

[٧٥١] ٻِيُون اَٿَ رُڪوعَ ۾، ٽِريُون سُجُودَنِ

[٧٥٢] چوٿِيُون اَنْدَرِ قَعْديِ اُتِيُون عالِمَن

[٧٥٣] هاڻي هي ڳَڻِيجِ، ڪجَن جي قِيامَ ۾

[٧٥٤] ٻَئِي هَٿَ تَحريمَ کي ڪَنَن سِين ڪَٽِيجِ

[٧٥٥] نَاهِيان هيٺِ نِيئِي ڪَري ساري سي ٻَڌِيجِ

[٧٥٦] ٻَجهن جنهِ پَر هَٿَ ٻَئِي سا پُڻُ سِکي پارِ

[٧٥٧] چيٺَ آڱُونَوَ جيٺُو مَٿي ڏائي ڪَرائي وارِ

[٧٥٨] ٻِيُون باقي ٽِري آڱُرِيُون، سي پُٺيءَ هَٿَ ڳُذارِ

[٧٥٩] ۾ ڪُشادَگي پيرَنِ وِچِ ڪجي آڱُرَ چارِ

[٧٦٠] ٻَذَنُ ٻَئِي هَٿَ، اُرهِ عَورانُنِ کي

---

٧٤٩. ن. جنِ، ق. جَنِ، ن ق. سَپِ ٧٥٠ - ٧٥١. ن ق. اَٿَ. ٧٥٤. ن ق. هَٿَ.
٧٥٧. ن ق. چيٺَ. ٧٥٨. ن. آڱُري، انگُري.

[٧٦١] ڪَٽَڻُ نَنِ ڪُلهَنِ سِين سُنَّتَ ٿِئَا سَيِتَ

[٧٦٢] ڪَجَنِ هَٿَ بَدَڪَ جِين لاَڙي جِين اوُلَنِ

[٧٦٣] جوَ آيَا مَاڳِ ٻَجَهڻَ جي، توَ تَانپي تِتِ ٻَجَهنِ

[٧٦٤] مَگَر تَڪْبِيرُونْ عِيدَ جِيُون اُتي لاڙِجَنِ

[٧٦٥] ڏَائوَ هَٿُ هيِٺِ ڪَري جِيَٽُو مَٿِسِ جوَڙِ

[٧٦٦] نَظَرُ پَنهجوَ پَانهِجي مَاڳِ سَجِدي ڪوَڙِ

[٧٦٧] پَنجُون پَڙُهه ثَنَاءَ کِي سَاري سَچَ مَنجهَا

[٧٦٨] چَهُون آنِ اَعُوْذُ تُون تَاٿِپي تِنهْ مَٿَا

[٧٦٩] سُنَّتَ سَتِئِينْ قِيَامَ جي بِسْمِلَهْ پَڙِهَي جَا

[٧٧٠] اَئين "آمِينَ" اِمَامَ سِين مَرْ مُقْتَدِي پُڻُ پَڙهَنِ سَا

[٧٧١] سَاري سِڪوَهُ سِي لِيکِيَان جي رُڪُوعَ جِيُون

[٧٧٢] اَٺِئي اِي قِيَامَ جِيُون، پَسوَ پُنيُون جي

---

٧٦١. ن. سَيَتَّ، ق. سَيَتّ. ٧٦٢. ن ق. جِيئَي،ن ق. اولَنِ. ٧٦٧. ن ق. پَنجَا، ن ق. سَچَّ. ٧٧١. ن ق. سِڪُوهُ.

[۷۷۳] جَڏِنهْ جُنْبِي پَاڻَ، ڪَرِينْ رَايوْ رُڪُوعَ جوْ

[۷۷۴] تَڏِنهْ چَئُہ تَڪْبِيرَ ڪِي سَارِي تُون سُجَاڻَ

[۷۷۵] نَئِي نِرْنا ڏِيجِ، مَٿِي مُوْنَ هَٿَڙَا

[۷۷٦] ڪَرِي ڪُشَادِيُون آڱُرِيُون مَحْڪَمَ پِرِ پُجِيجُ

[۷۷۷] پَرَ آڱُرِيُون عوْراتُنِ ڪِي اِينءَ مَ اُپَٽَائِيجِ

[۷۷۸] رَڪَنِ مَرْ لَڳِ ڪَرِي، سَارِي سِيڳَارِيجِ

[۷۷۹] ٻَانْهُون سَارِي ٻِئِي سَيُون، مُونَا مَ مُوْڙِيجِ

[۷۸۰] پُورُوْ مَٿوْ پُٺِ سِين جوْڙَانْ جوْڙَ ڪَرِيجِ

[۷۸۱] مَ اُونچوْ جَهلِجِ اُنَ جِيئَن، مَ رِڏَ جِيئَن لاڙِيجِ

[۷۸۲] جِنءَ رَڪئوْ پَاٽِي نَہ رِڙْهِي اِنَ پَرِ پُٺِ جَهلِيجِ

[۷۸۳] پَرَ پُنِيبُون عوْراتُنِ ڪِي اِينءَ مَ اَڏَائِيجِ

---

۷۷۷. ن. پَرْ، ق. پَرَ، ن ق. عوراتن. ۷۷۹. ن. ٻئي سَيُّ، ق. ٻئي سِي. ۷۸۱. ن. جَهلِيجُ، ق. جَهلِجِ. جِيئَي (=جيئن). ۷۸۲. جِنْ (=جئن)، ن ق. جَلِيجِ ("ج" جي زبرَ سان).

[۷۸۴] مَرْ نائِيْنِ ٿوُرَڙوَ ساري سَمُجهائِيجِ

[۷۸۵] ٿري پيرا تَشبِيحَ کي گُجهوَ ئي گَٽِيجِ

[۷۸٦] پَنجون پُنِيُون پيرَنِ جِيُون نَظَرُ نِهارِيجِ

[۷۸۷] تاثِيي ڳِربَا تَنِ جَا رِيڙهِي بِئِي لائِيجِ

[۷۸۸] اِيَ پُڻْ آهِي اَڳِرِي سُنَّتَ ساجائِيجِ

[۷۸۸/۱] [پَرَ صَحِيُ قَوْلُ ڪِتابَ ۾ هِنَ پَرِ پَرُوڙِيجِ

[۷۸۸/۲] جِئَن لائِڻُ ڳِرِبَا پانَ ۾ ڪَراهَتَ سَمُجهِيجِ

[۷۸۸/۳] سِي بَئِي حَالَ رُڪُوعَ جِي، مُورا مَ جُوڙِيجِ

[۷۸۸/۴] چَئِينْ آڱُرِيَنِ جوَ فاصِلُو ٻِنِنْ وِچِ رَکِيجِ

[۷۸۸/۵] قِيامَ ۽ سَجدي ۾ پُڻْ اِيهِي پَرِ پارِيجِ]

[۷۸۹] ڇَهُون اَڪِيُون پَدَرِيُون، سَنئِينْ قَومَ ڪَرِيجِ

[۷۹۰] پَرَ قَومَا ٿِي سُجُودَ ذاتہ سَئِنءَ پُٺِ وَجِيجِ

---

۷۸۴. ن. نائِينِنِ، ق. نائِين. ۷۸٦. ن ق. پَنجَّا، ن. پُنيون پيرنِ جيون، ق. پُنِي پيرَنِ جي. ۷۸۹ ن ق. سَتِّيءِ (=سَتِئين). ۷۹۰. ن. سَئِيَ.

[٧٩١] مَنَان رُڪُوعُ بِئِوْ ٿِيي، نَائِي پُٺ مَ نِيڃ

[٧٩٢] جيڪِيڻْ ذِڪرُ جِنَهِيڻْ سوْ تِت پُڄَائِيڃ

[٧٩٣] هيڪَڙي جوْ هَنڌِ ٻِي نِيئِي مَ رَسَاٽِيڃ

[٧٩٤] ۽ ڪَنَا سُجُودَ قِيَامَ ڏَانهَ جهْرَ وَجِبڻْ تُون

[٧٩٥] تِهْرَ رَڪِي هَٿَ رانَنِ اُتِي اُتِجُ اُتانْ پُون

[٧٩٦] پَرَ جِنهِ کِي ضُعْفُ بَدَنَ جوْ کِ عُذْرُ پَريَائِيءَ هوَءِ

[٧٩٧] جي سوْ رَکِي هَٿَ پَٽِ اُٿِيي تہ تِنْهِ کِي پُؤُ نہ ڪوَءِ

[٧٩٨] اَنُون جِينءَ اِمَامُ، سَارِي "سَمِعَ اللّٰهُ" کِي

[٧٩٩] تُرْتُ تَنهِجِيَ پُٺِ ۾ لاَئِجِ رَبَّ نَامُ

[٨٠٠] اَنئِي پُنِيُون اِي، لِيکِيَمِ جِي رُڪُوعَ جِيُون

[٨٠١] سُڻُ جَانْ سَارِيَان سِي، سُنَّتُون جِي سُجُودَ جِيُون

[٨٠٢] جَڏِنهْ جُنْبِي تُون، ڪَرِين سَارَ سُجُودَ جِي

---

٧٩٢. ن ق. جِنَهِمْ. ٧٩٥. ن ق. پُنْ (=پُون). ٧٩٦. ن. پَر، ق. پَرَ. ٧٩٨. ن. اَنَّا جِنْ، ق. اتَّاجِنْ (=انان جئن). ٧٩٩. ن ق. لائج. ٨٠١. ن ق. سُنْ.

[٨٠٣] تَڏِنهٔ چَئُو تَڪْبِيرَ کِي چوٿِي هِيڪِڙ هَڙوُن

[٨٠٤] تَڪْبِيرُون سَڀِئِي سُنَّتُون جِي، ڦِهرِيَان ڦُڄَاڻِ

[٨٠٥] ٽوٿِي تَڪْبِيرَ قُنُوْتَ جِي تہَ سَا ڦُڻ سُنَّتَ ڄَاڻَ

[٨٠٦] سَارِي سَجِدوٗ ڏِيڄِ، سُپِيرَ سَتِيڻ آڱَرِيڻ

[٨٠٧] مُنْهُ ۽ مُونَا پِيرَ هَٿَ سَتَئِي ڌَرَ ڌَرِيڄِ

[٨٠٧ا] [ڦِرَ ڦُڻ مُنهِ ۽ هَٿَنِ تَرِيڻ زوٗرُ زِيادَه ڏِيڄِ]

[٨٠٨] ڄِيڪِيڻ ڦَارَان ڦَٽَ جِي، سوٗ ڦِهروٗ ڦَٽِ رَکِيڄِ

[٨٠٩] ۽ ڄِيڪِيڻ آهِي اَپَ ڏَانهَ اُو اَوَّلِ اُپاڙِيڄِ

[٨١٠] اِيَ تَرتِيبَ سَجِدِي سَندِي سِکِي صَحِيُ ڪَرِيڄِ

[٨١١] ٽِرئوٗ جِنءَ پيِرا ٽِرِي، ڦُورا ڦَڙُهہ تَسْبِيحَ تُون

---

٨٠٤. هيءَ سٽ "ق" نسخي ۾ ناهي ب-٢ ۾ بہ کانہ آهي. ٨٠٦. هيءَ سٽ "ق" نسخي ۾ کانہ آهي ب-٢ ۾ بہ ناهي. ٨٠٧. ن. هَٿَ- ن. ڌَرُ، ق. ڌَرَ. هيءَ سٽ "ق" نسخي ۾ کانہ آهي ۽ "ن" ۾ بہ نہ آهي. ٨٠٨. ن ق. ڦَارَا. ن. ڦِهرو ڦَٽِ، ق. ڦِهرو ڦَٽَ. ٨٠٩. ن ق. اوَّلِ. ٨١٠. ب-١: اِيءُ تَرتِيب سَجِدِي سَندِي سِکِي يَادِ ڪَرِيڄِ. ٨١١. ق. ٽرئو پيرا ٽري جن.

[٨١٢] چؤتؤن چَونٽربُون نَکَ جِبُون آچِجِ اَکِيَنِ کِي

[٨١٣] پَنْجون اُپَتِ اَکِيُون دِرِجِي دَرْپُ ڪَري

[٨١٤] چِهُون جُوڙِجِ جَلْسؤ پُورِي پُٺِ ڪَري

[٨١٥] سَنُون سَارِي رَکُ، کَنَنِ کَنذِيءَ هَٿَڙَا

[٨١٦] جِيکِينْ ڪَري کَنِ کَان تَہ پُنِيءَ تَنِ پَرَکُ

[٨١٧] ۽ بَانْهُون بَئِي پَتِ، لَڳو پِيٽُ رانُنِ سِين

[٨١٨] سَجِدؤ سَندؤ عَورَتِينْ آهِي اِيهِيَ پَتِ

[٨١٩] پيرَ پُٺْ پَنهجَا عؤرَتُون اُپَا مَ کؤڙِبنِ

[٨٢٠] ۽ بَئِي هَٿَ سُجُودَ ۾ مُونا مَهنْدِ نَہ نِينِ

[٨٢١] مُڙسُ بَغَلَ سُجُودَ ۾ ڪَري کُشَادَا

[٨٢٢] ۽ عَوْرَتَ اِنَهِين حَالَ ۾ رَکِي مَرْ لَڳَا

---

٨١٢. چُونِريَ، ق. چُوتِرِبُو (=چونتريون)، ب-١، چونتِيُون. ٨١٣. ن. پَنجًا، ق پَنجًا، نـد. دربِ کَري. ٨١٤. ن ق. چَهُمْ جوڙِج. ٨١٥. ن ق. سَتًّا. ٨١٦. ن. کَري، ق. کِري. ٨١٧. ن. پَتِ، ق. پُتِ (=پُٺِ). ٨٢٠. ن ق. مُونا مَهدِ. ٨٢٢. ن ق. اِنهَمْ.

[٨٢٣] پَرَ مُڙسُ وَقْتِ سَجِدي، جي مَنجهہ جَمَاعَتَ هوۡءِ

[٨٢٤] نَہ مَنَان ضَرَرُ ڪِنْه رَسِي مَرْ سوۡڙَهَا ڪَرِي سوۡءِ

[٨٢٥] ڏِجي سَجِدوۡ پانْهِجي پَنجَنِ ڳَرانِنِ مِي

[٨٢٦] ۽ مُصَلوۡ پُورِبُون ٽِرِي نَرِبُون ڪَمِ نَہ ڪِيِنْ ڪِجي

[٨٢٦/١] [پِرَ صَحِيُ قَوْلُ ڪِتَابَ ۾ اِنَ پِرِ تِنوۡ لِکي

[٨٢٦/٢] تہ سَجِدوۡ اِيسَتِرِي قَدْرَ ۾ ڊِگَهاڙِي ڏِجي

[٨٢٦/٣] جِئَن نَرِي شَخْصَ سَاجِدَ جِي وَجِي سَئِنْ ٽِبِي

[٨٢٦/٤] مُونا رانُون تَهِينْ سَنْدَا اِينءَ اَلِفَ جِينءَ اُپِبِي

[٨٢٦/٥] نَہ ڊُڏَا وَجَنسِ مَهَندَ ڏُونْه، نَہ مُونوۡ مَهَنْدِ وَجِي

[٨٢٦/٦] ٽُوٽِي ٽِبِي پَنجَنِ ڳَرانُنِ ۾ ڪِ ڪَمِ زِيَادَه وَڏِي]

---

٨٢٣. ن. پَرْ، ق. پَرَ. ٨٢٥. ن. پَنــج ڳِراٿِنِ، پَنــج ڳِراٿَنِ. ٨٢٦. ن. مصلَوَ، ق. مصلوّ. ٨٢٦/١ - ٨٢٦/٦ اهي سٽون ن ۾ موجود ناهن، ق ۾ ڏنل آهن. ٨٢٦/٦. ق. پَنجِ، ق. "وَڏي" (=وڏي)، لکت اهڙي آهي جو "وَڙي" پڙهڻي بہ ٿي سگهي ٿي. ٨٢٦/١ - ٨٢٦/٦ اهي ڇهہ سٽون مخدوم محمد هاشم رح طرفان اضافو آهن ۽ جيئن ق ۾ لکيل آهن تيئن ئي رکيون ويون آهن.

[٨٢٧] اَنَئيِنْ آڱُرِيَنِ جي آهي هِيَ پَچارَ

[٨٢٨] تَہ ڪِجَنِ قِبلِي سَامُهَا نِرتَا نَہَ نِبَارَ

[٨٢٩] اِي پُڻْ اَنَئِي ٻُجھُہ، سُنَّتُون جي سُجُودَ جُون

[٨٣٠] تَانْپِي سي سَمُجُھُہ، جي ڪِجَنِ اَندَرِ قَعْدِي

[٨٣١] پِھرؤ پَٿَرِي پيِرُ نُون ڏَائِئُو ڏِيکَارِيجِ

[٨٣٢] پِوَءِ جِيَٽُو ڄُڙَئُو مَاڳِھِين اَصُلِ اُپِيارِيجِ

[٨٣٣] ۽ ٻِھَرِ ٻَئِي پيِرَ سَيَتِ سَڄِي پَارَ ڏَانْہَ

[٨٣٤] آهي عَوراتِن کِي ڪَدِيَڻُ قَعْدِي وِيرَ

[٨٣٥] مُڙِسُ رَانُو قُعُودَ ۾ ڪُشَادِيُون ڪَرِي

[٨٣٦] ۽ عَورَتَ اُرُونْ پَانْھِجَا لَائِي لَڱِ ڌَرِي

[٨٣٧] ترِئُو پُڻْ تَانْپِي هَٿَ ٻَئِي رَانُنِ سِرِ رَکِيجِ

---

٨٢٨. ن .نَہْ، ق. نُہْ. ٨٣٢. ن. جَڙِؤُ ماگِهِمْ، ق. جُڙِؤُ ماکِهِمْ. ٨٣٣. ن ق. ٻِهرِ.
ن. سَيَتْ، ق. سَيَتِ. ٨٣٦. ن ق. اُرُّ (=اُرُون)، ن. پاهِجَا، ق. پانهِجَا.

[٨٣٨] چؤتون مُهاڙ مڙنئن آگُرِينئن قبلي پارِ ڪَرِيج

[٨٣٩] پَرَ مُونَنِ ڪَنئديَ مُڙسُ رَکي هَٿين آگُرُون

[٨٤٠] ۽ عَوَرتَ اوَڏِيُون پيتَ کِي ڪَرِي ڪَرَايُون

[٨٤١] رِهَاءِ نَہ اِمَامَتَ عَورَتَ جِي ڪَارَڻِ مُڙسَاڙُنِ

[٨٤٢] ۽ ڪَرَڻُ جَمَاعَتَ پَاڻَ ۾ پُڻُ مَڪرُوهُ آهِي اُنِ

[٨٤٣] جِي ڪَنِ جَمَاعَتَ پَاڻَ ۾ تہ اِمَامَ انِ سَنديِ

[٨٤٤] اُپِيبَنديِ انِ وِچَ ۾ فَرَقُ ڪؤنَہ ڪَنديِ

[٨٤٥] ۽ اِمَامُ اُگَهارَنِ جؤ اُوُ پُڻُ وِچِ جُڳَاءِ

[٨٤٦] تؤڻِي اُپِي پَاڙهِي نَمَازَ سَا تؤڻِي وِبهِي پڙهَاءِ

[٨٤٧] ۽ ٽِري نَمَازُون وِنِي نہ رِهَائِنِ جِي سَگهہَ اُپِيڻَ هؤءِ

[٨٤٨] جِي سَگهہَ هُوئِسِ تَحْرِيمَ جِي تہ اُوءِ تـوءِ اُپِي چؤءِ

[٨٤٩] هِيڪُ فَرْضُ، وِترُ بِئؤ، ٽِرِي سُنَّتَ صُبْحَ جِي

---

٨٣٨. ن. آنگُرِ، ق. اُنگَرِي. ٨٤١. ن ق. مُرسَارُنِ. ٨٤٣. ن. اُنَّ، ق. اُنِّ. ٨٤٥. ن ق. اُڪَارَنِ جو.

[٨٥٠] ٻِي سَگهہَ سين جي وِيهِي ڪَرِي ڪَر اَڏُ ٿِئي

[٨٥١] ٻَانگَ نہَ اُٿِي عورَتِين، نہَ ڪَا اِقَامَتَ

[٨٥٢] مَولِي ڏِنوَ مُڙسَنِ کِي اِيُ فَضلُ جَمَاعَتَ

[٨٥٣] پِيرَنِ ڪَارَڻِ ٻِيُون گهَٽِيُون چَنگَايُون آهِينِ

[٨٥٤] سَتْرُ شَرَمُ اَدَبُ حِلمُ اِطَاعَتَ شَالَ سِوَ نِبَاهِينِ

[٨٥٥] فَرقُ جوَيِينْ مُڙسِينْ چوَڏَنہ ٿوَڪَ ٿِئَا

[٨٥٦] جيڪِي جُڳَائِينِ جَنِ کِي سِي ڪَارَڻِ تَنِ ڪِئَا

[٨٥٧] هَٿِينْ پِيرِينْ آڱُرِيُون ڪِجَنِ قِبلِي پَارِ

[٨٥٨] ڏُهلِيُون ڏَائِي پِيرَ جِيُون سَغْيَانْ سِي مَ وِسَارِ

[٨٥٩] ٻِنِ هَنڌِ هَٿِينِ آڱرِيُون جَاٽِي چوَرِجَنِ

[٨٦٠] ڪِجَنِ ڪُشَادِيُون رُڪُوعَ ۾ ۽ سوڙِهِيُون سُجُودَنِ

[٨٦١] ٻِي سَيَڪَنہِ مَاڳَ ۾ مَرْ اُٿِي حَالَ هُونَ

---

٨٥٠. ن ق. ٻِي سَڪَ سِي. ٨٥٩. ن ق. ٻِنْ.

[٨٦٢] پَنْجُون پَسَنُ هَنْجَ ذَاتہ، ڇهوَن پڙهہُ صَلَواةَ

[٨٦٣] اَنـدَرِ اَخِيرَ قَعْـدِي اُتَان اَلـتَّحِيَّاتَ

[٨٦٤] سَنُون لَفظُ سَلاَمَ جوَ بِنهِي پَارِ پڙهِيجِ

[٨٦٥] اَنُون وَقْتِ سَلاَمَ جي کُلهَنِ ذَاتہَ ڏِسِيجِ

[٨٦٦] مَنْجهسِ نِيَّتَ مَلَکَنِ حَفْظَ جَنِ کَرِيجِ

[٨٦٧] جيکَرَ هوئِينْ جَمَاعَتَ مِ تہَ سَپِ سَنيَارِيجِ

[٨٦٨] ۽ جيکِينْ خِلاَفُ سُنَّتَ کِ وَاجِبِنِ سوَ مَکرُوہُ مَنِيجِ

[٨٦٩] مَکرُوہُ ڇَنِجي تنہِ کِي جوَ سُهَاءِ نہَ کِي کَهِين

[٨٧٠] خُوشِيَ مَنجَها کوَ نہ کَرِي قَبُولُ کِي تَهِين

[٨٧١] ”اَلْکَرَاهَةُ ضِدُّ الْمَحَبَّةَ“ اِيَ مَعنيٰ جَهِين

[٨٧٢] کَرَاهَتَ تَحْرِيمَ هـوءِ وَاجِبُ جي وَجِي

---

٨٦٢. ن ق. پَنجًا. ٨٦٤. ن ق. سَتَا..... بِنِ (=بِني، بنهي)، ن ق. پڙهيج (جيم هيٺان زير). ٨٦٥. ن ق. اَنَّا، ن ق. ڏِسيجِ (جيم هيٺان زير). ٨٦٦. ن ق. سجي ست ايئن. ٨٦٧. ن. سَپَ، ق. سَپِ. ٨٦٨. ن. مکروه سُپيجِ، ق. مکروه مَنيجِ ٨٦٩. ن ق. کَهِہْ (=کَهِين). ٨٧٠. ن ق. تَهِہْ (=تَهِين).

[٨٧٣] ۽ وَجَهُڻ سڀين سُنَّتَ جي تَنزيهي تِيي

[٨٧٤] هَاڻي پَڙُهه سي پَرُوڙِي، جي مُسْتَحَبَ نَمَازَ جا

[بيان نماز جي مستحبن جو]

[٨٧٥] مُسْتحَبَ جي نَمَازَ جَا سي چوکَا آهِن چَارِ

[٨٧٦] جَنِي پَڙهِي پَارِئا سي مُؤمِنَ پُنْدَا پَارِ

[٨٧٧] پِهْرِوْ پَاڻُ ۽ کَپُڙوْ رَکُ پَلِيتيَان پَوْءِ

[٨٧٨] جَا پَلِيتِي تَوْرَڙِي دِرَمَ شَرَعِيَا هوْءِ

[٨٧٩] بِئوْ "اِنِّيْ وَجَهْتُ وَجْهِيَ" کِي سَارِ شُرُوعَڻَ وِيرَ

[٨٨٠] جِهْرَ نِيَّتِيْڻ نَمَازَ تُون پَائِي مُصَلِّي پيرَ

[٨٨١] ٽِرئوْ تَنْ آيَتُنئا اڳِرِي قِرأَتَ کَرَڻُ جَاڻُ

[٨٨٢] چوْٿُون مَنْگَڻُ کَارَڻِ مُؤمِنِيْن دُعَا دُرُودَ پُڄاڻ

---

٨٧٦. ن ق. جَنِ. پُندا= پوَندا. ٨٧٧. ن ق. پَلِيتِيا. ٨٧٨. ن. دَرَمْ، ق. دِرَمْ. ن ق. شَرَعِيَا. ٨٧٩. ن. شُروعَنِ، ق. شُروعَنَ. ٨٨١. ن ق. آيَتُنا. آيَتُنِئَا= آيَتُنئان، آيَتُنِ کان، اڳِرِي= وڌيڪ. ٨٨٢. درود پڄاڻ= درود پڄاڻا، درود بعد، درود پڙهي پوري ڪرڻ بعد.

[٨٨٣] تَاٿِپي سي سُجَاڻُ، جي سڪَڻُ مَسْئَلا مُقْتَدِيِن

[٨٨٤] اَرَڙَهَنْ مَسْئَلاَ مُقْتَدِي سَارِي جَان نہَ سِڪَنِ

[٨٨٥] تَانْ تَانْ اُپِيَڻُ اِمَامَ پُڻِ ڎُهْلُوْ ڎِسِي تَنِ

[٨٨٦] سائِينءَ سوْيَاتَا ڪِئَا سِڪِي جي سَمُجَهنِ

[٨٨٧] تِئَان پَنْجَ پَڌَرَا جي چِڏِي اِمَامُ اَپِهَاڪَا

[٨٨٨] نہَ وَرِي مؤتَنِ مُقْتَدِي توْٽِي بُجَهنِ تَا

[٨٨٩] دُعَا قُنُوْتُ، عِيدَ تَڪبِيرُون، ۽ پِهرؤ وِهَڻُ

[٨٩٠] چؤتَان سَجِدَا تِلاَوَتَ جَا پَنْجَان پُڻْ سَهْوَنِ

[٨٩١] ۽ پُڻْ چَارِ بِئَا جي اَگَرا تِئَا اِمَامَ ڪَا

[٨٩٢] نہَ تَابِعَ ٿِي مِرَ مُقْتَدِي تَاٿِپي تَنِ سَنْدَا

[٨٩٢] هيڪُ سَجِدؤ وِترؤ بِيُون تَڪْبِيرُون عِيدَ

---

٨٨۴ ن. اَرْرَہَ، ق. اَررَہَ. ٨٨٥. ن ق. تـاتـا. ٨٨٧. ن. اَپْهَاڪا، ق. اَپہَ ڪـا (=اَپهَڪا). ٨٨٨. ن. مُجَنِ (يا بُجَنِ)، ق. بُجَنِ تـا. ٨٩٠. ن ق. چوتا، ن. پَنْجَّا، ق. پَنجاً. ٨٩١. ن ق. ڪا (=ڪان). ٨٩٢. ن. ٿِيمَ مقتدي (=ٿِيءُ مرَ مقتدي). ق. ٿِيَنِ مرَ مقتدي. ن. تَنِ، ق. تَني.

[٨٩٤] اُنِي اَقْوَالَ اَصْحَابِينْ جِي مَٿِي ڪِيَائِين مَزِيدَ

[٨٩٥] تَہ ڪَٿُ مَ ڪُڇَنِ مُقْتَدِي نَوْٽِي سُٽِين سَپَ ٿَا

[٨٩٦] جِي تَڪْبِيرُون جَنَازِي جِيُون اُوءِ پُڻْ اِنَ حُڪْمَا

[٨٩٧] ۽ پُڻْ اِمَامُ اَيَهْڪَ جِي اُٺِئِوْ رَڪْعَتَ پَنْجِينءَ لا

[٨٩٨] پَرَ پُورَوْ ڪَرِي قَعْدُو چُرِئوْ چوٿِيَ ڪَا

[٨٩٩] تَہ مَاڳَانْ مَ چُرَنِ مُقْتَدِي وَرْ وِينَا نِهَارِينِ

[٩٠٠] جَانْ وَرِي وِيهِي سَلاَمُ ڏِي تَہ پَرِسَندِيَس پَارِينِ

[٩٠١] ۽ ڪَارَڻِ تَاخِيرَ سَلاَمَ جِي سَهْوَ سَجِدَا ڏِينِ

[٩٠٢] اِيُ وَرِي وِيهِي سَلاَمُ ڏِي رِي تَشَهُدَ تِنِ

[٩٠٣] مُقْتَدِي پُڻْ سِيٽَس ڏِينِ اِيْ سَلاَمَ سُونهارِيَ پَتِ

[٩٠٤] ۽ جَانْ وَرِي نَہ وِينوْ سَلاَمُ ڪِي پِئوْ سَجِدِي پَارِ

[٩٠٥] نَان پَڙَهِن سَلاَمُ پَاڻَ لَئِہ مُقْتَدِي مُخْتَارَ

---

٨٩٤. ن. ڪِيَاءِ، ق. ڪِئَاءِ. ٨٩٥. ن. سَپَ نا، ق. سَپِ تَا. ٨٩٧. ن ق. پَنْجَئِي.
٩٠٥. ن. پاڻَ لَ ءِ (يا) پاڻَ رَءِ، ق. پاڻَہِ (=پاڻهِين).

[٩٠٦] پَرَ تَانْ جي ڪِئوْ نَہ هوْئِس قَعْدوْ چوْٿينءَ سِرْسَارِي

[٩٠٧] نَہ تابِـعَ ٿِيِنِس مُقْـتَدِي جي وَرِي سـوْ وارِي

[٩٠٨] ۽ جَانْ وَرِي نَہ وِينوْ قَعْدِي سان، پِيِنئوْ سَجدَنِ

[٩٠٩] تَانْ مَنِئوْ فَرضُ نَفْلُ ٿِئوْ مَرْ مـوْتِي پِيهارَڪَنِ

[٩١٠] نَفَعُ نَہ ڪِئوْانَ ڪِي تَشَـهُّدَ سَلاَمَ تَنِ

[٩١١] ۽ پُڻ نَوَ ٿوْڪَ آهِينِ اهَڙَا جي ڇَڏِي ڪَوْ اِمَامُ

[٩١٢] تَہ مُورِ مَ ڇَڏِينِ مُقتَدِي وَرْ تَرْسِي ڪَنِ تَمَامُ

[٩١٣] ڪَـٽَڻُ هَٿَ تَحْرِيمَ ڪِي، پَڙهَڻ بِئوْ ثَنَا

[٩١٤] جِيِسِـيِنءَ اِمَامُ قِرَاءَتَ ڪان پَڙهِي فَاتِحَا

[٩١٥] جُهْ شُرُوعُ ڪِيَائِين سُورَتَ ڪِي تہ ڪُجِي ڪَوْ مَ مُهَا

[٩١٦] اِمَامُ مُحَمَّدُ ڪَنِ پُڻْ مَهنْدِ مَ پَڙهِي، يُوسُفَ خِلاَفَا

---

٩٠٦. چوٿينءَ سر= چوٿينءَ تي. ٩١١. ن. اِهْڙا، ق. اِهَڙا. ٩١٥. مُهَا= مُهان، واتان. ٩١٦. ن. سڄي سٽ ايئن [مَ پَرِي= مَ پڙهي]، ق. امام محمّد ڪَنِ پُڻ مهندِ مَ پَرِي يُوسُفَ خِلافا. ٩١٦/١ -٩١٦/٦ اهي ڇهہ سٽون ن ۾ ناهن، ۽ ق ۾ آهن. اهي سٽون وضاحت طور مخدوم محمد هاشم رح وڌايون.

[٩١٦-١] [پِرَ صَحْيُ قَوْلُ ڪتَابَ ۾ اِنَ پِرِ ٿئُ لِکِي

[٩١٦-٢] تـہ جَانْ اِمَامُ قِرئَتَ کِي پَڌَرُو ٿئُ پـڙهِي

[٩١٦-٣] تَانْ پَڙهَڻُ ثَنَاءَ مُقْتَندِيَ کِي ڪَرَاهَتَ آهِي

[٩١٦-٤] نئُٽِي پَڙهِي ٿئُ فَاتِحَا ڪ ٻِئِي سُورَ وَارِي

[٩١٦-٥] ۽ جَانْ قِرئَتَ ڳُجهِي ڪَرِي تَانْ پَڙهِي وَرْ ثَنَا

[٩١٦-٦] نئُٽِي وَقْتِ فَاتِحَا جِي ڪـہ پُڄاڻَا تـهَا]

[٩١٧] تِرِيُون تَڪْبِيرُون رُڪُوعَ جِيُون، چَوٿِيُون سُجُودَنِ

[٩١٨] پَنْجِيُون تَسْبِيحُون تَنِ ۾ مَرْ سَارِي سَڀِ پَڙهَنِ

[٩١٩] ڇَهُوَن تَسْمِيعُ، تَشَهُّدَ سَنَانْ، اَنوَن سَارِ سَلاَمَ

[٩٢٠] نائوَن تَڪْبِيرُون تَشْرِيقَ جِيُون اِي پُڻْ اَرْڙَهِين ٿِيا تَمامَ

[٩٢١] هَاٽِي سِڪُ سِيئِي خُوشنَامَ، پَڃِي نَمَازَ جَنِ سِين

---

٩١٦-٢. ق. تَجا (=تـہ جان). ٩١٦-٤. ق. سُورَ وَرِي (ايئـن). ٩١٦-٥. ق. ثَناءُ. ٩١٨. ن ق. سَڀِ. ٩١٩. ن. ڇَهُم (ڇهون)، ستا (ستان، ستون)، اَنَيءِ (انئين، انين)، ق. تسميعَ، تَشَهُّدَ، سلامُ. ٩٢٠. ن. اَررَهِي.

[٩٢٢] ٻِيُو نِمازَ جَنِ سِين، سِي ساري ڪَرِ صَحِيُ

[٩٢٣] تَہ ٻاجَهائِي ٻَهُون پَرِين رازِقُ رَبُّ غَنِيُ

[٩٢٤] ٻِيُو نِمازَ جَنِ سِين، سِي آهِينِ اُٺَهَٺِ

[٩٢٥] سُٺِي شُمارُ سِيَنِ سَندوَ هِيئِنْ ۾ هَڪَٺِ

[٩٢٦] تَنِي مَنْجها هيڪَڙوَ پِهرِوَ پاڻَ رَکِيجِ

[٩٢٧] جنئَن شُروعَ لائِي سَلامَ سِينءَ ڳالا ڪوَمَ ڪَرِيجَ

[٩٢٨] جاٽِي ٻُجهِي جِي ڪَرِين تَوڙِي اَجاتا

[٩٢٩] تَہ عُذْرُ ناهِ اَپْهڪَ جوَ، ٻِيُو نِمازا

[٩٣٠] ڪِ اُناهِينْ آوازُ پَڙهِينْ، سُٽِينْ سَڏُ ڪَهِين

[٩٣١] پَرَ پَڙهِينْ قَصْدِ جَوابَ جِي تُون ڪارَڻِ تَهِين

[٩٣٢] تَہ اُپِجُ اُپِجُ اَچان تَوَ، ڪِ وَنْءُ وَنْءُ اُپُ مِراتِ

---

٩٢٥. ن ق. سَيَن سندو. ٩٢٨. ن. اَجاتا (=اجاتا)، ق. اَجانِٺا (=اَجاٺِٺا). ٩٣٠. ن. آوازِ پَرِ، ق. آوازَ پَري. ٩٣١. ن ق. قَصْدِ. ٩٣٢. ن. وَءْ وَءْ، ق. وَءُ وَءُ.

[٩٣٣] اِيُ اَمْرُ نَهْيُ نَمَازَ کي ڀَڃي ايھِيَ ٻَتِ

[٩٣٤] ڪِ وَنِئُوَ ٻلِي مَاهُ وَڃي ڀَرِي ڀَڏَرُوَ تي

[٩٣٥] تہ مَتَان وَڃي نِڪِري ڪَنَاس ڪُوَ وَني

[٩٣٦] مَگَرْ نَمَازَ پَانْھِجِي جي سا ڏِيڪَارِيَاءِ

[٩٣٧] تہ سَڀِي سَلاَمَتَ جَاڻُ سَا ڀَڳِي مُورِ مَ ٻَاءِ

[٩٣٨] ٻِئُوَ پُڻْ رَڪِعُ پَاڻَ کي سَارِي سَلاَمَا

[٩٣٩] ترِئُوَ جَوَابُ سَلاَمَ جوَ مَتَان چوَئِيڻْ مُھَا

[٩٤٠] چوَٿُون چُوْنِ نَمَازَ ۾ ڪِڇي نہ آوَازُ

[٩٤١] جي سُڃي سوَ حُرُوفَ سِيڻ تہ ڀَڃي صَحْيُ نَمَازَ

[٩٤٢] نوَٽِي ڦِيرِي ڦُوڪَ کي ڪَڍِي وَاتَا ڪُوَ

[٩٤٣] تہ وِڃِي نَمَازَ وَاءَ سِيڻْ جي سوَ ڪَھِيڻْ سوَ

[٩٤٤] ”اَلنَّفْخُ فِي الصَّلواةِ ڪَلاَمٌ“ نَبِيَ پَاڻَ چيوَ

---

٩٣٣. ن ق. ڀَنجي ايھِيَ ٻَتِ. ٩٣٤. ن. ڀَرِ ڀَڏَرُوَ تي، ق. ڀَرِي ڀَڏَرو تي. ٩٣٨. ن. رڪِعِ. ٩٤٣. ن ق. ڪَھِمْ سو= ڪَھِين سُئو. ٩٤٤. ق. نَبِيَّ فرمايو.

[٩٤٤/١] [پَرَ پَجَڻُ نَمَازَ جوُ ڦُوڪَ سِين تَڏِنه ڇُوِن ٿِيي

[٩٤٤/٢] جَڏِنه اَڪَرِ ٿِيَنِ پَڌَرَا آوَازَ ۾ تِنه جي

[٩٤٤/٣] نَاتَہ پَجَڻُ نَاهِ ڪوُ توُٽِي سَا سُٽِجِي]

[٩٤٥] پَنجُون روُئَڻُ پَڌَروُ مَٿِي مُصِيبَتَ

[٩٤٦] ڪِ ڏُڪَندي ڏِيلَ جي ضُعفُ هوُءِ زَحمَتَ

[٩٤٧] پَرَ جيڪوُ روُءِ نَمَازَ ۾ دَرِجِيْ دوُزَخَ دَرَاءِ

[٩٤٨] ڪِ ڪَرِي روُئَڻُ پَڌَروُ جَنَّتَ جي ذوُقَا

[٩٤٩] آهِي اِيءُ حَدِيثَ ۾ تَہ روُئَڻُ تِنه رِهَاءِ

[٩٥٠] "طُوبيٰ لِلبُڪَائِيْنِ فِي الصَّلَواةِ" چَيوُ پَاڻِ پِريا

[٩٥١] ڇَهوُن ڇِڪَ نَمَازَ ۾ جي ڪَنه ڪَنِ لَڳِي

[٩٥٢] چُنڊِيَ جَوَابُ تِنه جوُ نَمَازَاسِ پَڳِي

[٩٥٣] پَرَ جي پُٺِيَ ڇِڪَ پَانِهجِيءَ پَڙهي حَمدُ پَاڻِ

---

٩٤٥. ن ق. پَنجَّا. ٩٤٧. ن. دِرجي، ق. دِرجِي. ٩٥١. ن ق. ڇَهُمُ. ٩٥٣. ن ق. پانهجِيءَ (ايئن).

[٩٥٤] چوءِ جوابُ چڪَ جوَ تانْپي تنْهِ پُڄاڻِ
[٩٥٥] تہ نہ پَڳي نَمازَ سا صَحْيُ قولِ سُڄاڻُ
[٩٥٦] سَنُون سُورَ سَرِيرَ جي جيڪوَ ڪَدِي آهہَ
[٩٥٧] ڪِ ڪَرِي اُوہ، ڪ اُفُ چوءِ، تہَ نمازاسِ تَباہَ
[٩٥٨] اَنُون اَخيرَ قَعْدِي جي نِنْڊَرَ هوءِ ڪَهِين
[٩٥٩] جِئَن سارَ نہ ٿِيَس سَپَ ۾ تَهان پوءِ نَهِين
[٩٦٠] جَان قَدرُ قَعدِي وِيهِي ڪَرِي ڏِنائِين سَلاَمُ
[٩٦١] تَان نَمازَ پُورِي ٿِي، نَاتَ پَڳِي نَا تَمامُ
[٩٦١/١] [پَرَ اِيُ پَڄَڻُ نَمازَ جوَ تَڏِنْهِ جَڏِنْهِ جَاڻِي توَ
[٩٦١/٢] تہ ڪُلَّ تَشَهُّدَ ڪ بَعْضَ ۾، هُئُس يَقِيْنًا سُتوَ
[٩٦١/٣] ءِ جَانْ وَقتِ شُرُوعَ تَشَهُّدَ جي جَاڳَندوَ هوءِ
[٩٦١/٤] پوءِ اَچِي ٿِئُسِ غَلْبوَ وَرِي نِنڊرَ سَندوَ

٩٥٥. ن ق. قولِ (ايئن). ٩٥٦. ن ق. سَتَّا. ٩٥٨. ن ق. اَنَّا. ٩٦١/١ - ٩٦١/٨. اهي ان سِٽُون ن ۾ نہ آهن، ق ۾ هڪ سٽ ٩٦١/٤ ڪانهي باقي ب-١ ۾ موجود آهي.

[٩٦١/٥] پَرَ يَادِ نَہ اَچِيس اِنَ پَرِ نَڪِي پَرُوڙِي سَوَ

[٩٦١/٦] تَہ ڪِيِنْ مُون تَشَهُّدَ جَاڳَندِي هُئَوَ تَمَامُ ڪِئَوَ

[٩٦١/٧] تَڏِنهِ ڏِيئِي سَلاَمُ نَمَازَ ڪَنَا فَارِغَ سَوَ ٿِيندَوَ

[٩٦١/٨] نَاهِ اِحتِيَاجُ اُنَ ڪِي پَڙهَڻَ تَشَهُّدَ جَوَ]

[٩٦٢] فِعْلَ سَپِيئِي صَلْوَاتَ جَا آهِينِ اِيَ بِئَا

[٩٦٣] جِيڪِين وَجِي نِندَرَ ۾ سَوَ پَڙهِي نَہ نَمَازَا

[٩٦٤] ڪِ اَصْـــلُ نَمَازَ اِنَ پَرِ جِي ڪَوَ وِسَارِي

[٩٦٥] جِئَن اَڳِينءَ ڪِي جُمَوَ يَانْئِي سَلاَمُ وِچِ وَارِي

[٩٦٦] ڪِ يَانْـــئِي مُسَافِرِي، ڪِ وِتـرُ تَرَاوِيحَ

[٩٦٧] يَڃِي نَمَازَ، نَہ ٿِيِي سَجِيْ سَا صَحِيحَ

[٩٦٨] نَوَئُـــونْ نَڙِي نَمَازَ ۾ عَاقِلَ اِينءَ مَ سَوَءِ

[٩٦٩] جِئَن اَڪَرِ ٿِيَنِ پَڏَرَا ۽ عُذْرُ هـوَءِ نَہ ڪَوَءِ

٩٦٤. ن. اَصْلُ، ق. اَصْلِ. ٩٦٨. ن ق. نَرِي نَمَازَ ۾ غافل ثِيَ مَسوءِ، ب-ا: نَڙِي نَمازَ ۾،
٩٦٩. ن ق. ايئن، ب-١: ۽ عذرُ ڪونہ هوءِ.

[٩٧٠] ڏهُون حَمْدُ حَڪِيمَ کِي مَٿِي خَبَرَ خَيرَ
[٩٧١] اِڪَارَهُون "اِنَّا لِلّٰهِ" کِي مَ چَوءُ مَنِيءَ وِيرَ
[٩٧٢] ٻَارَهُون ڀِنْ هَٿَنِ سِين جِيڪُو ڪَمُ ڪِيوءِ
[٩٧٣] ڪِ ڀِيرَهَنُ ڪِ پَاڳَ ٻَڌِينْ، ڪِ کَهَ سِين ڪانَارِيوءِ
[٩٧٤] تيرَهُون تَحْرِيمَ کِي اَڳِي اِمَامَا
[٩٧٥] جِيڪُو چُوءِ تَہ تِنهِجِي نَمَازَ نَاهِ رَوَا
[٩٧٦] ڪِ نوُڙِي تَحْرِيمَ وَقتِ حَاضِرُ هنيُون نَہ هوُءِ
[٩٧٧] تَہ پُڻْ رَوَا نَاهِ نَمَازَ سَا اِمَامُ اَعظَمُ چوُءِ
[٩٧٨] ڪِ اَچِي ڪوُ اِمَامَ سِين رُڪُوعَ ۾ رَسِي
[٩٧٩] جُهْ تِنْهِ قِيَامَ نَہ ڪِئي تَہ نَمَازَاسِ ڏِرسِي
[٩٨٠] جِئَن اُپِيَندِي "اَللّٰهُ" چوُءِ، ۽ "اَڪْبَرُ" رُڪُوعَ مِي

---

٩٧٠. ن ق. ڏهُمْ. ٩٧١. ن ق. اِڪارَهُمْ. ٩٧٣. ن. پَاڪَبَڌَ، ق. پَاڪَ ٻَڌِ (=پاڳَ ٻَڌين)، ن. کَهْسِ (کَهَ سين)، ق. کِهْسِ. ٩٧٤. ن ق. تيرَهُمْ. ٩٧٦. ن ق. هيٌ (=هنيُون). ٩٧٩. ن ق. جُنِه= جُه تِنِه. ن. ذَرسي، ق. ڊِرَسي.

[٩٨١] تَڪَڙُوْ تَحْرِيمَ کِي چُنْڊوْ تـوْ وَڃِي

[٩٨٢] ڪِ اِمَامَ اڳِي قُنُوْتَ کَانْ رُڪُوعُ جي ڪِئوْ

[٩٨٣] تِهَانْ پوْءِ پَڙهِي قُنُوْتَ کِي رُڪُوعُ ڪِيَائِين بِئوْ

[٩٨٤] جي نَيَا نـَ رُڪُوعَ پِهرِي تَنِي مُقْتَدِيَنِ

[٩٨٥] وَجَايوْ وِتـرَ کِي وَرْ سِڪِي صَحْيُ ڪَنِ

[٩٨٦] ڪِ اِمَامُ آخِرِ نَمَازَ ۾ قَهْقَهوْ ڪِئوْ

[٩٨٧] تـَ يَڳِي نَمَازَ تِنهِجِي جوْ مَسْبُوقُ هوْ

[٩٨٨] چوْڏهُون چَڙهِي نَمَازَ ۾ جي صُبحُ سِجُ نِڳِئوْ

[٩٨٩] ڪِ جُمعِي جِيءَ نَمَازَ ۾ وِچِينءَ وَقتُ پِئوْ

[٩٩٠] ڪِ جُمعِي جِيءَ جَمَاعَتَ کَان وُضُو يَـڃِي ڪوْ

[٩٩١] جِنِي جَمَاعَتِي بـَ جَڻَا ڪِ ڪوْ هوْءِ تِرئوْ

[٩٩٢] جِيسِينءَ رَڪعَتَ پِهرِيءَ جوْ ڏِنوْ نـَ سَجِدوْ

---

٩٨٥. ن. وَجايو، ق. وَنْجايو. ٩٨٧. ن. مسبوق هو، ق. مسبوق هئو. ٩٨٨. ن ق. چوڏهُمْ. ٩٩٠. ن. يَنجي.

[٩٩٣] تہ پڳي نماز مڙني توڙي امامُ توءِ
[٩٩٤] جماعت شرطُ جُمعي سندوَ خلَلُ تنت بِئوَ
[٩٩٥] پنرهون پاٽي جي رسي تيمَ پُڄاٽا
[٩٩٦] ڪِ ڇُنوَ ذَڪُ ڇٽي پيئي پٽي تنه مٿا
[٩٩٧] سوَرهوَن سجدوَ جي ڏِيڻ مٿي پٽ پليد
[٩٩٨] ڪِ بئي پير اُپاڙيڻ سجدي سَپَ سعيد
[٩٩٩] ڪِ پُنيريون پيرن جيون ڪري آڱريون
[١٠٠٠]رکينْ حال سُجُود جي توڙي تن پُنيون
[١٠٠١]ڪتاب ”شرحَ مُنيَ“ ۾ آهين اي لِکيون
[١٠٠١/١][ تہ وقت سجدي آڱريون پيرن جيون پُنيريون رکي]
[١٠٠١/٢]تہ نمازُ تنهجي فاسد ٿيي ورْ واري سا پڙهي
[١٠٠١/٣]ءِ جانْ مُهاڙ نہ ڏنائين آڱرين کي قبلي پار ڏانهَ

٩٩٥. ن. پنرهُمْ، ق. پنرهُمْ. ن ق. تيمَ. ٩٩٥. ن پنرهُمْ، ق. پنرهُمْ. ن ق. تيمَ.
٩٩٨. ن ق. سپَ. ١٠٠١. ن. ئيَ، ق. اِي.

[١٠٠١]پَرَ رَکئَائِين نُهَنَ پِرِ اُپِيـُون کَـرِي اَشْلاَ]

[١٠٠٢]تؤٹِي صَحِيُ اِنَ صُورَتَ ۾ پِيچَڻَ نَمَازَ نَاهِ

[١٠٠٣]تَہ پُڻْ ڪَرَاهَتَ کَان نَمَازَ سَا خَالِي هَـڏْ نَہ آهِ

[١٠٠٤]سَتـرَهـؤن سَارِي پَاڻَ کِي رَکِجُ تِنْهِ کلاَ

[١٠٠٥]جَا کِلَ سُٹِبِڻْ پَاڻِ تُون بُـڏَنِ کَـيـنَ بِـئَـا

[١٠٠٦]پَرَ تَانْ جِي کِلِيِي کِلَ سَاجَا بُڏِي کِنْهِ بِـئِي

[١٠٠٧]تَہ پِگِي پؤءِ نَمَازَ تـؤ، پَرَ وُضُو پُڻْ وِئِي

[١٠٠٨]تؤٹِي چؤرِبِڻْ نَہ وَاتَ کِي پَرَ کَهُونْ کَهُونْ کِلَ سُچِي

[١٠٠٩]تَـہ پُـڻْ وُضُوءَ ۽ نَمَازَ کِي اِيُ آوَازُ پِچِي.

[١٠١٠]اَرْڙَهـؤن عَجَبُ جِي سُـٹِي جَوَابُ چؤءِ "سُبحَان"!

[١٠١١]اُوٹِيهؤن اُپَٹِي مُصْحَفَ ۾ پَڙهِين کِي قُرآنَ

---

١٠٠٤. **ن ق**. سَتَرَهُمْ. کِلا= کـلانْ، کِلَ کـان.١٠٠٨. **ن**. تـوري (=تـوڙي)، **ق**. توٹي. **ن**. کَهُ کَهُ، **ق**. کَهْ کَهْ. ١٠١٠. **ن ق**. اَرْڙَهُمْ. ١٠١١. **ن ق**. اُونِيهُمْ، **ن ق**. پَرِ (=پَڙهِين).

[١٠١٢]ڪِ قِرائَتَ قُرآنَ رِي ڪَرِي ڪوُ ٻِئِي
[١٠١٣]مَگَر عَرَبِيَا عَارِي هوُءِ جَاڻِي فَارِسِي
[١٠١٤]وِبهُون پُنِيَ وَهْنَر جِيءَ هوُئِين جِي سُوارُ
[١٠١٥]ڪَرِي قَصْدُ نَمَازَ جوُ تَاڻِپِي تَنهِين وَارُ
[١٠١٦]هَٽِيڻْ رُڪْنِ هيڪَڙِي تِنْهِ ڪِي چَابُڪَ ٽِرِي
[١٠١٧]تَہ ٽِبِين نَمَازَا ڏَارَ تُون، ڪِ ٻِڻْ پِيرِيڻْ ٽِرِي
[١٠١٨]اِيڪِيهُون عَاقِلَ پَاڻهِجا پُورَا پِيرَ اُپِيارِ
[١٠١٩]اِمَامَ پُٺِ اَدَبَ سِين سَالِڪَ صِفَ سَنوَارِ
[١٠٢٠]مَتَان مَهَندِ اِمَامَ ڪَان پِيرَ تُنهِجَا پُوْنِ
[١٠٢١]تَہ اِهڙِي اُپِيڻَ عُلَمَاءُ نَمَازَ نَہ رِهَاءِ چُوْنِ
[١٠٢٢]ڪِ آڳَاڻُروُ اِمَامَ ڪَان رُڪْنُ ڪوُ ڪَرِي
[١٠٢٣]تاڻپِي تِهِين رُڪْنَ ۾ جِي اِمَامُ اُنَ رَسِي

١٠١٢. ن ق. قِراَءَۃَ. ١٠١٤. ن. وِبهًا پُنِيِيءَ وَهْنَرَ جِيءَ هو ۽، ق. وِبهًا پُنِيَ وِهْنَر جِيءَ هوءِ. ن ق. وبهًا. ١٠٢٠. ن. اِهْڙِي، ق. اِهَڙِي. ١٠٢١. ن ق. عُلَمَا. ١٠٢٣. ن ق. تاپِي، ن. تِهِمْ، ق. تَهِمْ.

[١٠٢٤]تہ رِهاڻِي نَماز سا پَرَ ڪَراهَتَ ٿِيِي

[١٠٢٥]۽ جي اِمامَائِين اڳِي وِئو تہ نَماز نہ رِهائِي

[١٠٢٦]ڪ اِمامَ اڳِي هيڪڙو سَجدو ڏِنو هوءِ

[١٠٢٧]ڪَرِي رُڪُوعَ ۽ سَجِدو تِنھِ سِين رَسِي ڪوءِ

[١٠٢٨]نہ رِهاڻِي نَمازَ تِنھِ جِنھِ پَرِ اِيَ ڪئِي

[١٠٢٩]جي سَجِي رَڪعَتَ اِمامَ کان اَڳاتِري ٿِئِي.

[١٠٣٠]بَاهِيُون بَهْرِ نَمَازَا بِنْ هَٿِين جيڪو ڪَمُ ڪِجي

[١٠٣١]جي سو مَنجِهس ٿِئو هَٿِ هيڪڙِي توءِ نَمازَ پِجِي.

[١٠٣٢]۽ حَاجَ هَٿَ جي هيڪَڙِي جي سَا بِنْ ڪيَاءِ

[١٠٣٣]تہ پَجَنَ پِئي نَاهِ ڪَا، پُورِي نَمازَاءِ

[١٠٣٤]تِرِيهِيُون تَوڙِ مَ وارَ کِي وَنِي تِرِي پِيِرا

[١٠٣٥]چوِهِيُونْ، چوٿوَن بَخْرو اُڪَهاڙِ مَ اَنْگَڙِي کا

١٠٢٨. ن ق. رِهَانِي. ١٠٣٠. ن ق. باهِيَ. ١٠٣٢. ن. بِنْ، ق. بِنِ. ١٠٣٤. ن. وَنِي، ق. وَتِي. ١٠٣٥. ن ق. چوهِيَ.

[١٠٣٦]جي آهِنِ عَورَتَ اَنْگَڙَا جوُبِن مُڙسَنِ جا.
[١٠٣٧]چوُكوَ چوُٽوُن بَخْروُ جي اُگهاڙي جوءِ
[١٠٣٨]كَنَا تهِين اَنْگَڙي جوُ ڍِكايوُ هوءِ
[١٠٣٩]توُڙي پُٺِ كِ پيٽَ كَان توُڙي تَنَ مَنْجهَا
[١٠٤٠]توُڙي بُكيءَ كِ رانَ كَان توُڙي تَنَ مَنْجهَا
[١٠٤١]هَٿين پيرِين مُنْهَ ري اوُچَڙُ اَنگَ بِئا
[١٠٤٢]آهي عوُراتُنِ كي اَصْلُ اَصِيلاً
[١٠٤٣]بِئوُ پُڙْ سَندوُ بانْهِيِنْ اوُچَڙُ آهي هِيئَنْ
[١٠٤٤]پيٽُ، پُٺِي ۽ ڏُنَ كَان مُونيْ مِڙَهِيِنْ سيئَنْ
[١٠٤٥]مَٿوُ بانْهُون بُكيُون اُرَهُ اُگهاڙوُ كاءِ
[١٠٤٦]كَرِي كَنيزَكَ كَڏهِين نَہ نمَازاسِ رِهاءِ.
[١٠٤٧]پَنْجِيهُون پانَ كي كِيتَا پِيَتَا رَكُ

١٠٤٣. ن. اَصْلَ، ق. اَصْلُ. ١٠٤٤. ن ق. مرَهمْ (=مڙهين). ١٠٤٦. ن ق. كَڏهِمْ. ١٠٤٧. ن ق. پَنجيهَا.

[١٠٤٨]مُؤمِنَ مَنجھہِ نَمَازَ تُون تـوروئي تـوڪَ مَ چَڪُ.

[١٠٤٩]ڇَهبُون ڇُڙبؤ جي ٻَڌِين سِيرِي سُٽَڻَ بَندُ

[١٠٥٠]سَتَاهِيُون سِرِي جي تِئي پَارِ قِبلِي ڪَندُ

[١٠٥١]اُچِلِ مَ اَنَاهِيُون تِرِي پِيرا ڪَڙؤ ڪَٽِينْ

[١٠٥٢]ءِ اَڪَرَ لِڪُ مَ پَڌَرَا عَاقِلَ اُٽَنَرِبهِينْ.

[١٠٥٣]اِيَهِين فَهْمُ تِنهِ ۾ جؤ اَڪَ لِڪئؤ آهي

[١٠٥٤]جي سؤ پَڙهِين جِيَ سِين تَہ نَمَازَ نَہ رِهائِي

[١٠٥٥]تِرِبهُون تؤ وُضُوءَ کِي جَاٽِي جي پَگِؤ

[١٠٥٦]ڪِ اِحْتِلاَمُ، ڪَ آسَارَئِي، ڪِ چَرَئؤ چِٽُ تِئؤ

[١٠٥٧]ڪِ جَاٽِي ڪؤ نَمَازَ ۾ نِيٽِينْ نِندَرْ ڪَرِي

[١٠٥٨]پِڇِي نَمَازَ تِنهِڇِي، سَارِي سَا نَہ سَرِي.

---

١٠٤٩. ن ق. چَهِيَّا. ١٠٥٠. سَتَاهِيَّا. ١٠٥١. ن ق. آنَاهِيُّ. ١٠٥٢. ن ق. اونترِبهُمْ. (ڪاتبن جي غلطي، صحيح ”اونترِبهِمْ= اوٽترِبهِين“ ، اڳين سٽ ۾ قافيي ”ڪٽين“ جي لحاظ سان). ١٠٥٥. ن. ترِبهًا، ق. تِرِبهًا. ١٠٥٨. ن. تِهجي سَارِي سَانَسَري، ق. تِهجِي سارِي سَانَسَري.

[١٠٥٩]مَگَر اَچي اوُچِتوُ غَلبوُ نِندَرَ ڪئوُ
[١٠٦٠]نَہ وُضُوءَ ۾ نَمَازَ نَاه پِئُ، جِي ثَابِتُ سُجُودُ هوُ.
[١٠٦١]اِيڪَترِيهوُن عَاقِلَ تُون دَانَاءَ دُعَا چَاڻُ
[١٠٦٢]پِنْجِي جَا نَمَازَ کِي سَارِي سَا سُجَاڻُ
[١٠٦٣]پَنْجِي جَا نَمَازَ کِي سَا سُجَاڻِي سِڪُ
[١٠٦٤]عَاقِلَ اُوءِ اَلْفَاظَ تُون اَندَرِ هِنْئِينْ لِکُ
[١٠٦٥] "اَللّٰهُمَّ زَوِّجْنِيْ اَوْ مَلِّکْنِيْ" اِهَڙِي آسَ مَرَکُ.
[١٠٦٦]بُجُهہ بَتِرِيهُون جِي تِيپي پُرْسَ پَاسِي جِوءِ
[١٠٦٧]جِنِي اِمَامَ نِيَّتَ عَوْرَتِين ۾ اِنِ پُڻْ پُنسِ هوُءِ
[١٠٦٨]رِي حَائِلَ هِنَدِ هِيڪَڙِي عَاقِلَ جِوءِ جُوانِ
[١٠٦٩]تِهْرَ يَجِي نَمَازَ سَا جَا رُکُوعَ سَجدَنِ سَاڻِ
[١٠٦٩ا][پَرَ مُرادَ چِيَائُون جُوانِ مَنجَها جَا اِهَڙِي نَندِي نَہ هوُءِ

١٠٦١. ن. اِيڪتريهي، ق. اِيڪَترِيهَيُ. ١٠٦٦. ن. بترِيهِييءِ، ق. بَترِيهَيُ. ١٠٦٩. ن. سَاڻِ، ق. سَاڻُ.

[١٠٦٩/٢]سَڏَ نَہ ٿِيي جِنهِ ڏُونهُ جي مُڙسُ ڏِسِيسِ ٿوُ

[١٠٦٩/٣]نوَٽِي جُوانِ هوَءِ سَا ڪِ گهٽوُ نَہ پَرِي تـوَءِ

[١٠٦٩/٤]تَان تَہ اُپِيـنِي مـُڙسَ پَرِ اَپَرِي عَـورَتَ ڪـا

[١٠٦٩/٥]سَــڏَ نَــہ ٿِـيي جِـنـهِ ڏُونهُ پَسِي مُڙسَنِ ڪَا

[١٠٦٩/٦]تَہ پُڻ پَڄِي نَمَازَ مُـڙسَ جِي، رِبهِين خِلاَفَا ]

[١٠٧٠]پُڻ پَرُوڙِي يَادِ ڪَرِ، تَڙسِي تِـرِبـٿِيـهُـون

[١٠٧١]چَگِئُـون لاَئِـجِ چِـتَ سِـين ڏِبِئِي هِـيجُ هِنِيُون

[١٠٧٢]مَنَان ڪَٽِي هَٿَ ڪَانَارِيِنْ تَنُ ٿِرِي پِيرا تُـون

[١٠٧٣]قِيَامَ ڪِ رُڪُوعَ ڪِ سُجُودَ ۾ ڪِ قَعْدِي چوُٿُون

[١٠٧٤]مَنَانْ نُون ڪانَارِيِنْ ڪِ ڪَرِين تـهِـڙِي ڪَارِ

[١٠٧٥]جِئَن توُڪِي پَسِـي پَسـٽُـو ڪَـرَ نـمَـازَا بَـهـارِ

[١٠٧٦]چوَٿرِيهُون چَابِ ڪَان جي ڏَنْدِ وَٽِيـئِي ڪِيِنْ

---

١٠٦٩/٦. ق. رِبُهِمْ. ١٠٧١. ن ق. چَنڪِ. ١٠٧٦. ن. وَنِيئي، ق. وَنِئي.

[١٠٧٧]تنهِ کِي ٿارِي جِپَ سِينْ ميڙِي مَنْجهِہ مُئِينْ
[١٠٧٨]جَانْ سؤ چَٽِي جيتَروُ ڪِ اِگَر اِنَا هوءِ
[١٠٧٩]تَانْ نَاقِصُ ٿِئِيؤ نَمَازَ کِي، توڙِي پِؤُ نہ ڪوءِ
[١٠٨٠]پَنْجتِرِبهُون پوءِ، جِي نَجَاسَتَ تيتَرِي
[١٠٨١]پُنْدِي جِنه پَلِيتُ ٿِيِي اوُچَڻُ يَا آنْگوءِ.
[١٠٨٢]چِتَرِبهُون مَ چوڙِ، قِرَائَتَ ڪَهِينْ اِمَامَ بِي
[١٠٨٣]وَرْ پَنهِجيءَ پَروُجَهہ سِين تَاٽِي رَسِي تُوڙِ
[١٠٨٤]ءِ جِي هوءِ اِمَامُ، مُهْتَدِي مَهنْدَارُ تؤ
[١٠٨٥]تَہ ڪَرِ ڪُشَادؤ تِنهِ کِي حَاجَتَ هَنذِ ڪَلاَمُ
[١٠٨٦]آهِي حَاجَتَ حَرْفَ جِي تيسِينءَ تَهِينْ کِي
[١٠٨٧]قَدرُ جَوَازَ صَلواةَ جؤ پُورؤ جَانْ نہ پَڙهِي
[١٠٨٨]تِنهِ پُجاٿَا جِي اَڙِئوُ تَہ حَاجَتَ حَرفَ نَاهِ

١٠٨٠. ن. پَنجتِرِبهئِي، ق. پَنجَترِبهَئِي. ١٠٨١. ن ق. پَلِيتُ. ١٠٨٥. ن ق. تَڪَر (تہ ڪَرِ).

[١٠٨٩]پَرَ جي چَيوُ تِنهِ کي تَہ ڀڄَڻُ نمَازَ مَ ڀانءِ

[١٠٩٠]ڪِ اَڙِٻي ماڳِهانْ اُٿڙي پڙهي ڪِينْ ٻئوُ

[١٠٩١]تَہ چُنڊي پُڇَنڊي حَرفَ سين نَمَازَ نَقْضُ ٿِئوُ.

[١٠٩٢]پَرَ صَحِيُ قَولُ نَمَازَ کي ڀڄَڻُ مُورِ نَہ هوءِ

[١٠٩٣]توُڙي حَاجَتَ هَندَ چَيوُ توُڙي تِهانْ پوءِ

[١٠٩٤]ڀڄي نَمَازَ جي پُڇي حَرْفُ تِنْهِ کَان پَاڻِ

[١٠٩٥]آهي جوُ نَہ نَمَازَ مِ، ڪِ ڪَري پَاٽوُ- آڻِ

[١٠٩٦]سَنْتَرِبهوُن سَبَبِ کَهِينْ قَضَا جي ڪِيائِينْ

[١٠٩٧]جَا مَحَلَ پَنهِجي مَاڳِهين پُورِي نَہ پَارِيائِينْ

[١٠٩٨]جي سَا اَچي اوُچِتني توُ چَٽڪي چِتِ

[١٠٩٩]آذَانْ آيوُ وَقْتُ جوُ فَرْضَ تِنْهِ جي وِچِ

---

١٠٩٠. ن. اُتُرِي، اُٿَرِي. ١٠٩١. ن. نَقَضُ (=ڀڄَڻ)، ق. نُقصُ (خامي). ١٠٩٣. ن ق. تِها. ١٠٩٤. ن. پَانَ، ق. پاڻِ. ١٠٩٥. ن. پاٽو- آڻَ، ق. پاٽو آڻِ. ١٠٩٨. ن ق. چَنْڪِي. ١٠٩٩. ن ق. آذَا.

[۱۱۰۰]تاڻيِي تنهِ نَمَازَ کِي جَانْ حَالُ هِهَڙوُ هوُءِ

[۱۱۰۱]جِئَن نَہ تَرتِيبَ تَمَامُ ٿِي نَہ ٿوُرو وَقْتُ ٿَکوُءِ

[۱۱۰۲]تِهْرَ يِکِڳي تِنتِ نَمَازَ سَا ، وَرِيوُئِي وَرَاءِ

[۱۱۰۳]جي پُڄَائِي پُورِي ڪِيئِي تَہ نَفْلُ ئِي پڙهِيَاءِ

[۱۱۰۴]اَنَٿرِيهوُن اِمَامَ کِي جي سَجدِي سَهوَ پوُءِ

[۱۱۰۵]تَہ مَرْ مُؤتَمُ تِنهْ سِين سَارِي سَلاَمُ چوُءِ.

[۱۱۰۶]مَسْبُوقُ ڏِي سَجدا سَلاَمُ مَ وَارِي

[۱۱۰۷]اُو جَاڻِي سَلاَمُ جي ڏِئِي تہ نَمَازَ کِي کَارِي

[۱۱۰۸]توُڻِي جَاهِلُ جَهْلَ سِين خَطَاً سَلاَمُ چوُءِ

[۱۱۰۹]تَہ عُذْرُ نَاه اَبوُجَهئِينْ، نَمَازَ يِڄِي توُءِ

[۱۱۱۰]ڪِ "مَسْبُوْقُ" "مَاسَبَقَ" کِي آڳاڻُو اُٿئِو

---

۱۱۰۰. ن ق. جا حالُ. ۱۱۰۱. ن ق. ٿَکُوءِ. ۱۱۰۳. ن. ڪِيِي، ق. ڪِيَي، ن ق. پَرِياءِ (۱: پَڙِياءِ = توکي مليا، ۲: پَڙهياء= تو پڙهيا) ۱۱۰۶. ن. ڏي سَجدا، ق. ڏي بَہ سَجدا.

[١١١١]ڪَرِي رَڪْعَتَ پَانهجِي سَجدِي کِي رَسئو
[١١١٢]تِهَانْ پوءِ سَجدَا سَهْوَ جَا اِمَامَ ڏِنَا جِي
[١١١٣]پِڃِي نَمَازَ مَسْبُوقَ جِي، جِي تِنْهِ سِين سَهْوَ ڏِي
[١١١٤]سَهْوَ آخِرَ نَمَازَ ۾ پَاڻِهِينْ ڏِينْدو پوءِ
[١١١٥]اِيُ مَسئلوَ مَسْبُوقَ کِي لاَزِمُ سَڪَڻُ هوءِ
[١١١٦]ڪِ ڪَرِي نَہ قَعْدو پِهرو اُٺِئو مُقْتَدِي
[١١١٧]جِي وَرِي قَعْدِي نَہ وِيهِي تَہ نَمَازَ تِنْهِ پِڳِي
[١١١٧][پَرَ صَحِيُ قَوْلَ ڪِتَابَ جِي پِڄَڻُ نَمَازَ نَہ ڪو
[١١١٧]ڪِتَابَ "دُرِّ مُخْتَارَ" ۾ اِن پَرِ آٿِي ٿو]
[١١١٨]اُٺِيِتَالِهِيوَن اِمَامَ پُٽِ اَبوَجُهِ جو عَارِي
[١١١٩]جِي نِيَّتِي سَبوَجُهِ سو جو قُرآنَ جو قَارِي
[١١٢٠]تَہ پِڳِي تِتِ نَمَازَ سَا اِمَامَ مُقْتَدِينِ

---

١١١٩. ن. سبوجهہ سو، ق. سبوجهہ سوجو. ١١٢٠. يعني، امام ۽ مقتدين.

[١١٢١] سَپِيئِي پُٺِ سَبوَجَهہ جِيءَ مَرْ موَّتِي بِهَارَ ڪَنِ

[١١٢٢] پَرَ سَندِي قَولَ صَاحِبَنْهَ پَڄِي نہ تَنِ سَندِي

[١١٢٣] جِيڪِي هُوَنِ جِهَاسِ بِئَا مُومِنَ مُقْتَندِي.

[١١٢٤] چَالِيهوَن چَئِي غَيرَ جِي، جِي ڪَنهِ مَاڳُ چِڏِئوَ

[١١٢٥] وِجِهي وِڪَ نَمَازَ ۾ اڳِي تِئِي اُيوَ

[١١٢٦] ڪِ ڪِهِي ڏَنَائِين ڪَنهِ ڪِي هَنڌُ اِيندِي ۾ مَاڳَ

[١١٢٧] پَرَ جِي رِڙِهئوَ وِرِمِي تہ نَاهِ پَڄَڻَ جِي بَاڪَ

[١١٢٧/١] [پَرَ صَحْيُ قَولُ ڪِتَابَ ۾ هِنَ پَرِ لِکِي تِوَ

[١١٢٧/٢] تَہ جِي اِينْدَهِينْ رِڙِهئوَ تہ پُڻْ پَڄَڻُ نہ ڪوَءِ

[١١٢٧/٣] "فَتْحُ القَدِيْرَ" ۽ "بَحْرَ" ۾ اِنَ پَرِ تِوَ چوَءِ]

[١١٢٨] اِيڪِيتَالِيَهوَن اوَچَتِي جِي ڪَنْهِ قَيْ آچِي

[١١٢٩] توَڙِي پوَءِ نہ پَڌَرِي پَرِي وَاتُ وَجِي

---

١١٢٥. ن ق. اڳِي تِي. ١١٢٧. ن ق. رِرِوَ (=رِڙِهئو). ١١٢٩. ن ق. وَنجِي.

[١١٢٩/١][تہ اِھڙي ڦَيْ نَمازَ کِي پَڙهِيا چُون پِڄي
[١١٢٩/٢] ۽ جَانْ وَرِي پِيئِي پَڌَرِي نِکَرِي ٻَهْرِ سَا
[١١٢٩/٣]تَانْ پِڄَڻُ نَاهِ نَمازَ کِي پَرَ وُضُوءَ نُقْصُ آهِ
[١١٢٩/٤]وُضُو تَازوُ سوُ کَرِي اَچِي کَندوُ بِنَاءَ
[١١٢٩/٥]جي جَاڻندوُ هُنْدوُ عِلْمَ کَرِي شَرطَ بِنَاءَ سَندا
[١١٢٩/٦] ۽ جَانْ بَاقِي آهِي ٿوُرَڙِي پِرِي وَاتَ نَہ هوُءِ
[١١٢٩/٧]تَانْ نَکوُ خَلَلُ نَمازَ کِي نَکوُ وُضُوءَ ٽِٽوُ
[١١٢٩/٨]پُڻْ مَنْجھَا پِڄَندَڙِن نَمازَ جَنِ توُلَ لِکيائوُن هِي]
[١١٣٠]کِ هَٽِي هَٽَ سِيڻْ آدَمِيِن، کِ چَابُکُ هَٽِي
[١١٣١]کِ پورِهِي کَڄِي جوُ تِهوُ تُوکُ کَٽِي
[١١٣٢]کِ مَٽِي ۾ تيلُ وِجھِي کِ سُرمُو پَائِي
[١١٣٣]کِ ڦَٽِي ڏِيئِي وَارَنِ مُوڙَهَا سَمُجَهائِي

---

١١٢٩/١ - ١١٢٩/٨: اهي اٺ سٽون ن ۾ ناهن، ۽ ق ۾ آهن. اهي مخدوم محمد هاشم رحہ پوءِ وضاحت طور اضافو ڪيون. ١١٢٩. ق. ڪندو بنا.

[۱۱۳۴]مَگرُ هوئِس اَگِهينْ هَتُ سَٽِيوْ جي

[۱۱۳۵]پَڄڻُ ناهِ نَمازَ کي جي سوْ سِرَ مَکي

[۱۱۳۶]پائيِنالِيَهُون پانِهِي کي جي سِرُ اُگهاڙوْ هوءِ

[۱۱۳۷]پَرَ کَري کوْڏِ نَمازَ تي حالَ نِهڙي توءِ

[۱۱۳۸]تاٺيِي تِهِينْ حالَ ۾ جي آجي کي اَگنِ

[۱۱۳۹]تہ نِگِي مُنْڌَ نَمازَ کَان، وَڃْ اوُچي جِيئَن آجِينِ

[۱۱۴۰]ٽِريِتالِيَهُون تَرکُ ٽِيِي جي فَرضَنئَا کوءِ

[۱۱۴۱]تہ بِلاَ عُذْرَ پَڄڻَ پِوءُ ۾ عُذْرِ عَفُوْ هوءِ

[۱۱۴۲]کِ مَري اِمامُ نَمازَ ۾ کِ مُرْتَدُ کوْ ٿِيِي

[۱۱۴۳]تہ پَڄِي نَمازَ مُقْتَدِيِن ۾ مُرْتَد سَبِ وَڃي

[۱۱۴۴]چوْئِيِتالِيَهُون جي چوْئِينْ سُٽِي نامُ رَسُوْلَ

[۱۱۴۵]صَلواة مَٿي مُصْطَفيٰ جوْ اُمّتَ چامَ قَبُوْلَ

---

۱۱۴۰. ن.فرضنا، ق. فرضنئا. ۱۱۴۳. **ن ق**. مُرتدَ سَبِ وَنجي.

[۱۱۴۶]پَنْجينَالِيَهُون جي پِئُوْ مَتَان مِينْهَ ڦُڙوُ

[۱۱۴۷]ڪِ پِوُرُوْ بَرَف جوْ ڪِ نَئِي نَڙِيءَ ڳَڙوُ

[۱۱۴۸]ڇَائِينَالِيَهُون جي ڇُهِي مُڙْسُ مَهِيلِيَ کِي

[۱۱۴۹]تَہ ڇُهَنْدِي شَهْوَتَ سِينْ نَمَازَ جوْءِ پِڄِي

[۱۱۵۰]ڪِ ڪوْ ڏِنَائِسِ قُبْلوُ شَهْوَتَ هوْءِ نَہ هوْءِ

[۱۱۵۱]پِڄِي تِوْءِ نَمَازَ سَا سَارِي سِکِي سوْءِ

[۱۱۵۲]پَرَ تَانْ زَوْجَتَ ذَوْقُ تِئُوْ چُمِئُوْ مُنْذَ مُڙْسُ

[۱۱۵۳]جُہ شَهْوَتَا پَاکُ سوْ تَہ نَمَازَاسِ دُرُسُ

[۱۱۵۴]سَتِينَالِيَهُون سَرِبرَ ۾ جي مِهرَ مَاءَ پِئِي

[۱۱۵۵]ڏِينْدِي بُبوُ بَارَ کِي نَمَازَا وِئِي

[۱۱۵۶]ڪِ پُڄِي پَهْسَ مَاءُ جو ٿَڻُ چَڳَڙِي بَارُ

[۱۱۵۷]جُہ تنْہ نِگِئُوْ کِيرُ ڪِيئْ تَہ نَمَازَ نَاهِ قَرَارُ

---

۱۱۴۷. ن. ڪِ پُوروُ، ق. ڪِ بُروُ، ن. ڪِ نَئِي نَرِيئَي ڪَلُو. ق. ڪِ نِئِي نَرِيئَي ڪَرُو. ۱۱۵۳. ن ق. دُرُستُ. ۱۱۵۴. ن. مَاءُ، ق. مَاءَ. ۱۱۵۶. ن. پهسَ، ق. پَهْسِ (زبر ۽ زير بئي)، ن ق. ماءُ جو.

[۱۱۵۸] ۽ جي ڪيرُ نہ نِڱئو پَرَ تِرِي چَڱُرُون ڏِي

[۱۱۵۹] تہ پُڻ نَباهَ ٿِي نَمازَ سا سارِي مَرْ سڪِي

[۱۱۶۰] اَنِيناليِهُون اُچاتَرو مَٿئو مَنجهہ سُجُودَ

[۱۱۶۱] جِئَنْ ٿَهرَ پيشانِيءَ نہ ٿِي ڪَرَ اُٿِي اُهرِ قُودَ

[۱۱۶۲] ڪِ قُرآنُ نَمازَ ۾ اِنَ پَرِ پَڙهي ڪوءِ

[۱۱۶۳] جِئَن سُٽِي سو نہ ڪَنَ سِيِنْ تہ قِرائَتَ نہ هوءِ

[۱۱۶۴] توڙِي تَحِيّاتُ تِئَن پَڙهي جِئَن سُٽِي نہ ڪَنُ سَندوسِ

[۱۱۶۵] تہ وِجايائِينْ واجِبَ ڪِي اُو پَڙهو نہ پَرندوسِ

[۱۱۶۶] اِيهِينْ حُڪْمَ شَرَعَ جا آهِين سِپِيئِي

[۱۱۶۷] ڪ تَڪبِيرَ ڪِ طَلاقَ چوءِ، ڪِ ڳَولَنِ آجائِي

[۱۱۶۸] اُٺَونْجاهُون اُنارِيِن جي مَوزو مَسْحَ پوءِ پُئَا

---

۱۱۶۰. ن. سجودِ، ق. سجودَ. ۱۱۶۱. ن ق. ٿهْرَ، ن. نہ ٿي، ق. ٿِٿِيي، ن. اُهرِ قُودُ، ق. اَهْـرِ ٿُولَ. ۱۱۶۲. ن. پِرِ، ق. پِرَ. ۱۱۶۳. ن ق. قِراَة. ۱۱۶۵. ن ق. پَرَدوس. ۱۱۶۸. ن ق. پُؤا.

[١١٦٩]توٽي هَٿَ سِين هيڪڙي پُڄي پيرَ ڪَنا

[١١٧٠]تہ بُطُلاَنَ مَشحي بَاطِلَ ڪِي نَمازَ

[١١٧١]ڏِهُوُن جانُ ڏِيهہ ڏَٽِي ڪَرِيمُ ڪَارسَازَ

[١١٧٢]پَنجَاهُون پَروُڙِ هيُ مَسْئَلوُ مُختَارَ

[١١٧٣]جي وِجهي مُصَلِيَ مَنَ ۾ ڪوُ خَطَروُ ڏِيوُ خُوارُ

[١١٧٤]تَاٿِي لَفْظَ ”لاَحَوْلَ“ جَا پَڙهي پُٺِ تَهِين

[١١٧٥]جَانْ وِئُسِ وَهْمُ عُقْبيٰ تہ نَمازَ نَاه پِئي

[١١٧٦]۽ وَهَمُ دُنيَ جوُ دائِمَا آهي هَڏ فَسَادُ

[١١٧٧]سَگهي سَائِينْ تہ ڪَري عِبَادَنِ آزادُ

[١١٧٨]بِئَا پُڻْ نَوَ مُفْسِدَ نَمازَ جَا اڪَرَ آهِينِ هِي

[١١٧٩]پَڙهِي پَروُڙِبِن جي مَولوُ تَنِ مَرِهِي

---

١١٧٠. **ن**. ڪِي نَماز، **ق**. ڪي نمازا. ١١٧١. **ن ق**. ”ڏِهُمْ جَانُ ڏِيہ دَنِي ڪَرِيمَ ڪَارِسَازَ“ ١١٧٢. **ن ق**. پَنجاهُمْ (=پنجاهُون)، **ن**. مختارُ، **ق**. مختارَ. ١١٧٣. **ن**. ديوَ. ١١٧٤. **ن**. تاپي لفظُ، **ق**. تاپي لفظَ. ١١٧٧. **ن ق**. سَڪي ساءِ (=سَگهي سائين. سَگهي= گهري، چاهي، راضي ٿئي).

[۱۱۸۰]اِکَرُ ”اِيْلاَفَ“ سُوْرَ ۾ ساري پڙهجُ ”ضَادُ“
[۱۱۸۱]مَتان تُون ”مَغْضُوْبَ“ جوْ ”ذَالُ“ پَرُوڙِين ”ضَادُ“
[۱۱۸۲]نَندِيءَ زِيَا وَذِي ظِئَا ۾ ذَالاَ ضَادُ رَکِيج
[۱۱۸۳]اِنهِين پَرِ ”عَظِيْمَ“ جِي چُٽِي ”ظِي“ چَئِيج
[۱۱۸۴]جي ”عَظِيْمُ“ چوْئَڻُ اَهُکوْ ٿِيي تَہ ”کَرِيْمُ“ تَت پَڙهِيج
[۱۱۸۵]پِئوْ ”صَادُ“ صَلواۃَ جوْ ”سِينَ“ مَ پَڙهِجُ سوْ
[۱۱۸۶]جي پِهرِي قَعْدِي کوْ پَڙهِي تَہ پَجَڻَ پِوُ ٿِئوْ
[۱۱۸۷]پَرَ آهِي اِخْتِلاَفُ اِنَ ۾ سَندوْ عَالِمَنِ
[۱۱۸۸]کَنِي چَيوْ نَہ پَجِي، پَگِي کي چَوَنِ.
[۱۱۸۹]جَنِي چَيوْ نَہ پَجِي سي حُجَتَ هِيَ وَنَنِ
[۱۱۹۰]تَہ حَقُ جوْ حَرَفَنِ جوْ سي عَرَبَ اَدَا کَنِ
[۱۱۹۱]پِئَا مِڙِئِي مَخْرَجَ ۾ عَاجِزَ ٿِي اُپِيَنِ

---

۱۱۸۱. ن ق. ذَالُ. ۱۱۸۳. ن. جُتِي، ق. چُٽي. ۱۱۸۴. ن. اَهْکو. ن. کَرِيمُ، ق. کَرِيمَ.

[١١٩٢]پَرَ منجهہِ مقدارَ پانھجي مَرْسَعْيُ سَيِيئي ڪَنِ
[١١٩٣]ڪَرِي ڪَرِيمُ ڪَرَمَ سين عَفْوُ عَاجِزَنِ
[١١٩٤]اَڪَرُ "آمِيْنَ" جوُ "مِيْمُ" موُچارو شَدَّانْ رَکِجُ صَافُ
[١١٩٥]هِي حَمْدَه ذِسِجِ ذَادِي مُورِ مَ پِانْءِ مُعَافُ
[١١٩٦]ڪِ "اَللّٰهُ" ڪِي "آللّٰهُ" چوَئِينْ ڪِ "اَڪَبرَ" ڪِي "آڪَبَارُ"
[١١٩٧]چِيتَارِي تَڪْبِيرَ چَؤْ هوُئِجُ نُون هُشُيَارُ
[١١٩٨]سَارِي "سَمِعَ" "مِيمَ" ڪِي، بِي "حَمِدَه" زِيرِ
[١١٩٩]پَڙُهہ پَروُڙِي پَڌِرِي جِمَ جوُڙِي جَزْمَ پيِيرَ
[١٢٠٠]آخِرُ "اَعْلَىٰ" سُورَ جوُ، بِئوُ "ڪَوْثَرَ" بُجُهہ
[١٢٠١]پُڻْ تَنِ تَڪْبِيرَ وِچِ سَارِي سَاهُ سَمُجهُ
[١٢٠١/ا][پَرَ صَحِيُ قَوْلُ ڪِتَابَ ۾ هِنَ پَرَ توُ لِکِي
[١٢٠١/٢]تہ جيڪوُ "صَادُ" صَلواۃَ جوُ "سِينَ" سَاڻِ پَڙهي

---

١١٩٤. ن ق. شَدَّا. ١١٩٥. ن، هِي حَمْدَہْ... مُورِ مَپاءِ، ق. هي حَمْدَہ.... مُور مَپاءِ. ١١٩٦. ن. اَللّٰهُ ءَ اللّٰهُ، ق. اَللّٰهَ ڪي آللّٰهُ. ١٢٠١. ن ق. پُڻِ تَنِ.

[١٢٠١/٣]توڙِي پوِيين قَعْدِي توڙِي مَنجھہ پِھرِي

[١٢٠١/٤]کِ پڙھِي شَدَّ "آمِيْنَ" ۾، کِ چئِي "حَمدَهٗ" هِي

[١٢٠١/٥]کِ کَٿِي ساهُ "اَعْلِيٰ" ۽ "کَوْثَرَ" جِي آخِرَ ۾ تَڪْبِيَرا اَگِي

[١٢٠١/٦]نَہ اِنِ چَئِنِي صُوْرَتُنِ ۾ نَمَازَ ڪِينَ پِڄِي

[١٢٠١/٧]پَرَ ڪَٿَڻُ ساهُ اِنِ بِنِي سُورَنِ ۾ ۽ تَڪبِيرَ وِڄِ
مُسْتَحَبُ آهِي.]

[١٢٠٢]مُلاَحِظِي مَعْنَاءَ جِي وَقْف ڪَٿِجِي ساهُ

[١٢٠٣]بِي رِعَايَتَ وَصْلَ جِي سَا پُڻْ رَکُ نِگاهُ

[١٢٠٤]وَقْفَ وَصَلَ اِعرَابَ جوٗ مُلاَحِظوٗ ڪِجِي

[١٢٠٥]مَتَانْ مَعَنيٰ ڦِيرُ ٿِيِي ڪَلِموٗ ڪوٗ چِجِي

[١٢٠٦]اِتِ پُڻْ عَالِمَنِ جوٗ اِخْتِلاَفُ آهِي

[١٢٠٧]وَقْفَ وَصْلَ اِعْرَابَ کِي جيڪوٗ مَتَائِي

[١٢٠٨]صَحِيُ قَولِ ڪِتَابَ جِي پُڄَڻُ نَمَازَ نَہ ڪوٗءِ

---

١٢٠١/٨. ق. مُستحبَ. ١٢٠٨. ن قولِ، ق. قولَ.

[١٢٠٩]توڙي تَغَيُرُ مَعْنيٰ ٿِيِي غَلَطِ فَاحِشَ هُوءِ

[١٢١٠]پَرَ مُلاَحِظوُ مَڪْرُوهَ جوُ مَنَا مَ لاَهِيوُ توءِ

[١٢١١]چَنْگِيْتَ تِنْهِ نَمَازَ ڪِي وارِي وَرَايوءِ

[١٢١٢] "كُلُّ صَلواةٍ أُدِّيَتْ مَعَ الْكَرَاهَةِ تُعَادُ عَليٰ

وَجْهِ غَيْرِ مَكْرُوْهٍ" آهِي فَرمايوُ.

[١٢١٣]مَانَ مَولوُ قَبُولُ ڪَرِي بَانَهن بَاجَهايوُ

[١٢١٤]رَحَمَتَا رَحَمٰنَ جِيءَ اُمِيدَ مَ لاَهِيوُ

[١٢١٥] "وَهُوَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ" سائِيْنْ سَبَاجهوُ

[١٢١٦]پَڙهوُ ڪَلِموُ سَچَ سِيْنْ تَہ لَنْگهِي پَارِ ٿِيوُ.

لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

[١٢١٧]مؤمِنَاهُ نَمَازَ جَا مَسَئَلاَ موُچَارَ

[١٢١٨]نَاهِ ٻَاٽيِتَروُ تَنِ جوُ آهِينِ گَهٽَا اَپَارَ

---

١٢١٠. ن. وَرَايوه، ق. وَرَايوءِ. ١٢١٧. ن. موُچارا. ق. موچارَ.

[١٢١٩]كَنِي كِتَابَنِ ۾ آهِي هِيَ پَچَارَ
[١٢٢٠]تَہ بِنَ رَڪعَتِيْنَ نَمَازَ جَا بَارَهَنْ ٻُجھُ هَزَارَ
[١٢٢١]پَرَ تَنِي مَنجَهَا تيِتَرِين هِيَ پِهرا پَرُوڙِبوُ
[١٢٢٣]تِهَانْ پوءِ طَلَبَ سَيَنِ سَندِي مَنَا مَ لاَهِيوُ
[١٢٢٤]جِيكوُ مَسئَلوُ هيِكَڙوُ سِکِي شَرَعَ جوُ
[١٢٢٥]فَضْلُ تِنْهِ جوُ مُصْطَفيٰ مُحَمَّدَ فَرِمَايوُ
[١٢٢٦]چَالِيهہَ هَزَارَ وَرِهَنِ جِيءَ عِبَادَتَ سَندوُ
[١٢٢٠]پَاڙوُ ڏِيندُسِ بَادِشَاهُ خَالِقُ خَلَقَ جوُ
[١٢٢٧]عَاصِيءَ تَهِين آسَرِي هِي َ خدمَتَ خَاصَ ڪئِي
[١٢٢٨]تَہ مَانَ عَذَابَا اُبَهِي تِنْهِ وَسِيلِي ٽِي
[١٢٢٩]اَبُوْلُ عَبْدُ العَزِيْزَ پُٽرَ ٻَچِي پَڙهين كَا
[١٢٣٠]هِي مَسْئَلاَ نَمَازَ جَا سَارِئَا سِنڌِيَ واءِ

---

١٢٢٠. ن. رَكعَةٍ، ق. رَكعَتٍ. ١٢٢١. ن ق. تيتَرِهِيْ. ن. پَرُورِبوهُ، ق. پَرورِبو.
١٢٢٨. ن. وسِيلِي تِنِي، ق. وسيلي ٿي. ١٢٣٠. ن. سارِئا، ق. ساريا.

[۱۲۳۱]تَہ مانَ مُؤمِنَ تَنِ کي سِکي سَچَ مَنجھا

[۱۲۳۲]هِنَ کَمِيڻي کي کَنِ کَا کَارَڻِ ڏَڻي دُعَا

[۱۲۳۳]سَبَبِ تَهِنءَ شَالَ تَہ ڇُٽي عَاصِي عَذابَا

[۱۲۳۴]سِينءَ مِڙنِي مُؤمِنِين جي اُمتِي نَبِيَ جَا

[۱۲۳۵]اِلٰهِي اَبُوالحَسَنُ مَنگي تو مُلاَ

[۱۲۳۶]مَوْلِيٰ مِهْرَبَانَ ڏَڻي سَائِين سَڀَاجھَا

[۱۲۳۷]طَلَبَ ڏِيِين تَوفِيقَ سِين مُؤمِنِين مِيَان

[۱۲۳۸]تَہ پَڙهِي پَارِبنِ سَڀِ هي مِڙئِي مَسْئَلاَ

[۱۲۳۹]تَاٺِپي ڏِهِينِ ذَاتِ سَا جَا رَبَّ تو وَڙَا

[۱۲۴۰]رَازِقَ رکِينءَ سَيُکو سَائِين شَيطَانَا

[۱۲۴۱]کَرِ قَبُولُ کَرِيمُ تُون کَمِيڻي کَنَا

---

۱۲۳۴. ن. مِڙِني، ق. مِڙَنِي. ۱۲۳۵. ن ق. مَنْکي. ن. تومُلاَهُ، ق. تومُلا. ۱۲۳۷. ن. توفيق سين، ق. توفيق جِي. ۱۲۳۸. ن ق. هي. ۱۲۳۹. ن ق. تاپي ڎِهِينِ. ۱۲۴۰. ن ق. سَيُکو. ۱۲۴۱. ن ق. کَرُ.

[١٢٤٢]بَرَڪَتَ پِلاَرَنِ جِيءَ جِي طَالِبَ تـوْ سَـندا .

[١٢٤٣]ڪَـارَڻِ طَلَبَ طَالِـبِين رِسَالوْ لِکيوْمِ

[١٢٤٤] "مُقَدّمَةُ الصَّلواة سنڌِي" نالوْ تنه رَکيوْمِ

[١٢٤٥]سَهْـوَ خَطَائُـون خطَرَا سَـڀِيئِي سارِيجَاهُ

[١٢٤٦]مَـنْجهَائِـنِ مِهْرَ پَئِي ڍِسـي ڏُورِ ڪـجَاهُ.

[١٢٤٧]اَچِي نَـظَـرِ عَـاقِـلِيـنْ جي ڪَـا ڪَچَائِي

[١٢٤٨]تَہ سَا سَائِينءَ ڪَارَڻِ ثَوابَ لَگِ سَارِي ڪَنِ سَنْئِي

[١٢٤٩]اَچَاڻِينْ جِيُون اَبوْجهِيُونِ سُڄَاڻَ سَنْيُون ڪَنِ

[١٢٥٠]ڍِلاَ پُـڻ پِـلَـنِ جِيءَ رِڙِهـي رَهـَ پِــوَنِ

[١٢٥١]عَـاصِي پُنِيَ صَالِحِينْ سَـڀِيـئِي شَـالَ چُڻَنِ

[١٢٥٢]مَـهَـنْدِ جَـنِي مُـصْـطَـفيٰ مَـرْڪَـزُ مُرْسَلَنِ

[١٢٥٣]سِـي ڪِـيئَنِ ڪَارِي ڪُنَ ۾ صِراطَا سِرَنِ

---

١٤٤. ن. رکِئومِ. ١٢٤٨. ن. تہ سا، ق. تہ سي. ١٢٤٩. ن. سَڃاڻَ، ق. سُڃَاڻَ.
١٢٥٠. ن ق. رَه پِوَنِ. ١٢٥٣. ن. ڪِيئَي، ق. ڪِيَ. ن ق. صِراطَا سَرَنِ.

[۱۲۵۴]مُؤمِنَ ۾ جَنْهَرِ وِهْسِئوْ وَرْ وَجَنِ
[۱۲۵۵]مَوليٰ مَرهِبِينْ تَنِ کِي ڪَلِموْ جِي چَوَنِ
لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ.

---

این نسخہ حق ملکیت محمّد حسین (؟)
هرکہ بر او دعوا کند دعوا او باطل است
تاریخ اوسط شهر شعبان المعظم سنہ
۱۱۱۵هہ تحریر یافت.

---

۱۲۵۴. ن. ب–۱: ۾ جَنْهَرِ، ق. مَنْجه جَنْهرِ، ن. وَجَنِ، ق. وَنْجَنِ. "نئون نورنامو يا ابوالحسن جي سنڌي" ، ڇپايل منن شاه، حيدرآباد ۱۹۱۹ع: "مومن جنت جاين ۾ وهسئو ور وجن" .

# ضميمو

## ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" ۾ استعمال ٿيل ان وقت (١١٠٠ هہ) جا عام سنڌي لفظ جيڪي هن وقت انوکا ٿا لڳن.

**اُبُوري** (٥٢٧)= ٻرڪي، ڇنڪاري (اُبورَڻُ)

**اُتان** (٧٩٦)= تان، مٿان

**اِرڪِ** (٦١)= ٺونٺ

**اُرُون** (٨٣٦)= اره، ٻيا

**اَسُتَرُ** (٤٨٩)= خچر ڪان وڌيڪ مضبوط جانور

**اَڳَرو** (٥٠٤)= وڌيڪ

**انگڙا** (١٢٥)= عضوا جسم جا

**اَندامَ** (٢٤٣)= عضوا جسم جا

**انگ**= بدن جو عضوو

**اوپالو** (١٧٩)= تهمت، عتاب

**اوبارڻ** (٨١)= مکڻ، آلو ڪرڻ "سَر اوباري آبَ سين"

**اوپائِڻُ** (١٥٥)= مٿي ڪرڻ، مٿي ڪڍڻ، ٻاهر ڪڍڻ. ("عذابا اوپاءِ"= عذاب مان ڪڍ)

**اَوڇائِڻُ** (١٥٤)= ڪپڙو ڏيکائڻ، مٿي يا بدن جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي کي اوڇڻ سان ڏيکائڻ: "مٿو منهنجو رحمت سين اوڇاءِ"

**اُوٺو** (٥٠٤)= گهٽ، پورو پريل نہ

**اُوٺو اڳرو** (٥٠٦)= گهٽ وڌ

**اَهَٿرو** (١٠٥)= هُوٿرو، حرڪتي

**اِهو** (٣٠٦)= ايهو، اهڙو

**اي** (١٩٦، ٥٠٨)= اهي

**باڪَ** (١١٢٧)= پرواه، فڪر؟

**ٻاجهاءِ** (١٧٥)= ٻاجه ڪر (ٻاجهائڻ)

**پرڪا** (٣٤٧)= پيرا

**تانپي** (٥٩،٧٦٣،٧٦٨)= تہ ٻہ، لاڳيتو، واري

**تائِڻُ** (٣٣٢)= گرم ڪرڻ

**ٿُنو** (٧٥٠)= راضي ٿيو (ٿُسڻ)

**تَريزَ** (٤٧٨)= (؟)

**ٿُسَڻُ** (٩٠)= راضي ٿيڻ

**ٿُسَڻُ** (٦١٢)= تن تي راضي ٿيڻ: "تَني کي ٿُسَڻُ"

نوٽ: مٿي لفظن جي آڏو ڏنل انگ مٿن ۾ ڏنل سٽن جا نمبر ڏيکارين ٿا.

**توءِ** (٣٨٠، ٩٩٣)= تہ بہ

**تِهرَ** (٧٩٥) = تنهن وير

**تِهو** (١٢٠)= تهڙو

**تي** (٣٣٢)= تنهن لاءِ، تنهن ڪري

**ٺاڪ** (٣١١)= رهايش وارو پڪو ماڳ

**ٺَراڻِ** (٥٤٦)= ٺــراٺــي، وَٽ، ڏاري ( "اُرَه ٺراڻ"= اُرهہ ڏاري)

**ٺُوبُ** (٥٢٧)= ڪپڙو

**پارَڻ** (٩٠)= پورو ڪرڻ

**پاڪِي** (٦٥٩)= پاڪائي

**پاڪِي ڪرڻ** (١٤٠)= حمد ڪرڻ، پاڪ ڏٺي جي ساراہ ڪرڻ

**پَراهِڻُ** (٣١٣، ٥٠٧)= پهرائڻ، پارائڻ

**پَرَنڻُ** (٣٠٥)= حوالي ڪرڻ

**پَريائِي** (٧٩٦)= پوڙهپڻ، ٻُڍاپو

**پَنَرَهہ** (٦٧)= پندرهن؛ پَنَرَهِي= پندرهن ئي

**پَرُوجَهہ** (٩٥)= پوري سمجهہ، پروڙ

**پُهرِئا** (١٥٨، ١٥١)= "مـهـنـد" جو ضـد، پويان، پوءِ کان، پوءِ تان

**پَهنائِي** (٤٩٣)= فاصلو، وِٿي

**پَهنُو** (٥٠١، ٥٠٦)= ويڪر

**جاڙ** (٧٠٤،٧٠٥)= خودخيـالـي، اڳرائـي- "جاڙ پنهجيءَ"

**جُڙَئُو** (٨٢٣)= پورو بيٺل، رڪيل، ٺهيل

**جُنبو** (٣٢٠)= ناصاف، ناپاڪ، مٽي- ميرو

**جوٽڻ** (٨٦)= شروع ڪرڻ

**جِهرَ** (١٦٨،٧٩٤)= جنهن ويرَ، جنهن وقت

**جيڪي** (٤٨٠)= يا تہ، جان تہ

**جيڪِين** (٧٩٢)= جو ڪجهہ، جيڪي بہ

**جِيَٽو** (٨٦، ٧٦٥)= سچو (پاسو، هٽ)

**حَرَجُ** (٥٦٥)= ڏکيو، تڪليف وارو

**حُلا** (٣١٤) حُليا، ڪپڙا

**چوءِ** (٣١٥)= چَئُہ (امر). چوئڻ= چوڻ

**چِيتَ** (٣٨٨، ٣٨٦)= چيچ (آڱر)

**چوٽَڪي** (٥٩٧)= ڇوٽڪاري، نجات

**درسي** (٩٧٩)= درسي، ميٺجي وڃي

**دُنِي** (٣١٢)= دنيا

**دَهلَ** (١٦٩)= هيبت، خوف، ڊپ

**ڏيکائُون** (٢٢٥)= پڌرائي

**رکَ** (١٠٢)= حفاظت، پناهہ

**رهــاءِ** (٢٢١)= جڳاءِ، پــوري رِهــائــڻ= جڳائڻ، قاعدي مطابق ٿيڻ

**ساهي ڪَرڻ** (٦٣٤)= تَرسي ڪرڻ (ڪو ڪم)، تڪڙو تي نہ ڪرڻ "اونهاري ۾ صبح جي نماز ساهي ڪجي"

**سَيَتِ** (٨٣٣)= چڱيءَ ڀَت، چڱيءَ طرح

**سَرِي** (٢٢٦)= باقي رهي، بچي

**سگي** (١١٧٤)= چاهي، گهري، راضي ٿئي

**سوئڻُ** (٧٠)= ڏاڙهيءَ جي وارن کي وچان اُپِين آڱرين سان ڪِنديرڻ

**سيٺَنِ** (٣٣٧)= ساٿن، انهن سان

**سِينءَ** (٧٥٤)= تائين

**شروعڻ** (٨٧٩)= شروع ڪرڻ

**عَبِيرُ** (٥٢٧)=مرڪب عطر

**عورت** (٦٥٩)= اگهاڙپ

**عوراتن** (٧٧٧)= عورتن کي

**قال** (٢١٧)= ڦار

**قُماشُ** (٣١٣)= ڪپڙو. "نُورَ قُمَاشُ"= نور وارو لباس

**ڪَارَنُ** (٣٧٨)= ڪرائڻ ("ڪاريس"= ڪَرائِيس)

**ڪَر** (٥٠٧)= جڻ: نہ ڪر= نہ جڻ

**ڪَري** (٨٨)= ان جي ڪري، سببان

**ڪَن** (٦٦٣)= وَتِ: "امام اعظم ڪَنِ"

**ڪنا** (٤٣)= کان، وٽان

**کِهي** (٤٩٧)= کِسي: کِهَڻُ= کِسڻُ

**گَٿِ** (٨)= کَسِي، واهي، آڏِ

**گِيَرو** (٣٤٩)= نئون چاول ٻار، ٻارڙو

**گِيُورُ** (٥٠٨)= ٻارڙو، طفل

**گِريا** (٦٢، ٧٨٧)= واحد "گِريو"، پيڏيءَ سان لاڳو مٿيون پاڳو، مُريو

**لَگِ** (٣٦١)= واسطي (ڏٿيءَ لگِ)

**لِگَٿُ** (٢٢٤)= عضوو

**لوءِ** (٥٩٠)= ماڳ، ڳوٺ، رهڻ جي جاءِ

**مَنجهِين** (٥٥٣)= وچين، وچ واري، اندرين

**مَرهَڻُ** (٨٤)= بخشڻ، معاف ڪرڻ

**مِژَهِين** (٦٠٥)= سڄي، جملي ("مدار مِژَهِين نماز جو"= سڄي نماز جو)

**مِهسِ** (٧٢٧)= مَنجهسِ

**ناهِين** (٧٥٥)= نِهَائِين: ("ناهيان هيٺ"= نهائين کان هيٺ)

**نَظرُ** (مذڪر) (٧٦٦)= نگاه، ديد

**وتر** (٥٢٢) هڪ هڪ اِڪائي

**وَٿَ ني ويهڻ** (١٠٢)= پيشاپ ڪرڻ لاءِ،

يا پيشاب ڪرڻ کان پوءِ صفائي لاءِ ويهڻ

**وِتَرو** (٢١٩)= وڏيڪ گهٽو

**وَجائِڻُ** (واو جي زبر سان)= وڃائڻ، ضايع ڪرڻ: "وَجاءِ مَ" (٦٧٣).

**وڃِڻ** (١٨٢)= وڃان نـڪـرڻ، بـاهـر نڪرڻ "واءُ وڃِنئو ڪين"

**وَر** (٣٢٣)=

**ويتر** (٣٢٩)= وڌيڪ

**وِرمِي** (١١٢٧)= آهستگيءَ سان، هري هري (وِرمَڻ)

**ويرو ٿيڻ** (١٠٨)= واندو ٿيڻ، خالي ٿيڻ

**ويلُ** (٥٠٣)= ويڪر "ويلُ ۽ ٻريگهہُ"

**هَرِئو** (٧٧)= آلو

**هَريائي** (٢١١)= آلاڻ

**اوهي** (٥٤٣)= اُهي ("اوهي ماڳ مڪي")

**هي** (١١٧٥)= هِي (گهٽا)، اهي

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو